# ”سدائين سفر ۾“

ليکڪ:
حاجي عبدالڪريم پگهيو

ڪوثر پبليڪيشن جو ٽيون ڪتاب
2012ع

# حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سدائين سفر ۾
ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو
ڪمپوزنگ: محمد اشرف سولنگي
ٽائيٽل: ثاقب جتوئي
تعداد: هڪ هزار
سال: اپريل 2012
قيمت: 200 روپيا

حق ۽ واسطا
عبدالحليم ڀڳهيو وڪيل، هاءِ ڪورٽ سنڌ
03023278490
۽
عبدالصبور ڀڳهيو، ڪيڊٽ

# ارپنا

پنهنجي شريڪ حيات جنهن جي اوجاڳن اجاريو ۽ پنهنجي پُٽَ روشن علي جنهن جيترو پيار پاتو هو سان ۽ محبت ۽ محنت سان هن سڄي سفر ۾ ساٿ ڏنو شل ڏٽي ڪيس ان جو اجورو ڏئي،

حاجي عبدالڪريم پلڳهيو

# فهرست

مهاڳ
پنهنجي پارا
قرب جا ڪاسا ونڊيندڙ
سندس شخصيت مان حلفيہ متاثر
مٽيادار ماڻهو
جنم جنم
تاريخ ۾ نالو ڪمايو
سنڌ جو متحرڪ ڪردار
صاحب ڪردار ۽ لائق انسان
ديانتدار انسان
همت ۽ حوصلو ڏيندڙ
تنهنجي او سائين ذات ڏهوٽين تي پئي
تنهن سندي ڪا ڪري نہ گهان ڳالهڙي
وقف ٿيل ماڻهو
” عجيب شخص“
نيڪي ڪر دريا ۾ اڇلاءِ جو چٽو پٽو نمونو
منهنجو چمڻ
اسان جو ڳوٺ
تعليم
تعليم زيور
ڳوٺ ڪتياڻ ۾ تعليم
يارهين جماعت ۾ داخلا
ايگريڪلچر ايڪسٽينشن حيدرآباد
هاءِ ڙي زمانا
زراعت کاتي ۾ نوڪري
سفارشي بدلي
پروڊڪشن ايگرانامست
نوڪري ۾ رهڻ جو چارٽ
ٻگهيا قبيلو
تلهائي ٻگهيا

## سدائين سفر ۾


اسان ٿلهائي پڳهيا ۽ اسان جو شجرو
پڳهين جو شجرو
ڏاڏا الله ڏنو خان
” بابا سائين جا ڪارنام“
بابا جا گهاٽا دوست جن سان سندس گهٽو اچ وڃ هو
بابا سائين جو بيمار ٿيڻ ۽ وصال
آمڙ آمنہ
منهنجو ادا
منهنجي شريڪ حيات
چاچا حاجي خان جو وڇوڙو
منهنجو ڀائٽو
منهنجي رهاڻ
پڳ
اليڪشن
عبدالصبور سان رهاڻ
گهرن جو ٽرڻ / وڏو نقصان
وارهہ چڏڻ دعوتون
مهمان نوازيون
منهنجي اولاد
ڏوهٽاڻ
حج
جده
مدينو منور
اهم تاريخون ۽ واقعہ ڪجهہ ڊائرين تان اتاريل
سپوا جون سرگرميون
ميهڙ ۾ اچڻ
پوڏ
ميهڙ جا اديب، شاعر، سماجي ڪارڪن، دوست
اسحاق راهي جو ڪلام
امتياز عادل سومرو جي بہ عاليشان شاعري
ميهڙ تي نالو


ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پڳهو

## سدائين سفر ۾

ميهڙ جا ڪجهه وڏا حوالا
ميهڙ جون ذاتيون
ميهڙ جون يونين ڪائونسلون
ادا الله رکيو ڳورڙ
تر جو ٽوئر هالا ڪراچي
شڪارپور
سنڌي ٻوليءَ ۾ ملاوت
عربيءَ جا اکر
فارسيءَ جا اکر
نج سنڌي اکر
فارسي
صوفي لاڪوفي
لطيف شناسي
حادثا ۽ بيماريون
منهنجا دوست / مائٽ
قمر شهباز ٻگهيو
لفظ لفظ خوشبو
عارفاڻو ڪلام شاعر صديق ٻگهيو
اسلام ۽ ان جي پيروي
صلح حديبه تاريخي پڌرنامو
منهنجا پسند جا مولود
ميهڙ جا وڻندڙ فنڪار
حمل فقير
روحل فقير
جاڻ ڇ
قرآن سرچشمه هدايت جون ڪجهه آيتون
حجته الوداع جو آخري خطبو
انساني حقن جو پڌرنامو
سڪندر اعظم
سنڌ تي حڪومت ڪندڙن حڪمرانن جو عرصو
ٿيهه اکري

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

ڊائري ورق / روشن علي جو
ڪجهه اهم هدايات
سياڻن سچ چيو آ
انسان جا ڏهه دشمن
قدر بابت
نيڪ ڳالهيون
سپ ڪان مٺا قول
والد بابت
امڙ بابت
خاص ڪري اولاد لاءِ ٻه لفظ
استدعا

# مهاڳ

اها ڪيڏي نه سٺي ڳالهه آهي جو ويندي ويندي، موڪلائيندي موڪلائيندي، ڪراڙو پنهنجي جوانن ڪي، ڏاڏو پنهنجن پوٽن کي، پيءُ پنهنجي پٽن کي ۽ وڏو پنهنجن ننڍن کي ٻڌائي وڃي ته چوڪرائون! اک پٽڻ کان اڄ تائين، پنهنجا اڳڻ اوطاقون، اوڙا پاڙا ۽ ڳوٺ راڄ مون هيئن ڏٺا. لٽي اپرئي ڪي مون هيئن منهن ڏنو. پنهنجن پراون سان پنهنجي سگهه آهر هي وکون کنيم، ڪٽي ڪٽي دل گهريو هوندو ته بي واهي جي ڪم اچان پر سگهه نه ـــــ ساريندي وِٽُ نه پائيندي انهيءَ بي وس ماڻهوءَ جي ڪم اچي نه سگهيس پر اندر ۾ ارمان ضرور رهيو ته جيڪر سندس ڪم اچان ها! ماڻهو سڀي چمار، ڪي ڪرڻ جهڙا ڪم نه ڪري سگهڻ جا ارمان ساڻ ڪٽي اک پوٽي ٿو. ۽ پڻ اهي ڪم جيڪي ڪيس ڪرڻ نه کپندا هئا، ڪري ٿو ۽ ٻيوءِ سڀي چمار سوچيندو اچي ٿو. ارمان ڪندو اچي ٿو. ته جيڪر اهو ڪم نه ڪيان ها! جيڪر فلاڻي سان هيءَ واٽ نه وٺان ها!بس اهي ارمان اهي پاڳيريون پڇارڪن پهرن ۾ ماڻهو سانديندو سانديندو جڏهن تو مونسان اورڻ کان سواءِ رهي ٽٽو سگهي ته اوري ٿو ۽ اهو سيب سانديل سامان تو مون اڳيان رکي ٿو ته ان گهڙيءَ اهو ماڻهو ڳُلن جو پاءُ ٿي پوي ٿو. ۽ انهيءُ ڪري ئي علامه امداد علي امام علي قاضيءَ جي گهر آتو ڪان مونکان، سڀاجهڙن سنڌي ماڻهن ڪان ته پنهنجو آتم ڪٿائون لکو ۽ قاضي صاحب جي انهيءَ انلگل جو پورائو ڪيو ادي عبدالڪريم ٻگهئي پڻ آتم ڪٿا لکڻ، جيئن آهيان جتي جهڙو رهيو آهيان اجهو اهو آهيان ٻڌائڻ هڪ ته ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ٻيو ته اهو ڪم ئي سچار ماڻهن جو آهي. پنهنجي ڪئي اٽڪئيءَ جي پچار جهڙي تهڙي جو ڪم ناهي. اهو ۽ اهڙو ڪم رڳو سنڌ کي ههڙو ڪتاب ڏيندڙ ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا ادبي عبدالڪريم ٻگهئي جهڙا معصوم سچا ۽ ٻاجهارا ماڻهو.

هن آتم ڪٿا پڙهڻ مان لڳي ٿو ته هي ادو گهر ۾ گهٽ ۽ واٽ تي وڌيڪ ڪرت کي لڳو رهندڙ گهٽ ڳالهائيندڙ گهڻو ٻڌندڙ جيڪي سچ هوندو اهوئي ٻڌايو ٻڌائبو دل دماغ مظلوم جي پاسي ظالم سان سڌو سنئون پڇي نه سگهبو ته به ڏڪار ضرور هن ۾ هوندي ڏئي نه سگهبو ته به ڏکوئبو نه ٻچاڙيو تي حياتي نه گذاري اهي ئي گڻ گهربل به آهن تورڙ حياتيءَ توڙي پنڌ ۾ سورن جي سفر ۾ هي ئي ماڻهو آهن جيڪي جڏهن پرسان لنگهندا ته ڪين سڏي چئبو ته ادا عبدالڪريم ڀهڳيا! يار پلي آئين! گهڙي ڪن ته اسان وٽ به ويهه، پاڻو اسان وٽ بي ايندو ڪر. پاڻو ٻڌاءِ ته ڪيئن تو هلي جهان رب ج يار اسان وٽ وينين به ڪو نه ايندو ڪر مهرباني ڪري، او ڙي پاڙي، هڪ جيڏن هڪ جهڙن ڳوٺ راڄ ۾، ادي عبدالڪريم ٻگهئي جهڙا مانائتا ماڻهو سماج جي سونهن اوندهه ۾ سوجهرو هيڻن جا حال محرم ۽ ڏاڍي جي هنياءَ تي مگ ڏريندڙ منڙا ماڻهو هوندا آهي.

تو کي مونکي گهرجي به چاتو. اهڙائي پلڙا ماڻهو جوئر جي مٺي ڪاني جهڙا منڙا ۽ ٻاجهريءَ جي سنگ وانگر سهڻا! ٻاجهه ئي ٻاجهه چانو ئي چانوَ. ادي عبدالڪريم ٻگهئي جي ڪتاب کي ڪٿان به کولي پڙهه ڪٿي به پڙهندڙ کي نه لڳندو ته هن ڳالهه ۾ ڪٿي لوڻ، مرچ پيل آهن. پڙهندڙ کي دل سان لڳندو ته جيڪا ڳالهه جيئن آهي اهائي جيئن جو تيئن ٻڌائي وئي آهي. ۽ پوءِ ئي خبر پوندي آ ته معصوم پار ڳالهائڻ وقت ايڏو گهڻو چو وٽندا آهن. پاڻو عبدالڪريم ٻگهئي جي پڪائي ته ڏس توڙي جو مزمانن اسان سنڌي ماڻهن سان هيتري ڪئي آ پر پوءِ به مهمان نوازايءَ واري قومي گڻ تان هٽ ٽٽو ڪٽي اڄ کي ڪالهه سان ڳنڍيون ٿو اچي.

هيءَ ڳالهه ڏاڍي ڳوري آ جو پاڻوءَ پنهنجي حياتيءَ جو وچور ڊيلي ڊائريءَ لکڻ سان، لکندو ايو آهي ٿورا ماڻهو پنهنجي اٺن پهرن بابت لکندا پونيرن کي پنهنجي ڪهول ۽ پنهنجي زماني بابت ٻڌائيندا اچن. ٻيو ته هي ادو

پنهنجي ڳالهه اسان کي ٻڌائي ڪيئن ٿو. ڇڻ اسان سندس ڪچهريءَ ۾ ويٺا آهيون ۽ سندس ڏانءُ وري اهو جو پلئه پايو سچ آڇيندي لڄ مران! رڳو نماڻائي! ڪٿي ٻه ٻٽاڪ يا پنهنجي ساراهه نه!

ڏک ڏسي ٿو ته ڪڙهي ٿو ارمان ٿو ٿئيس ته جيڪر هنن بيوس ماڻهن لاءِ مان هيئن ڪيان ماڻهن لاءِ هئين ڪيان مان هونءَ ڪيان ٿو ڪري سگهڻ جي ارمان ۾ ڦٿڪي ٻه ٿو. هن ڪتاب پڙهڻ سان دل مڃي ته جياپي جي واٽن ۾ هيءَ ٻه هڪ واٽ آهي جيڪا ڀاءُ عبدالڪريم ورتي ۽ اسان کي ٻه وٺڻ گهرجي. اک ڇنڀ جيتري مانداڻ ۾ ڪنهن کي ڪيترا پل ملن ٿا ۽ وري جي ان جي پل پهر کي سڪارتي ڏانءُ سان لاياٿو ڪجي ته اها وڏي ڀاڳ واري حياتي ڇئبي ۽ اها وڏي ڀاڳ واري حياتي ادي عبدالڪريم ٻگهئي کي ملي ۽ وڏي ڳالهه ته اهي پل پهر ڪيئن گذاري اڄ تائين هلي ٿو ۽ اوري ٿو پنهنجن پروان ۽ جڳ جهان سان ته اها ڪنهن ٻه طرح گهٽ ڳالهه نه ڇئبي اها ۽ اهڙي حياتي سڀ ڪنهن جي ڀاڳ ۾ هڪ جيتري ۽ هڪ جهڙي ڪانه هجي ٿي.

گهڻو ڪجهه ڏسندي حياتيءَ بابت پڪي پختي راءِ رکي ٿو ڀائو عبدالڪريم. پر پوءِ سنگت کي ٻه موڪل ڏئي ٿو ته توهان جي ڪاپي واٽ آهي ته پلي هجي. واٽون ڏار هجڻ سبب هڪ ٻئي سان منهن نه گهنجائبو هي ڳڻ اسان سنڌي ماڻهن کي پنهنجي سدا حيات ڇيڪي ماءُ وٽان ازل کان مليل آهي ”جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين ڏارئون ڏار“ دل ۽ دماغ ساڳيءَ واٽ تي ناهن هلندا, سنڌي ماڻهوءَ جي اها بيوسائي آهي ته هو حياتي گهڻو ٽڻو معصوم ٻار وانگر گذاري ٿو. پر اهو ڳڻ عبدالڪريم ڀائوءَ جو وڏو ليکبو جو جيڪي ڪجهه پنهنجي چوڌاري پاڻ سان ۽ پنهنجي پرائي سان ٿيندو ڏٺائين اهو سنگت سان سليندو آيو اوريندو آيو, حياتي ڪيس اهڙي ته عمدي ملي جو ڪيس جياپي لاءِ ڪوڙ بدوڙ دوکي فريب جي واٽ ڏي وڃڻ جي لوڙئي نه پئي. اهائي اها ليک آ جيڪا ماڻهوءَ کي نياڳ کان پري ڪري ڀاڳ ڏي وٺيون ٿي وڃي. ۽ اها حالت سڀ ڪنهن سان هڪ جهڙي هڪ جيتري ناهي. ڀائو عبدالڪريم ڏاڍو پيارو ماڻهو ٿو لڳي جڏهن خوش ٿيندي ٻڌائي ٿو ته سعيدي موساٽي ٻه ٻگهيو آ ته رحماني نگر وارو بزرگ ٻه ٻگهيو آ. اهو سڀ ڪجهه ٻڌائيندي ٿو لڳي ته ڀائو پنهنجي ذات تي ٽڏي ٿو. پر. پر خوش ٿي معصوم ٻار وانگر پڙهندڙ کي ٻڌائي ٿو ته اسان ٻگهين ۾ بزرگ ۽ پهتل ٻاجها الله جا ٻه آهن. مٺن سان گڏ چڱا ۽ ٻنهه چڱا ٻه اسان ۾ آهن ۽ پوءِ وري ٻڌائي ٿو ته پاڻ ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڪنهن جون مٺيون پريون اٿائين ۽ وري مٺي پرڻ مهل اهو ٿو ڏسي ته هي جنهن جي مٺي مان پريان ٿو سو ٻگهيو آهي يا ڪو ٻيو مٺين پرڻ مهل ادو عبدالڪريم هڪ اهڙو عقيدت مند فقير ٿو لڳي جنهن وٽ ويڇو ۽ ٻيائي ڪانهي. مٺيون پريندي پنهنجي نماڻائي نوڙت ٿو آڇي. مٺيون پريندي وٽانئس ذات پات هلي ٿي وڃي. ڊيلي ڊائري Daily Daily لکڻ ڪو چرچو آ ڇا؟ سچ چند تارن سان گهاريل گهڙين جو داستان, صبح سان سلامي ٿيڻ کان وٺيءَ سانجهيءَ کان موڪلائڻ کان کان پوءِ وهنوار جو وچور. اهو اٺن پهرن جو سڀ سانديل سامان لکڻ ۽ لکندو اچڻ ۽ اهو ڪم نه گسائڻ وڏي ڳالهه آ پيارا. لکڻ مهل ماڻهو رڳو پنهنجو پاڻ سان گڏ هوندو آ. ڏسندڙ ٻه پاڻ ته ٻڌندڙ ٻه پاڻ ماڻهو سو ٻه ادو عبدالڪريم ٻگهيو ميهڙ جو! انهيءَ جڏهن ڊيلي ڊائري لکي ته انهيءَ ڊيلي ڊائريءَ ۾ سواءِ سچ جي ٻيو ڇا هوندو؟ صبح جو ڪيڏيءَ مهل اٿيس اکيون پٽيم ته ڇا ڏٺم ڪنهن کي ڏسڻ سان اکيون ٺريون هونديون ڪنهن نظاري مزو نه ڏنو هوندو! اڃا پهريون گرهه نيرن جو وات تائين نه آيو ته درتي فلاٽي جو سڏ ٻڌم, پندي ۾ پيل مانيءَ سوڌو وڃي مليومانس. گڏجي نيرن ڪئي سين حوال ٿيا. پوءِ سندس ڪم ڪري وري هوڏي هن ڳوٺ هن آفيس وڃي فلاڻن سان مليس مرڪون ٺهڪ ٿي ويون. يارڙا حياتيءَ کي سيبتن جو سنسار ٻڌائي ٿا ڇڏين ڪنهن سکيو ڪنهن ڏکويو. گهر موٽيس مس ته درتي فلاٽي پٽ اچي پاڪر وڌو. فلاٽي ڏيءَ ڊڪندي ڊڪندي وس ڪيو هو ته مان بابا وٽ پهريائين پڄان ميلجهه کي سيني ۾ سانڍڻ لاءِ ٻانهون ونجهه ڪيون هئم مون پنهنجي وجود ۾ ڇميون ورهايون هيون. اکيون زال ڏي

هيون جنهن مونکي اچا ڏنو نہ هو پر جڏهن ٻارڙن جي بابا بابا چوڻ جي گوڙ تي مونڊي ڏنائين تہ اکين ۾ آدر ڀاءُ هو. پري کان ئي مرڪي ملڻ هو. مرڪي ملڻ جي اها اٽڪل جا اڄ تائين ڪنهن ڪنهن کي سيکاري ناهي.. زال جون اکيون مڙس ۾ تہ ماءُ آسائتا نيڻ بہ پٽ ڏي تہ جيئي شال ڪڏهن تو موٽي ۽ خير سان موٽي آيو. جڏهن عبدالڪريم گهر ۾ گهري ٿو تہ ڏيئن پٽن پينرن ڀائرن جو ۽ توڙي ماءُ جون اکيون تہ ساڳيون پر ڀاوناڻون ڌار ڌار! ٻارڙا بس اهو رڳو اهو ڏسندا تہ بابا آيو 1 زال سوچيندي تہ الائي ڪيئن ڏينهن گذريس ماءُ پٽ جي مُک ۾ نهاري اٿ سٿا پئي ڪندي تہ ٻاهر ماني الائي مليس الائي نہ پٽ ٿڪل هوندو بک هونديس انهيءُ آنڌ مانڌ ۾ وچڙيل سچڙيل خيالن سان ننهن ڏي ڏنو هوندائين تہ مانيءَ جو پڇيس ٿي يا نہ! عبدالڪريم جتي لاهي ڪٽ تي ويهي ٽڪو مٿن ڪان رکي گهر جو سير ڪيو هوندو، رات جي ماني ڪائيندي ڪارائيندي هوريان هوريان جوٽس سڄي ڏينهن جي گهر ۾ ٿيل وارتا ٻڌائي هونديس. اهو سڀ ڪجهہ ادو عبدالڪريم ٻگهيو لکي ٿوءُ ضرور لکي ٿو ۽ پوءِ اها اٿن پهرن جي خيالن توڙي ٻانهن جي لوڏ ڊڪ ڊوڙ سليٽ تان ڏسي پني تي ٿو لکي ۽ ائين ڪرڻ ۾ ڏينهن ٿئو گسائي تہ اها وڏي ڏادي وڏي ڳالهہ آ. سندس ائين ڏهاڙي پنهنجون ساروٽيون سانڍڻ جهڙي تهڙي جو ڪم ناهي. لک ڪروڙن م ڪو ڪو ايئن ڊيلي ڊائري لکندو هوندو ۽ پنهنجي ڪتنب کهول اوڙي پاڙي ڳوٺ راڄ ۾ ٿيل واقعا ڏهاڙي رات جو يا ٻئي ڏينهن صبح جو قلم حوالي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. مٿا ڪوڙا ڪرا ڪوٺا سمجهہ تہ سيئي ڏريون سُڪ تي ويا. ڪهڙي تاريخ ڪهڙي وقت ڪنهن سان ڪهڙو وهنوار ٿ يو ڪنهن ڇا چيو مون يا هن هڪ ٻئي کي ڪهڙي موٽ ڏني. اهو سڀ لکجڻ ڪان پوءِ ادي عبداڪريم ٻگهئي توڙي سندس پونيرن جي مرضي آ تہ جڏهن بہ دل چوين تہ اها آرسي اهو ائينو ڏسن....

اسان وٽ علم ادب جي ڪتابن ۾ پنهنجي آتم ڪٿا سائو پن ڪاروپنو پهريائين پهريائين مرزا قليچ بيگ جي لکيل آ. ۽ پوءِ سنڌ جا ڪي ڪي مهان ماڻهو شيخ اياز، تاجل بيوس، جمال ابڙو اهو ڪم ڪندا آهيا آهن. ٿورڙيون آتم ڪٿائون اسان وٽ سنڌي ادب ۾ آهن پر اهي اتم ڪٿائون وڏي جاءِ ولارين ٿيون، علاما عمر بن محمد دائود پوٽي ڪنديارِي ڄائي لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا وهي ڪاتي جا پنا ڊاڪٽر نجم عباسيءَ ۽ ظفر حسن جون ڪٿائون رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ماتليءَ واري جا " ڪيئي ڪتاب" سائين جي ايم سيد جو جنم گذاريم جن سيد پيرعلي محمد شاه جو چئن جلدن ۾ شاهڪار اهي ڏينهن اهي شينهن سائين حسام الدين شاه راشديءَ جو هو ڏوٽي هو ڏينهن سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جي سماج کي تواريخ علم ادب جي آئيني ۾ پسڻ پرجهڻ لاءِ آتم ڪٿائون وڏي وٽ هجن ٿيون. ماڻهوءَ جو سياءُ ڳانڊاپا، اٿي ويٺي پيار پنهنجائي ساڙ حسد وس ۽ بيو سايون سڀ ڪجهہ ڏسي سگهجن ٿا آتم ڪٿائن ۾. ادي عبدالڪريم جو اهو ڪم ڏاڍو وڏو ڪم آ پنهنجي پاسي جي ڳوٺن راڄن جو هڪ ٻئي سان وهنوار، انهن ڏينهن جي سنڌ ۽ پاڻ سوڌو پنهنجي ڪتنب بابت لکت ۾ ٻڌائڻ مٿين ماڻهن جي ٽولي ۾ ادي عبدالڪري جو پاڻ کي بيهارڻ وڏي ڀاڳ جي ڳالهہ آ. وڏي ڳالهہ اها بہ ڪتنب کهول توڙي مٿن مائٽن ۽ دوستن يارن ۾ مرٽي پرٽي ۽ مُک واقعن جون تاريخون هنڌ ڏينهن ٿاٿو ڪلاڪن ۽ منٽن ساڻ ڏيندي ڊائريون لکيون ويو آهن اها معمولي ڳالهہ ناهي. ادو عبدالڪريم ٻگهيو چڱائيءَ ڏي ڇڪن لاءِ پڙهندڙ کي اجهو هيئن ٿو هر ڪائي

" پنهنجي مان کي آڏو رکان ها تہ اهي ٿاهہ ڪو نہ ٿين ها پر سچائي اهڙو سگهارو اوزار ۽ هٿيار آهي جو بيان ٿئو ڪري سگهجي. تمام وڏن مسئلن ۾ ڪڏهن ٿاهہ لاءِ وچ ۾ پيم ۽ ڪوڙ سرا ذاتي نقصان بہ ڪاڏم، ايتري قدر جو مالي ۽ جاني نقصان پيم. مون ڪڏهن بہ ڪنهن سان اڳرائي ڪو نہ ڪئي پر مون هيل تائن پنهنجن سيني مخالفن دشمنن کي جيڪي مونکي تڪليفون ڏنائون يا منهنجي خلاف سازشون ڪيائون معاف ڪندو آيو آهيان ۽ معاف ٿو ڪيان ايستائين جو منهنجو خون بہ معاف اٿن ماڻهو در تي ايندو ۽ ڪم چوندو تہ حال آهر ڪنڌ نہ ڪيرائيندس موٽي گهر نہ وڃبو هلي پئبو ان سان هرويرو آڪڙ وڏائي غرور تڪبر کي جاءِ ڪو نہ ڏيندو آهيان. رب جي رضا تي راضي رهڻ لاءِ وس ڪندو آهيان.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

” درخواستون لکڻ جو بہ ڪافي فن مونکي ايندو آهي. مان ماڻهن جا لائسنس ٺهرائڻ کان وٺي گئس ڪنيڪشن تائين ۽ نوڪرين لاءِ بہ خود لکي ڏيندو هئس شوق سان ۽ ماڻهن کي خرچ ۽ وڏي تڪليف کان بچائڻ لاءِ آفيسن تائين پاڻ گڏجي ويندو هوس.

”قبرون ۽ مقامن تي گهڻو وڃڻ ڪري پرايون پنهنجون قبرون مونکي ياد هونديون ۽ رهنديو آهن جو مالڪن کي بہ ياد ڪو نہ رهنديون آهن پوءِ تختي لکرائڻ يا ٻارهين مهيني ڪو ختمو ڏيارڻو هجين تہ مونکي ٻڌائڻو پوندو اٿن تہ ادا! توهان جي فلاڻ عزيز جي فلاڻي قبر آهي.

مرڻو تہ بغير ٻڌائڻ جي ئي ويندو آهيان پر پرڻو بہ يادگيرو ناهي تہ زندگيءَ ۾ ڪو گسايو هجيم. شامگيرن دعوتن جي اهتامم ۽ انتظام ۾ سدائين نيڪ نيتيءَ سان ڀيرو رهندو آهيان. ڀور کي تڪبير ڏيڻ کان وٺ ديڳيون ڪٽائڻ تائين توڙ ڪبو. نڪاح مفت ۾ پڙهائڻ ۽شوق سان پرهڻ جو رواج بہ مون وڌو. قبر کوٽڻ ۽ ميٺ وهنجارڻ بہ خدمت ۽ ثواب سمجهي زمين جي ماپ مٽي جي ماپ بہ گهٽ ماڻهن کي ايندي.

ايتري گونا گون ۽ هڻ وٺ جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ٿڪج ڪو نہ ٿيو پر مزو پيو ايندو. سڪون ۽ راحت پئي ايندي خدمتون ڪندي ماڻهو مخدوم ٿيو وڃي پر مخدوم ٿيڻ واريءَ واٽ کي مون هر دم پنهنجي من اندر ۾ ان شيءَ کي پئي ننديو آهي. برو سمجهيو آهي. ماڻهن سان ماڻهن جهڙو ۽ برادريءَ وارو ورتاءُ رکڻ گهرجي. نماز روزي يا ماڻهن جي حال سارو ڪم اچڻ تي ڪو تڪبر عروج نہ وٺي وڃي منهنجو ڪم گهڻو ٽٽو آٽتم ڏيہ دلداري ۽ پنهنجائپ ڏيڻ ئي رهيو آهي.

هاڻي اتي اچي خبر پوي ٿي تہ علامہ آءِ آءِ قاضي چو چيو تہ ماڻهوءِ کي کپي تہ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي ۽ ڀائو عبدالڪريم ٻگهئي گهڻو گهڻو اڳ علامہ صاحب جي سنڌ جي هڪڙي پنهنجي ئي وڏي جي نصيحت ٻڌڻ کان اڳ سندس نصيحت تي هلڻ جي الا توهار ڪري ڇڏي جڏهن پنهنجي حياتيءَ جي ڏينهن راتين جي آڪاڻي لکڻ لڳو ۽ جيڪا اڄ تائين نہ ڇڏيائين.

ادا پڙهندڙ تون هيءَ ڳالهہ بہ ڏس ڀائو تہ هي ڳڻ ڪيڏو وڏو آ جو ماڻهو پنهنجي رٽيل ڪٽيل واٽ کي پڪو پختو روڊ ٺائي ۽ ان تي هلندو ئي رهي ۽ ڪهڙين بہ حالتن ۾ پنهنجي سئين وک تان نہ ٿڙي.

ادبي عبدالڪريم ٻگهئي جي هن آتم ڪٿا مان مونکي تہ لڳي ٿو تہ ڀائوءَ پنهنجي حياتيءِ ۾ هلڻ کان اڳ رڳو ٻن ماڻهن جي ڳالهہ ٻڌي بہ آهي ۽ سمجهي بہ آهي تہ پروڙي بہ ورتي آ. پهريون ماڻهو تہ علامہ صاحب ٻڌائي ويس پيو ماڻهو جيڪو سموري سنڌ جو سماجي سالار آهي اهو ٿو چوي ۽ سڌو سنئون ٿو مون ڏي اگر ڪٽي ٿو چوي تہ وٺيو وڃج واٽ ڪنڌ نہ ڦيرج ڪاڏهين (لطيف) ادي عبدالڪريم بہ ڪڏهن هيڏ هوڏي ڪنڌ نہ ڦيريو آ. پاڻ بابت مٽي سندس ٻڌايل واٽ تي پاڻ هلڻ بہ ڏيکاريو اٿائين ۽ اسان کي ٻڌائي بہ ٿو. چئون ڪٽي تہ سندس آتم ڪٿا لکندڙ هن ماڻهوءَ مٽي ٻڌايل ٻنهي وڏن جا نياپا نہ ٻڌا هئا تہ پوءِ خيال ڇڪي ٿو هن پاسي تہ سندس سياوَ ۾ مزاج ۾ مٽيان نياپا اڳ ئي سمايل هئا جڪي کيس مرجڻ ويل مليا هئا ۽ وري سندس ڀاڳ اهو تہ مٽين ٻنهي نياپن تي هلڻ لاءِ سندس پنڌ پيچري تي ڪو بہ ڪندبو وچايل ڪو نہ هو. سندس پيءُ ماءُ کان وٺي سندس ونيءَ تائين ڪو بہ اهڙو ڪو نہ هئو جيڪو ڀائوءَ لاءِ ڪندبو ٿي پئي گهنگهر ٿي پئي حياتيءَ جي ڪنهن بہ پل ۾ کيس اهو چوڻو نہ پيو تہ گهنگهر گهڻو ٿياس ڇاپي ماروئڙن لئہ “ نہ ڪٽنب جو ڪو نہ ئي پاڻ ڇاپي ماروئڙن لاءِ گهنگهر ٿيو.

ڏنڏا ڏاڙي ۽ ڪٽنب ڪهول جا مرٽا پرٽا ماڻهن جي ماڻهپي گهڻن ڳڻن جا احوال هيئن جيئن هن ڪتاب ۾ تاريخنن سان ڏنا ويا آهن ڪٿ ٻي ڪنهن آتم ڪٿا ۾ ڪو نہ ليندا.

سدائين سفر ۾

( هي ڪتاب آڏاريو لکيل نرالو نِنڊيو داستان آ سنڌ کي ڀڏائڻ لاءِ )

خادم حسين ابڙو

بکر ڳوٺ ڪراچي سنڌ

26/06/2012

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

# پنھنجي پارن

چــــڏي جــيئڻ نامور ويا پنھـــنجي نالو
ڪـــريون تن جيئڻ اسين پڻ اڄ ڪشالو
وٺــون مــوتي جـــڏھن رســتون رباني
ڇـــڏيون ڪـــا پاڻ پـــوين لاءِ نشــــاني
تہ من ڪـــو رھــــگـــذر ان ڏي نـــھاري
لنـــگھــــي ھِن رچ مان پھـــچــي ڪـــــنار

سڀ تعريفون جڳائن ان مالڪ ۽ خالق اڪبر کي جنھن ھي خوبصورت وايون منڊل جوڙيو ۽ جنھن انسان کي علم جي دولت سان نوازيو ۽ قلم سان لکڻ جي وڏي نعمت عطا ڪئي ۽ ڪروڙين درود منھنجي نبي اڪرم تي جنھن دنيا ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ اسان کي جيئڻ جو صحيح رستو ڏسيائون. ھن ڪائنات ۾ اربين انسان آيا ۽ ويا جنھن ۾ ڪوڙ سارن انسانن ڌرتيءَ تي تمام وڏا ڪارنامہ سرانجام ڏنا آھن.

جڳ جو چرخو عجب چلي، سڀ ڪو چوي ٿو بلي بلي ھيڏا سال زندگي جا خبر ناھي ڪيئن گذري ويا ھن ھڻ وٺ جي جھان ۾ ڪو ڪيئن جيئي ڪو ڪھڙي جتن ڪري لطيف سائين بہ ھڪڙي ھنڌ فرمايو تہ "جيئڻ ڪاڻ جيڏيون مون وڏا وَس ڪيام" اٿون بہ ننڍڙي عمر ۾ ئي قلم ھٿ ۾ کڻڻ کان وٺي اڄ تائين زندگي ۽ روز مره جا واقعہ قلمبند ڪندو اچان جنھن کي لڳ ڀڳ اڌ صديءَ کان مٿي عرصو گُذريو چو تہ مان روزمره جي ڊائري باقاعده پريندڙ آھيان ھونءَ مان نہ تہ ڪو اديب يا عالم آھيان ۽ نہ وري ڪو ھنِ ۾ فلسفو يا نظريہ ڏنا آھن بس تمام سادگيءَ سان پنھنجا ذاتي يا مون سان لاڳاپيل تجربا، مشاھدہ ۽ معلومات آھي ۽ سادي نموني سان پنھنجن علائقن، رتين، رسمون رواجن ۽ ھڪ دور جي سنڌ جي حالت اُٿي ويھٺي ڪھڙا انداز ۽ نياز ھئا چا ھلت چلت ھئي پنھنجي حال آھر ھم ڪنار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چو تہ ديڳ مان ھڪ گرھہ کڻڻ سان سڄي ديڳ جي ذائقي جي خبر پئجي ويندي يا ڪرارن جي ٻار مان ھڪ مُٺ کڻي اَنَ جي جنس معلوم ڪري وٺبي ھن کان اڳ بہ منھنجو ھڪ ڪتاب "لفظ لفظ خوشبو" نالي سان ٻہ دفعا ڇپجي چڪو آھي جيڪو بہ بيحد مقبول ويو جنھن کان پوءِ ھيءُ منھنجو مسودو جڏھن دوستن ۽ مائٽن جي نظر مان گذريو تہ گھڻي ڀاڱي اھا راءِ جُڙي تہ ان کي بہ ڪتابي صورت ڏجي تہ بھتر ٿيندو. ھونءَ تہ مواد ڊائريو شُجرا، يا ذاتي نوٽ بوڪ، خط تہ تمام گھڻا آھن، پر ان مان چونڊ ڪري مخصوص شيون ترتيب ڏئي ٽُلھي ليکي جنھن کي پنھنجي ( ڪجھہ يادگيريون) چئي سگھجي اھي ڏيان ٿو ان اميد سان تہ ھينئر جيڪي ماڻھو پري پري کان خاص ڪري شجرا يا غمي شادي يا ڄم موت جون تاريخون پڇڻ ايندا آھن يا جيڪي مون کان ڪجھہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا آھن انھن کي اھو مواد ڪتب جي صورت ۾ ھڪ ھنڌ ۽ گڏ ٿيل ملي ويندو منھنجي ھن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ خاص معاون منھنجو پٽ روشن علي رھيو جنھن لاءِ سدائين دعائن جا ڍير.

مون کي خبر ناھي تہ ھيءَ آتم ڪٿا، ليکي ويندي يا نہ يا آتم ڪٿا جي ڪھڙي ڪسوٽي ھجڻ گھرجي اھا بہ ڪو نہ ڄاڻان چو تہ مان ڪو دانشور اديب نہ آھيان، بس مان پنھنجي زندگي سان لاڳاپيل واقعا گھڻو ڪر قلمبند ڪندو رھيو آھيان جيڪي پيش خدمت آھن، مان ھنن قصن، ڪھاڻين ۽ حوالن ۾ گھٽي ڊيگھہ چتي ڪوري واري ڪو نہ ٿو ڪريان چو تہ ھن جديد دور ۾ اھا ڳالھہ ماڻھن کي گھٽ پسند آھي ۽ ان جا سبب بہ

آهن ماڻهن وٽ ٽائيم ڪونهي جو وڏو بهانو ب آهي! اڳي وارو ڪچهرين جو ڪانپ ڪڏي ويهڻ وارو دور هينئر شهر ت شهر پر ڳوٺن مان ب ختم ٿي ويو آهي. جيڪو 50 ۽ 60 ع جي ڏهاڪي ۾ هوندو هئو. هونءَ ب لکڻ جي سگهه ۽ ساڃه وري مارڪيٽ ۾ لاهڻ لاءِ دل گردو کپي مان ن وڏي شخصيت رهيو آهيان ن وري منهنجي طبيعت سخت رهي آهي بس مياڻ روي حسن اخلاق ۽ صلاح مصلحت سان اڪثر رهيو ۽ هليو چليو آهيان. مون ڪا اهڙي ڏکي ۽ ادبي ٻولي جو ڪو آزادان استعمال ڪو ن ڪيو آهي ن ئي لکڻ اچيم پرکن دل جي ڳالهين ۽ عقيدن ۽ اخلاقي نقطن کي ظاهر ڪرڻ جو خيال هئم. تنهن ڪر قلم هٿ ۾ کڻي قدر دانن جي اڳيان عرض رکيون اٿم. اميد ت منهنجي ڪوتاهين کي درگذر ڪندا ۽ چڱين نقطن ۽ ڳالهين کي ملا حظ ڪري هن فقير ۽ حقير جي حق ۾ " دعاءِ خير" هيءَ دعا ب سمجهه ت منهنجي عادتن, مشغلي ۾ شمار رهي آهيان جن منهنجي هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪنهن ب قسم جي مدد ۽ تعاون ڪيو.

بارگارهه الاهي مان گهري وڃي ت منهنجي ڪيل محنت جو اُجورو مان سمجهندس ت مون کي ملي ويو

( لطيف جي هن سٽن سان)

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار

دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

# پهريون باب : قرب وارن جا قول قرار

■

## قرب جا ڪاسا وندينڊڙ

انهي بحر عميق جي غواصن مان هڪ غواص منهنجو هر دلعزيز جان کان پيارو فيض راشديہ جو موتي فقير حاجي عبدالڪريم صاحب پڳهيو جن هينئر بہ هن ميهڙ جي شهر ۾ پنهنجي قرب جا ڪاسا وندينڊا پيا وتن پنهنجن پيارن حضرت حق تعاليٰ جي خاص پانهن منهنجس سهڻي حبيب ڪريم رئوف رحيم صلي الله عليہ وسم جن جي سچن غلامن جي تعريف نہ تہ خوشامند آهي نہ رياڪاري بلڪ پنهنجي پرين سان سچي محبت جو سچو ثبوت آهي. پنهنجي هر دلعزيز پياري دوست فقير حاجي عبدالڪريم پڳهيو صاحب جن سان سال 1993 ع کان واقفيت تہ هئي ليڪن ويجهڙائي تڏهن ٿي جڏهن 2005 ع ڌاري ذڪر پاڪ جي محفل ناچيز جي رائيس مل واري مسجد شريف ۾ مچندي هئي تنهن ذڪر " لاالہ الاالله" ۾ فقير سائين جن جي ڪيفيت عجيب رهندي هئي ۽ وري جڏهن پنهنجي منٺڙي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي دورد پاڪ الصلوه والسلام عليڪ يار رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو غلغو شروع ٿئي تڏهن هر فقير کان سندر وجداني ڪيفيت نرالي پئي نظر اچي آخر ۾ وري جڏهن نعت شريف جو سلسلو شروع ٿئي تہ سنخت دل بہ مين ٻجيو وينا لڙڪ وهائڻ اها فضيلت دل جي درد وارن ڪي حاصل آهي ۽ انهيءَ درد ۾ منهنجي ربَ العزت جلشانہ اها طاقت رکي آهي جو هڪواري عرش عظيم جا ملائڪ نوري بہ وجج ۾ اچيو وڃن. جيڪو خالق ارض وسماءِ عزوجل جي ڪائنات خلقن جو خاص مقصد آهي. پنهنجي دوست فقير ۾ پيون جيڪي ڪجهہ خوبيون منهنجي خالق عظيم عزوجل ربَ ڪريم سمايون آهن جهڙو ڪ هميشہ مخلص ڪيني ڪلفت جو نام ونشان ڪي ڪونہ نندي وڏي سان سهڻي اخلاق سان پيش اچڻ هر ڪنهنجي ڏک سک ۾ ساٿي رهڻ اهي خوبيون ئي تہ الله ڪريم جلشانہ جي مخلص پانهن جون آهن، ربَ ڪريم کين خضري عمر عطا فرمائي کين پنهنجي آل اولاد سنگت احباب سان ساٿ سلامت فرمائي " آمين"

هـي منهن ڏيــئي پن، وهہ ڪائي نہ مـرين
هو جي ملير جايئون، توسين سگ نہ ڪن
تون ڪيئن منجهان تـن پاڻ چـائين مارئي.

شاهہ

بس پوءِ فقير سائين جن جو تصور ڪري لڪرائڻ واري جيڪي لڪرايم تنهن مان جيڪڏهن ڪا چڱي خوشبوءَ اچي تہ انهيءَ لڪرائڻ واري جو ڪمال ۽ اگرچ غلطي نَظر اچي تہ هن ناچيز جا قصور سمجهي معاف فرمائيندا.

فقير سڪندر علي پٽ قاسمي ميهڙ

## سندس شخصيت مان حلفيہ متاثر

منهنجو سوٽ نالي حاجي عبدالڪريم ٻگهيو صاحب جنهن سان اسان جا خانداني تعلقات آهن. منهنجو والد صاحب مرحوم ڏتو خان مهيسر جا سوٽ جي والد صاحب مرحوم چاچا غلام حيدر سان پڻ گهرتعلقات هيا. منهنجو والد صاحب ۽ سوٽ جو والد صاحب گذريل وقت جا معزز ۽ معتبر ماڻهو ليکيا ويندا هئا ۽ پڻ پنهنجي برادرين جا چڱا مڙس هئا. سوٽ عبداڪريم منهنجي عدنا سوچ موجب ڪامياب ترين انسان آهي. ڪاميابي جو ثبوت اهو تہ هن پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري آهي ۽ اعليٰ عهدن تي پڻ پهچايو آهي. هڪڙو پٽ روشن علي جج صاحب آهي تہ ٻيو پٽ اينڊوڪيٽ آهي عبدالحليم مختصر ذڪر ڪندي اهو چوندس تہ سندس اولاد دکي سوٽ سٺي رهبري ڏني آهي جنهن ڪارڻ سٺن عهدن ۽ روزگار ۾ پڻ مصروف آهن پاڻ هن وقت تائين (71) سالن جي عمر ۾ ڏيا بيطس هوندي بہ دوستن، برادرين، رشتيدارن سان خوش اخلاق سان اٿا ويٺي ڪري ٿو. آءُ سندس شخصيت مان حلفيہ متاثر آهيان.

بشير مهيسر

## مٺيادار ماڻهو

سائين عبدالڪريم ٻگهيو صاحب ۾ ڪا بہ وڏائي ۽ هَٺ نہ ڏٺو اٿم سدائين نرمي ءِمرڪي ملڻ، نهايت ئي خوش طبيعت هيءِ پنهنجن توڙي پراون لاءِ ڀلائي وارو ماڻهو آهي منهنجي ماءُ چوندي هئي تہ هن وڏو عرصو آريجا ( واره)“ سدائين ( ياڳ ) ۾ پنهنجي ٻنين ٻارن وارا ۽ تمام وڏن ڪشادن گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو هئا هنن جوابو غلام حيدر بہ تمام وڏو معتبر ۽ نالي وارو ماڻهو هئي. سائين عبدالڪريم جو لکڻ پڙهڻ سان تمام پراڻو ناتو آهي هر شعبي ۾ توري گهڻي طبع آزمائي ڪندو رهيو آهي هن کان اڳ لفظ لفظ خوشبو“ نالي ڪتاب بہ ميدان تي آندل آتس پر هي گونا گون شخصيت جو مالڪ آهي. هن هڪ پروگرام ٻگهيا برادري سنڌ جو هالا پٽ شاهہ ۾ رکرايو هئو جنهن ۾ حزب الله خان ۽ ڊاڪٽر AR ٻگهيو سميت تمام معتبر ماڻهو شريڪ هئا جنهن کي وڏو مان ڏنو ويو هئو مطلب تہ فيصلا ماڻهن جي درن تائين ڪرڻ کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندو آهي. سندن اولاد جي بہ هن اهڙي تربيت ڪئي آهي جو هن هڻ وٽ ۽ نفسانفسي، جي دور ۾ بہ عبدالحليم وڪيل صاحب جي محنت کي سلام آجو چاچي سميت سچي گهر جي مالڪي ڪيو ويٺو آهي. جيڪو مٽ مائٽ ۽ دوست سنگت جي ڪم اچي ٿو جيڪا معمولي ڳالهہ ناهي اهو اثر ۽ تاسير بنياد جو آهي جنهن جي سائنس DNA بہ تعريف ڪري ٿي. اسان اڪين سان ڪوڙ سارا وڏا خاندان سماج ۾ ٽيڪ ۽ برابري واري هلت نہ هئڻ ڪري اڪين سان برباد ٿيندي ڏٺا آهن پر هن خاندان پنهنجي حثيت بهتر انداز ۾ بحال رکيو اچي اها معاشري ۾ معمولي ڳالهہ ناهي. هن خاندان جا مون تي بہ تمام گهڻا احسان آهن پر نوڪري دوران هڪ هنڌ تي ڪي شاهينگ حياتي ڪسن ها جي ” غلام حيدر“ خان جو نالو نہ ڪٽان هئا. جيڪو سندس والد صاحب آهي هن ماڻهوءَ ۾ تمام وڏي مٺيا آهي جيڪا سنڌ جي گهٽ ماڻهن ۾ مون ڏٺي آهي ۽ شل سدائين هن جا ويڙها وسندا رهن.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

ڊاڪٽر حڪم ڪامريڊ
قمرالدين ڀگهيو ماڏو فريد آباد

▪

## جنم جن

لکڻ نه ايندو اٿم پر تصور ڪيان ٿو ته جيڪو اچي ها ته سچي دنيا جا وڻ قلم ڪريان ۽ سمنڊ مسُ ڪيان ” ته به سرڪيائي نه ٿئي ها. ۽ اهو حق ائون ادا نه ڪري سگهان ها. بس اها خواهش رهندم ته به جنم جنم ۾ به بابا سائين جي ئي قدمن ۾ هجان.

عبدالقيوم ڀگهيو

▪

## تاريخ ۾ نالو ڪمايو

مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڪٿان شروع ڪيان مان جيڪي ڪجهه پنهنجي بابا جي باري مکان اهو تمام ٿورو آهي ۽ پنهنجي بابا جون نيڪ تمنائون اسان جي لاءِ هميشه گڏ هونديون آهن ۽ چوندا آهن ته هزارين ميلن جو سفر هڪ قدم سان شروع ٿئي ٿو ۽ بابا سائين هڪ غريب شخص ٿي هزارين ملين جو سفر طئي ڪري پنهنجو نالو تاريخ ۾ ڪمايو ۾ بابا سائين هڪ فقيراڻي زندگي گذاريندي اچيءَ پيو نه ڪا وڏائي نه ئي هَٺ ۽ هميشه سادگي سان رهندو اچي پيو اسان سيني ڀگهيا قوم جي لاءِ بابا سائين جا ڪوڙيندڙ آهي هميشه غريبن جي مدد ۽ پنهنجي هر هڪ مٽ مائٽ سان مدد ڪيائين ۽ انتهائي هڏڏوڪي هر دل عزيز انسان هيو ۽ بابا سائين قدرت جي طرفان اسان جي لاءِ وڏي نعمت آهي.

عبدالرشيد ڀگهيو

▪

## سنڌ جو متحرڪ ڪردار

بابا سائين طرفان پنهنجين يادگيرين تي مشتمل ڪتاب پڙهندڙن آڏو آهي. بابا گذريل ٽيهه چاليهه سالن کان قلم جي نوڪ سان پنهنجين يادگيرين کي مسلسل ترتيب سان سهيڙيندو رهيو آهي جنهن ۾ پاڻ سنڌن مشاهدي آڏو آيل سمورا قصا ڪهاڻيون ۽ وارتائون قلمبند ڪندا رهيا آهن آئون بحيثيت سندس پٽ جي جيڪا بابا سائين ۾ مستقل مزاجي منصوبه بندي ۽ هر ڪم ترتيب سان ڪرڻ جي جيڪا خصلت ڏٺي آهي سا آئون اڄڪلهه جي جديدت جي دعويدار نوجوان طبقي ۾ به نه ٿو ڏسان پاڻ غريزن قريبن حال ۾ به خوش گذاريندڙ ۽ پنهنجي پاڙيسرين راڄ مٽن، مائٽن قريبي جو سڀ کان اڳ ڀلو چاهيندڙ ۽ خير گهرندڙ پنهنجي

اولاد سان دوستي وارو ناتو رکيو آهي بابا سائين اسان پائرن جو هڪ بهترين دوست به آهي ۽ جڏهن اسين سمورا سندس صحبت ۾ هوندا سون ته پاڻ ڪنهن به ننڍڙي يا وڏي مسئلي تي اسان سمورن سان مشاورت ۽ صلاح مصلحت ڪندا رهندا آهن صوفي لاڪوفي طريقي جي دل سان عزت ڪندڙ هن باريش شخصيت کي مذهبي متيپد ۽ منافقرت کان هميشہ متانهون ڏٺو آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڻ طريقہ اهلسنت جماعت کان متاثر هوندي اسلام جي سمورن فرقن جي ماڻهن ۽ گروهن سان ڪچهريون ڪندي ۽ ساڻن اٿندي ويهندي ڏٺو آهي. بابا سائين جي هن قلمي پورهئي تي ڪين ڪيترو داد ملندو اهو ته وقت ٻڌائيندو پر پاڻ هي جيڪي دل جي اٿاهہ عشق سان گذاريل ڏهاڪن کان ڏٺو ۽ پرکيواٽن اهو جيئڻ جو تيئڻ لک تاريخ جي حوالي ڪيو اٿن ۽ بابا سائين ڪڏهن بہ وڏي اديب يا دانشور ٿيڻ جي نہ دعويٰ ڪئي نہ وري هام هنئين اٿن هن تہ رڳو ماضي ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن تي لکيو آهي ۽ جيڪو آئون پاٺيان تو تہ متان وڏين ادبي اصطلاحن ۽ محاودا سان نہ بہ لکيل هجي پر سنڌي سماج ۾ هڪ متحرڪ سماجي ڪردار پاران جيڪي رندا روڙيا ويا آهن اميد تہ قبول پوندا.

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن

تن جو صرافن اڻ توريو اگهايو.

عبدالصمد پگهيو

■

## صاحب ڪردار ۽ لائق انسان عبدالڪريم بگهيو

سائين تي ۾ اکر لکڻ کان اڳ ڏاڍو پريشان آهيان ۽ سوچيان تو تہ سندس اعليٰ شخصيت سان انصاف ڪري سگهندس سندن منڙي طبيعت جا سوين هزارين پاسا آهن لکان تہ لکي سگهندي هن ناچيز توري ڪوشش ڪئي آهي شال مالڪ مهربان تي توفيق ڏئي جو تہ آئون نہ لکاري آهيان نہ ليکڪ هن بندي کي تہ خط جي عبارت بہ لکڻ نہ ايندي آهي چاچو عبدالڪريم شفيق پيءُ مهربان دوست، پاجهارو انسان لائق انسان آهي ۽ محترم شخصيت، وفادار اسان جهڙن سادن ماڻهو لاءِ تہ چپر چانو نينهن لائڻ ۽ دوستي نڀائڻ سندن کان ڪو سکي سندن سان جنهن بہ هڪ ڀيرو قرب پري ڪچهري ڪئي تہ اهو ماڻهو سندن منڙي گفتگو ۽ قربن ۾ قيد تي ويندو.

هر ماڻهو سان سندن عمر، مزاج ۽ علم مطابق گفتگو ٿيندي مُرڪون ورهائيون ماني جو صلاحون ٿينديون نصيحتون ٿينديون پاڻ چوندا آهن تہ مڙس تي رهو ۽پنهنجي ڳالهہ مڃايو، سندن دوستي جو حلقو تمام وسيع آهي ابتدائي ڪچهري دوران مون کي هر دلعزيز ۽ سدا قربدار انسان نظر آيا، اهڙي طرح ڪچهرين ۽ ويهڪ ملڻ جُلڻ جو سلسلو شروع ٿيو ائين اسان جي گهرائپ وڌندي وئي ادب ۽ نياز جو مون طرفان سلسلو شروع ٿيو حالانڪ عمر ۾ مون کان وڏا مون کي پٽن جي برابر مان ۽ محبت ڏيندا آهن هڪ دفعي جو قصو آهي تہ سندن فرزند عبدالصمد جي شادي خانہ آبادي جي سلسلي ۾ هڪ پهرو (جانور) جي خريد ڪرڻ لاءِ سندن جو ساٿ نصيب ٿيو.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

پاڻ حڪم ڪيائون ته ڏوڪري منهنجا دوست آهن ذات جا ڀڳهيا ڳوٺ ڪاراٽين جا رهاڪو آهن اوڏانهن هلون ٿا سنڌن جي هڪ زبردست ۽ ساراه جوڳي ۽ بهترين عادت رهي آهي ته دوستن کي ادا ڪري سڏيندا آهن وقت اچڻ تي نالو وٺندا آهن نه ته ادا ڪري ڪوٺيندا آهن اتي پهتاسين ائين محسوس ٿئي پيو ڇڻ اعليٰ حضرت پير مرشد پيو محسوس ڪريان ته دنيا جا محترم انسان اسان آهيون.

حاجي عبدالڪريم جي طبيعت ۾ رَبَ اُلعالِمِينَ تمام گهڻيون خوبيون جمع ڪيون آهن آئون پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهيان ته چاچي حاجي عبدالڪريم جهڙي نيڪ انسان جي صحبت نصيب ٿي آهي ڪن ماڻهن جي شخصيت ۾ مقناطيس واري ڪشش ٿيندي آهي انهن جي زيارت ۽ تصوير ڏسڻ سان ايمان تازو ۽ من جا مونجهارا لهي ويندا آهن پٽائي صاحب ڪهڙو نه چڱو چيو آهي ته.

جو ڳيئڙا جهان ۾ نوري ناري
پري جن پري آئون نه جيئندي ان ري

ڪنهن دوست مون کا پڇيو ته زندگي ۾ ڪيترن ئي شعبن سان وابسته ماڻهن واسطا رهن ٿا جن ۾ استاد، شاگرد، دوست، صحافي، ٽيچر، وڪيل، سياستدان سان واسطا جڙيا آهن پر سيني کان وڌيڪ مون کي چاچي عبدالڪريم جي شخصيت متاثر ڪيو. پاڻ صاحب ڪردار انسان هئڻ سان گڏگڏ قابل ۽ ڏاهو انسان آهي پاڻ ديندار صوم صلوات جا پابند آهن پاڻ چوندا آهن ته خوف رکو الله جو هئڻ گهرجي زندگي ۾ اهو نقطہ نگاهہ انسان کي بي خوف بنائي ڇڏي ٿو ۽ اندر جو اطمينان نصيب ٿئي ٿو.

علي شير ڳورڙ ميهڙ

■

## ديانتدار انسان

منهنجو نانا سائين جنهن کي ائون بابا سائين سان پڪاريندو آهيان نهايت ديانتدار انسان آهي. چوندا آهن ته اگر ڪنهن انسان کي پرکڻو اٿوَ ته اُن سان گڏ سفر ڪري ڏسو ۽ مون جڏهن به بابا سائين سان گڏ سفر ڪيو اهي تمام گهڻو سکيو اتم بابا سائين مسڪين سان سٺو ورتاءُ. غريبن سان ملڻ جو انداز اپوجهن سان محبت ۽ سنڌن جي ماڻهن سان اُٿا ويني ڪرڻ جي طريقي وغيره مون تي تمام ئي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

بابا سائين جون چوٽيو ۽ اُنهن جا قول نهايت ئي فيضياب آهن مون بابا سائين سان ڪيترائي دفعا مذهبي توڙي سماجي موضوعن تي گفتگو ڪئي آهي سندس پاڻ هڪ وسيع علم رکندڙ ملڪيت جا ملاڪ آهن پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جون حديثون ۽ سنتون نه صرف زباني سمجهايون بيان ڪيو اٿس پر بلڪ انهن کي پنهنجي عملي زندگي ۾ پاڻ ڪري ڏيکاريو اٿن.بابا سائين قديم رسمن، رواجن سان گڏوگڏ جديد Technology کان به خوبي واقف آهن سندن زندگي هڪ مثالي زندگي آهي. منهنجي نندپڻ کان ئي خواهش رهي آهي ته بابا سائين جي نقشي قدم تي پرپور نموني هلندي ادب ۽ اخلاق کي پنهنجو هٿيار بڻائي زندگي جي اعليٰ مقامن تي جاءِ پذير ٿيان.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو

ڊاڪٽر قادر بخش ڀُگهيو
( چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو )

## همت ۽حوصلو ڏيندڙ

سمجهه سان ٿياسون تہ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ شخص کي ايندي ڏسندا هياسون جيڪو سلجهيل سُنت مطابق ڏاڙهي، پٽڪو، ٽوپي ۽ هٿ ۾ تسبيح، حج ڪرڻ، زڪوات تي پورو لهڻ، پراڻن دوستن کي نہ وسارڻ مرٽو پرٽو بيمار ماڻهوءِ ڪان طبيعت پڇڻ، عزيزن، دوستن جي قبرن تي وڃي قُل پڙهڻ، عيد ڏينهن جيڪو اوطاق تي اچي ان کي سنڀالڻ ان جو سبب معلوم ڪرڻ سندس جا خاص گُڻ رهيا آهن، اسان تي بہ سندس جوا اولاد جيان شفقت جو هٿ رهيو آهي. اهو آهي چاچا حاجي عبدالڪريم ڀگهيو. چاچا سائين قوم جي ڪيترن ڇوڪرن کي اسڪول ۾ داخلا ڪرايو تہ ڪن کي مدرسن ۾ ڪن جون فيون معاف ڪرايون تہ ڪن جي في پاڻ هڙان وڙان ڏني، پاڻ مفت ۾ ٽيوشن سينٽر بہ هلايائين. هن جي اها محنت محبت ۽ شفقت ايترو تہ رنگ لاتو جي ڪي نوجوان حافظ قرآن ٿي تہ ڪي وري تعليمي ماهر ٿيا تہ ڪي وري ڊاڪٽر تہ ڪي قانوندان ٿيا. سندس پٽ روشن علي جج صاحب ۽ٻيو پٽ عبدالحليم وڪيل ٿيو. اهو سندس محنت جو هڪ اعليٰ مثال آهي. سائين همت ۽حوصلو ڏياريندڙ ڏک ۽ سُک ۾ شريڪ ٿيندڙ صلح پسند ۾ ڪامياب فيصلا ڪندڙ سماجي ورڪر ماڻهن جي خدمت ڪندي سائين کي تمام گهڻو سڪون ملندو آهي، ڪنهن مريض کي ميهڙ ۾ علاج ڪرائڻوهجي يا ڪوٽڙي، ڪراچي. لاڙڪاڻ پر سهارو سائين جن جو هوندو آهي. مولا سائين کيس اُجر ڏيندو.

( رحيم بخش ڀگهيو ڳوٺ چارو )

## تنهنجي اوسائين ڏات ڏهوٽين تي پوي

آزادي لئہ جدوجهد ڪندڙ ماڻهو زنجير پائي بہ آزاد هوندا آهن ليڪن ظالم آجو هوندي بہ زندان ۾ واڙيل هوندو آهي آئون اهڙو معاشرو چاهيان ٿو جنهن ۾ ڪو بہ شهري نہ غلام هجي نہ بدحال موت جون اکيون ڏسي آيو آهيان يقين ڪريو تہ فقط زندگي موت ڪان نہ ٿي ڊڄي پر موت بہ زندگي ڪان ڊڄي ٿو ( گوتم )

گوتم جا اهي لفظ S.M.S ذريعي ان وقت نامياري سماج سڌارڪ ۽ اڪين جي بيمارن جي ماهر ڊاڪٽر محمد خان شيخ مون ڏانهن موڪليا جنهن وقت آئون سنڌ جي انتهائي مانائتي انسان ليکڪ مهمان نواز شخصيت چاچا حاجي عبدالڪريم ڀگهيو تي لفظ لکڻ لاءِ پنا پين ٽيبل تي رکي لکڻ جي شروعات ڪري رهيو هيس ۽ پوءِ گوتم جا اهي لفظ پڙهڻ ڪان پوءِ مون هڪ پاسي گوتم جا اهي لفظ پڙهڻ ڪان پوءِ ٻئي پاسي ڪان ڊاڪٽر محمد خان شيخ کي رکي ۽ وچ ۾ وري چاچا عبدالڪريم جي گهڻ پاسائتي شخصيت کي رکي

پڙهندڙن لاءِ هڪ ڳجهارت ڇڏڻ چاهيم... پر وري مون اهو سوچيوتہ هي جديد دور آهي ان ۾ بہ ڳجهارتن، قصن ۽ ڪهاڻين ۽ داستانن کي سولو ڪري پيش ڪجي تہ اهو وڌيڪ بهتر ٿيندو ان لاءِ آئون ڳجهارت کي ائين پڃي ٿو ڇڏيان تہ چاچا عبدالڪريم ٻگهيو.

اسانجي خطي جو اهو املهہ صوفي ۽ درويش خيال جو انسان آهي جنهن جي جدوجهد ۾ گوتم بہ سمايل آهي تہ ڊاڪٽر محمد خان شيخ جهڙن انسانن جي جدوجهد جو رستو بہ شامل چاچا حاجي عبدالڪريم ٻگهيو سان منهنجي واقفيت ان وقت ٿي جڏهن 88 ۾ اسان پنهنجي ڳوٺ مان لڏي مهيڙ آياسين ۽ اسان چاچا عبداڪريم وارن جي پاڙ ي ۾ اچي رهياسين ۽ ان وقت منهنجو بابا محمد ملوڪ چانديو، چاچا حاجي خان ٻگهيو سان گڏ مزدوري ڪندو هو ان وقت چاچا عبدالڪريم کي مون ڪاري پوتي، چاپائي ڏاڙهي خوبصورت مهڪندڙ ۽ پهڪندڙ چهري سان ڏٺي آئون جڏهن بہ ساڻس مليس تہ هن منهنجي متي تي ۽ ڳل تي شفقت ڀريو هٿ رکي پيار ڏنو ان وقت چاچا حاجي عبدالڪريم زراعت، جي کاتي ۾ نوڪري ڪندو هيو پر مهمان نوازي ادب دوست ۽ فنون لطيف سان چاهہ رکندو هيو ۽ هي ايترو فرض شناس هيو جو ڊيوٽي پابندي سان ڪندو هو ۽ ان وقت صرف ۽ صرف زراعت کاتي لاءِ وقف پاڻ کي ڪري ڇڏيو هو چاچاعبدالڪريم جي گهڻ رُخي شخصيت ان وقت سامهون آئي جڏهن هي نوڪري تان رٽائرڊ ٿيو ۽ هن عوامي ڀلائي لاءِ جدوجهد جو آغاز ڪيو برادرين جي هلندڙ تڪرار جا نبيرا اوطاق تي ايندڙ مهمانن جو روايتي طريقي سان آدر ڀاءُ ڪرڻ ۽ ادب کي سهيڙڻ هن جا مشغلا هيا سندن پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل ”لفظ لفظ خوشبو“ نالي پهريون مجموعو شايع ٿي چڪو آهي ۽ هي ٻيو مجموعو اوهان جي هٿن ۾ آهي. پڙهندڙ تي ٿو ڇڏيان تہ مون کان وڌيڪ اُها ڪا راءِ ڪارائتي ثابت ٿئي. آئون چاچا عبدالڪريم کي سلام ٿو پيش ڪيان جنهن اولاد کي تعليم ڏياري جج، وڪيل ۽ ٻين اعليٰ عهدن تائين پهچايو.

چاچ حاجي عبدالڪريم جي ڪتاب ۽ شخصيت تي لکڻ لاءِ ڪافي ٽائيم ۽ جڳهہ جي ضرورت آهي ان لاءِ آئون ان کي اتي ئي مختصر ڪندي دعا ٿو ڪيان تہ اي مالڪ سائين تون اسان جي نوجوانن کي وطن فروشي، قومي غداري، دوستن ۽ قوم سان دوکيباز ۽ٺڳي وارن ڏنڌن کان بچائي چاچا حاجي عبدالڪريم جهڙن انسانن جي نقش قدم تي هلڻ جي سگهہ عطا فرمائي.

رياض چانديو

## تنين سندي ڪام، ڪري سگهان نہ ڳالهڙي

هر انسان ۾ مولاسائين وسي ٿو متيءَ جي مُٺ مان احسن تقويم انسان جي تخليق ڪئي آهي مهربان رب جي محبوب تخليق انسان آهي جڏهن ماڻهپي جون سموريون علامتون هڪ وجود ۾ جنم وٺن ٿيون تہ انسان افضل البشرڀٽجيو پوي قومون ماڻهن سان ٺهنديون آهن ماڻهو اڻلڀ هوندا تہ قوم ڪٿي لهي سگهبي مطلب تہ ماڻهوءَ جهڙي شيءَ ڏاڍي ڏکي تي لڀي اهوئي سبب آهي جو يوناني فيلسوف ڊايو جينز ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ ٻتي ڪنيو پيو هلندو گهمندو هو ۽ مولانا رومي دانهون ڪندو رهيو تہ ديون جهڙا منهن ڏسي ڪڪ ٿي پيو آهيان ماڻهو ڏسڻ ٿو چاهيان سچا پچا لائق، ذهين، باڪمال، سخي، علم دوست، قلم ۽ علم سان دوستي نڀائڻ وارو سخي ۽ نيڪ دلي انسان بنائڻ ۾ قدرت جي ڪاريگري جو ڪمال آهي.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

سمورين صوفي صفتن ۽ قلندري طبعيت جو مالڪ اعليٰ حضرت سائين حاجي عبدالڪريم پگهيو صاحب به هڪ مجيل ڪيل انسان آهي پاڻ قدرت جي مهربانين جو اعليٰ نمونو آهن سخي صفتن جا مجسما آهن علام ۽ فضل جو خزانو آهن وفادار ۽ لائق انسان جيڪو سندن دوستي جي دائري ۾ داخل ٿيو آخري گهڙي تائين نڀائڻ سندن رت ست ۾ شامل آحي سندن منڙي گفتگو ۽ ماکي لاي زبان ۾ مولا سائين وڏي طاقت ۽ تاثير رکي. آهي اڄ عمر جي آخري حصي ۾ آهن تڏهن به سندن منهن مبارڪ جي سونهن ۽ چهري جي روشني چٽي نظر ايندي سندس چهري تي سهڻي حبيب صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت سجايل هن عاجز بندي جا سندن سان 25 سالن کان محبت ۽ صحبت رهي آهي ڪڏهن به سندن زبان مان ڳُتا لفظ اڻ وڻندڙ گفتگو نازيبا الفاظ نہ ٻڌا آهن زماني جا ڪيئي لاها چاڙها ڏکيائون غربت ڏنائون پر ڪڏهن به زبان تي ذڪر نہ آندائون تہ هي تڪليف هو تڪليف ڪڏهن بي صبرا نہ ٿيا صبر ۽ شڪر سان مالڪ سائين جي محبت ۾ محورهيا هر حال ۾ صبر شڪر جو دامن نہ ڇڏيائين سندس دوستي ۽ وفا ڪين ڪان ڪو سُکي پاڻ حضرت علي عليہ السلام جو هي قول ٻڌائيندا آهن. ”اگر توهان ڪنهن تي پروسو ڪريو ٿا تہ آخر تائين پروسو ڪريو نتيجو چاهي ڪهڙو بہ نڪري، آخر ۾ يا تہ توهان کي هڪ سچو دوست ملندو يا هڪ سٺو سبق“ پاڻ خلق خدمت جي جذبي سان سرشار رهيا آهن اڄ بہ آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ ڪو بہ سندن کي جائز ڪم ۽ خدمت لاءِ چوندو تہ پاڻ اُٺي کڙا ٿيندا پنهنجي طبيعت، زمان مڪان گرمي سردي بيمار بخار کي نہ ڏسندا پنهنجي حال حيثيت مطابق توهان جي امي، درمي سُخني، مدد ڪندا سائين حاجي عبدالڪريم صاحب جن دوستن لاءِ هميشہ ٿڌي ڇانو رهيا آهن سندن مرڪن سان ڪيئي گلاب ٽڙي پوندا آهن هڪ دفعي ڪچهري ڪندي سندن کان حجت ۾ هڪ سوال پڇيم تہ سائين توهان 75 سالن جا ٿي ويا آهيو توهان موت کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ پاڻ ٿڌو ساهہ پري چيائون ادا جڏهن سڪندر ۽ قلندر کي هڪ ڏينهن مرڻوآهي تہ پوءِ ڊپ ڇا جو سچي چمار هڪ حقيقت پسند انسان وانگر پنهنجي واٽ تان تڪليف جا ڪنڊا هٽائيندا ۽ وڏي همت سان وک اڳتي وڌائيندا رهيا. سائين حاجي عبدالڪريم صاحب هن ناچيز کي هميشہ نصيحت ڪندا رهندا آهن پنهنجي باطن کي ظاهر کان بهتر رکي ظاهر خلق جي ڏسڻ جو مقام آهي حق الله جي نظر گاهہ آهي پاڻ سچي ابتدا کان اڄ تائين جُهد، جدوجهد، جستوجو ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ آتا رهيا آهن هڪ دفعي هن راقم کي پوک جي بيماري جي سلسلي ۾ ساڻس مشورو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي جو تہ پاڻ فيلڊ اسسٽنٽ جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيا آهن سندن جي امير خاني اڇڻ ٿيوسندن کي سچي زمين جي بيماري جا تفصيل ٻڌايم انهيءَ مهل پيادل پنڌ سٺو جيت مار دوائن جي دوڪان تي رسمي عليڪ سليڪ بعد دوائون ڪٺائي ڏنائون هڙان بہ مدد ڪيائون اگر مگر ايچ پيچ ترسو ٽائيم ڪونهي سپاٽي ملنداسين اجايا سبب پيش نہ ڪندا آهن ڪم ڪرڻو آهي مهل، موسم ٽائيم کي ناهي ڏسڻو لطيف سائين تڏهن تہ چيو تہ

”اهڙا جن اُهڃاڻ، آئون نہ جيئندي ان ري“

سندن جي علم ۽ قلم سان دوستي رهي پاڻ هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي منظر عام تي آندو اٽن ۽ ٻيو ڪتاب ترتيب جي آخري مرحلن ۾ آهي لکڻ پڙهڻ سندن محبوب عمل رهيو آهي علم وارن جو آدر ڀاءُ ڪرڻ سندن حليم ڀاڄهاري طبيعت جو اعليٰ اُهڃاڻ رهيو آهي.

چاچي حاجي عبدالڪريم پاڪ پيغمبر جن جي پاڪ سيرت مطابق زندگي گُذارڻ جي ڪوشش ڪئي اٽن هڪ دفعي ڪچهري دوران ٻنهي جهانن جي سردار جي پاڪ حديث بيان ڪيائون تہ پٽ، ايمان آڻڻ کان پوءِ عقلمندِ جو وڏو عمل اهو آهي تہ الله جي بندن سان سهڻي هلت هلجي يعني انسانن جا حق ادا ڪجن ۽ سندن خدمت ڪجي“ آهي بہ سچ تہ جيڪي انسان ٻين جي ڀلي لاءِ سوچين ٿا

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

پروردگار جو پيار ۽ عنايتون ابدي شفقتون انهن تي وسنديون رهن ٿيون لطيف سائين ٻه انهن لاءِ فرمايو آهي ته عجيبن جا اڱڻ ۽ جنتون انهن لاءِ آهن جيڪي پرين جو پار سڃاڻن.

پڇڻ سي پسن جڏهن تڏهن پرينءَ کي
ڏورينـــديون ڏســـن اڱڻ عجيـبن جا.

سندن لاءِ دعا آهي ته مولا سائين سندن کي ڪامل صحت عطا فرمائي. آمين
وَآخر دَعواَنااَلحمَدالله ربِ العَالمينَ

لياقت ڏيپر

■

## وقف ٿيل ماڻهو

ايمانداري، مخلصي، جفاڪشي، غريب پروري ۽ ٻين جي سک چين لاءِ پنهنجي ننڍ قرٻائڻ جو ٻيو نالو حاجي عبدالڪريم پڳهيو آهي. هن ماڻهو جي زندگي چڻ ”وقف“ ٿيل آهي. خدا تعاليٰ کيس ان جو اجورو ڏيندو.

ڪريم بخش پڳهيو، واره

■

## ”عجيب شخص“

دنيا ۾ ڪوڙ ساريون گوناگون ۽ طلسماتي شخصيون ۽ منفرد ڪردار جا مالڪ هوندا جن پنهنجي مختلف عملن سان دنيا ۾ ڪوڙ سار نوان رنگ پريا هوندا ۽ اهو سلسلو جاري رهندو ايندو، پر سنڌ سونهاري ۾ ٻه اهڙ مٿيادار ماڻهو هر دور ۾ هر وقت پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ ٿيندا رهندا، موهن وقت منهنجي بابا سائين هن شخصيت کي ” مون عجيب شخص“ ان لاءِ قرار ڏنو آهي چو ته هن جا عمل نه رڳو مون کي پر آس پاس جي سيني ماڻهن کي هميشه عجب ۾ وجهندڙ ئي رهيا آهن.

هڪڙي ڪا ڳالهه، ڪالقاءَ عجب ۾ وجهندڙ هجي ته بيان ڪجي هيءَ ته مڪمل حيران ڪندڙ ڪردار آهي. سچ پچ ته ان ۾ آءَ انڪري وڌاءُ نه پيو ڪريان ته ڪو هو منهنجو بابا آهي پر حقيقت ٻه اها آهي ۽ ان ۾ ذرو وڌاءُ ڪونهي.

ڪڏهن ٺاڪ منجهند جو ”گل ڪالوني“ ۾ پلاٽ ماپيندو ته ” بابا حاجي گل مهيسر کان پلاٽ قسطن تي مائٽن کي وٺائي ڏنا اٿم ته جيئن شهرن جو پاسو جهلن ته سندن اولاد پڙهي پوي ته بابا چڱائي ٿيندي ڪڏهن ٻه عاريحن ۾ ڪنهن پار جي ”چٽي“ ۾ ٻه شريڪ ٿيندو ۽ چوندو ته بابا نالو جو مون کي رڪٽو هوم“ برادريءَ ۾ تقريباً بابا سائين نالا رکندو آهي. ننڍي کان ننيو ڪم ڪندي ٻه عار محسوس نه ڪندو بلڪ هميشه ائين تلقين ڪندو رهيو آهي ته ننڍڙا ڪبا تڏهن ئي ته ڪاميابون ملنديون هميشه ڪمن جي فهرست تيار هوندس ان حرص ۾ ته متان ڪو ڪم وسري وڃي ۽ رهجي وڃي. بحر حال سچ پچ عجيب ماڻهو

آهي ” هميشه پاڻ کي ڪنو ۽ تڪليف ڏنا ۽ هميشه پنهنجو ڪم رهائي پين جو ڪيان ۽ پر چوندو آهي ته اڄ 72 سالن ۾ لکيو ته ڪيان ته منهنجو ڪو به هڪ ” وڏو سچ “ آهي.

هِن ڪان اڳ به بابا جو ڪتاب ”لفظ لفظ خوشبو“ به دفعا مختلف ڊرائين ۾ ڇپيو آهي ۽ ائين مون محسوس ڪيو اهي ته اسين هميشه پين ڏارين جي شخصيتن توڙي خيالن کان جلدي متاثر ٿيندا آهيون پوءِ اهي اولهه وارا هجن يا اوپر وار، ساچا هجن يا ڪاپا، پر اسان پنهنجي چوڌاري جيڪي ماڻهو مٽيادار هوندا آهن نه انهن تي ۽ نه انهن جي خيالن تي اسان بلڪل به غور و فڪر نه ڪندا آهيون. گهر جو پِير چلهه جو مارنگ “ جيان.

مان ته ائين چوندس ته اسين سڀ ۽ اهي ماڻهو خوشنصيب آهن جن جو بابا سائين سان واسطو رهيو اهڙو غير مصنر ماڻهو بلڪل جهڙو تصواتي ڪوڙ سارن جبلتن هوندي ڪڏهن به ساڙ، حسد، بغض، ڪينو گلا، چغلخوري، ۽ منافقي ۽ ٻچا پڙائي کي ويجهو نه رهيو. پر هميشه ائين چوندي ٻڌو ويندو ته بابا ٻن کي ٿاهه ڪرائڻ لاءِ ڪوڙ هٺڻ ۾ حرج ناهي تمام نهٺائي، نماڻائي، عاجزي، انڪساري، جو هڪ پتلو نظر ايندو.

هڪ ڳالهه مڃڻ جي قابل آهي ته بابا ڪان وڏيڪ قابل ۽ اهل ماڻهو ڪيئي هوندا پر پر اهڙو ذاتي شرافت جو نمونو گهٽ نظر آيو آٿم. منهنجو ذاتي هڪ ڪڙو تجربو اهي ته تمام وڏا ” نالا“ شاعر، اديب، عالم، جيڪي وڏا وڏا لقب کٽي هلندا آهن پر ذاتي ڪردار ۽ شرافت ۾ ايترو هيٺ بيٺل هوندا آهن جيڪو هڪ قومي الميو آهي. پر هيءُ ماڻهو هميشه ان ڪوشش ۾ رهيو ته ماڻهن جي رستن جا پٿر ڪيئن هٽائجن جيڪو ماڻهو مذهب،عبادت ۾ به خلق خدمت قرار ڏيندو آهي ۽ هميشه سندس زبان تي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو ۽ اهو درس هوندو آهي ته جيڪڏهن انسان ۾ انسانيت اچي وڃي ته انهن سان ملائڪ ۽ فرشتا به جيڪر ريسون ڪن.

■

## نيڪي ڪردريا ۾ اچلاءِ جو چٽوپٽو نمونو.

پنهنجي ذات ۾ انجمن نه ڪا تنظيم ٺاهيائين ۽ نه ڪنهن تنظيم جو ميمبر رهيو پر اڪيلي سر جيتراڪم ڪيائين اوترا جيترا ڪا تنظيم به ڪو نه ڪري سگهي هن جي ڪتاب ۾ به شايد ڪي وڏا خيال تصور، موٽا موٽا يا ڏکيا لفظ ۽ڪي فلسفه پلي کٽي ڳولي نه ليندا هجن پر جيجل جي سادي، سلوٽي ٻولي ۾ خلوص ۽ سچائي سان ٽمتار جيڪي پنهنجن پيارن ۽ آس پاس جي سادن سلوڻن ماڻهن جون ساروٽيون ۽ حوال آهن جن کي مان ته مقدس ۽ وڏي دولت تو سمجهان آئون اِها دعوي تو ڪريان ته مون پنهنجي مختصر عمر ۽ تجربي جي بنياد تي اهو چئي سگهان تو، جنهن ماڻهو پنهنجي سچي چمار ايمانداري سان بسر ڪئي هجي ۽ پنهنجي سچي زندگي غريب، مسڪين، بي پهچ، بي سهارا ماڻهن جي بغير ڪنهن لالچ لوڀ جي مقصد ۽ مفاد جي جنهن عجيب شخص“ پنهنجون ننڍون ڦٽايون هجن اهڙي مٽي سنڌ مٽڙي جي ئي ڳوهيل تي سگهجي ۽ ايڏو اٿاهه خلوص ۽پيار ڪتابن ۾ پڙهڻ لاءِ ته ملي ويندو پر عملن ناممڪن نه به هجي پر مشڪل ترين ضرور رهندو. خدا ڪيس دراز عمر، سالم صحت، دل، دماغ ۽ ايمان جي سلامتي فرمائي.

روشن ٻگهيو

■

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

# باب پيو : منهنجو ننڍپڻ، ڪجھ يادون

■

## منهنجو ڄمڻ

1940 اپريل جي 10 تاريخ ڳوٺ لوٺي وايا نصير آباد غلام حيدر خان ٻگهيو جي گهر ۾ ڄيو پر سرٽيفڪيٽ ۾ 1943 7.4 لکرايو ويو جن ڏينهن ۾ مون اڪ ڪولي يعني جڏهن ڪان مون کي سانير تي تڏهن ڪان منهنجي چوڌاري جيڪي منظر هئا اهي بلڪل ڪنهن شاعريءَ جا منتظر هئا.

اسان جي ڳوٺ جي چواڌري ساوڪ ئي ساوڪ اهڙي قدرتي طرح جڙاءُ ۾ جڙيل جهڙا اڄڪلهه وڏن شهرن ۾ پارڪ پلاننگ سان جڙيل هجڻ جي باوجود به اهڙا ناهن جهڙا منهنجي ڳوٺ جا منظر، مال، متاع جام هوندو هُئو، مينهون، ڳئون، ڏاند، سانهه چڙا، ڇيرون، ڇلر ۽ ليلاڙا، ڇڙيون، پاٺي ٽُڙڪڻ“ پيئڻ (مال متاع) جانورن لاءِ اهوئي هوندو هئو فرق صرف اهو ته ان ۾ ڦتڪي وجهي صاف ڪيو ويندو هئو. پيئڻ لائق نه ته ڪپڙا وغيره اتان ئي ڌوتا ويندا هئا ته مال متاع به اتان ئي وهنجاريو ويندو هُئو صرف گهٽ گهيڙ جدا ۽ الڳ هوندا هئا..

پاڻي جي تيز وهڪري جي ڳڙ ڳڙهاٽ به هڪ مدهم ڳتار جهڙو منڙو ۽ وڻندڙ آواز ڪيندي هئي جيڪو به هڪڙو دلفريب هوندو هئو ان دور ۾ کير پت اسان جي مرغوب غذا هوندي هئي، چانور سُڳداسي هوندا هئا جنهن جي خوشبو هڪ گهر ۾ پت رڌ جي ته سڄي ڳوٺ ۾ ڪڙٻي هئي 1955 ۾ مئد موري لڳ اتر ۾ ڪندبو روڊ سان تعلق وارهه ۾ سرڪار ڪان زمين ڪٽ ڪري بابا جن پنهنجي نالي ڳوٺ ٻڌو سُڳداسي چانور سُنا ڏينا هئا. خوشبو ته لاجواب هوندي هئي جنهن جو اڄ ڪلهه تصور به ڏکيو هوندو ان دور ۾ اسان وٽ سپ ڪجهه هوندو هو. ۽ وڏي ڳالهه ته شڪر گذاري ۽ رضا تي رهڻ جو به هڪ نادر نمونو هئو گهٽي لوپ لالچ يا دولت يا مال ملڪيت گڏ ڪرڻ جو مجموعي طور تي حرص ڪونہ هوندو هئو هر ڪو پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ محو خوش مگن هوندو هو جنهن جي ئي نتيجي ۾ منهنجي طبيعت ۾ ان تربيت جي اثر جي ڪري آئون ته دعويٰ سان تو چوان ته ان ( دولت) طرف مون کي ڪڏهن به ڪشش نه تي ۽ مان هميشه توڪل جي ترجي تُرهي رهيو آهيان ۽ وري دلچسپ صورتحال منهنجي سڄي زندگي ۾ اها رهي ته منهنجو ڪڏهن به هٿ نه منجهيو آهي مان چوندو آهيان ته گهرڻ واري هٿ ڪان ڏيڻ وارو هٿ بهتر آهي.

اسان ٻهراڙيءَ جي ٻارن ۾ هڪ ته رانديون نصيب ۾ گهٽ هونديون آهن جي رانديون هونديون هيون سي به گهٽي خرچ واريون نه هونديون آهن بس فطرت سان ويجهو ۽ هم ڪنار هونديون آهن جهڙي ڏيڪي ڏڪر، لغڙ چڙڪون شڪار ونجهه وٽي، ڪوڏي ڪوڏي، ملهه مان سنهڙو، پتڪڙو، چست ۽ هر راند جو سٺو رانديگر هوندو هئس پاڻيءَ ۾ ترڻ جا مقابلا، (ڏائي ڏائي) به جام ڪيڏيوسين. باقي عرصو ٻنيءَ ۾ ڪمن ڪارين مال چارڻ، رونبو لاب، ڪاٽِ ، ڳالهه ڪرڻ هر قار ۾ ئي گذري ويندو هو. هڪ دفعي جنگي صورتحال ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪي سرندي وارا آهن اهي پنهنجي وَس ۽ وٽ آهر پنهنجي ڀين غريبن مسلمان ڀائرن جي مدد ڪن ته سيني صحابن چيو ته ڏ ۾ وڌاسين اڱرا ڏيون ۽ ڳوءِ ڪٺون پر چون ٿا ته حضرت ابوبڪر صديق رضہ تمام سامان سرڙو ۽ مال ملڪيت اچي خدمت ۾ پيش ڪيو سواءِ پائڻ وارن ڪپڙن جي. جڏهن حضور جن فرمايو ته گهر ۾ ڪجهه رهايو اٿئي؟ ته هڪ خوبصورت جملو وراڻايائون

ڪجھ تاريخ ۾ مرڪوز ۽ يادگار بنجي ويوء مون کي تمام گھڻوپسند ايندوآهي ته ” منهنجي لاءِ الله ۽ ان جو رسول ڪافي آهن.“

مان به ان شاندار قصي کان متاثر ٿي هميشه توڪل جي ترهي تي رهيو آهيان ۽ اهو ترهو زندگيءَ جا الائي ڪيترا اڙانگها ڏکيا سفر مون کي ائين پار ڪريا اٿئين جنهن جو منهنجي لاءِ تصور ڪرڻ به مشڪل هئو.

” وٽ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو “

## اسان جو ڳوٺ

اسان جو ڳوٺ ته ” پنهنجا گھر“ جي نالي سان مشهور هئو ” غلام حيدر پڳھيو“ ۽ ” حبيب ڪوٺ“ جي نالي سان به سڏبو هو 1955 ع ۾ ڳوٺ پڌوهئين اڳئين دور ۾ اڪثر ماڻهو پنهنجي پنهنجي ٻنين ۾ پوءِ پلي ننيڙا ڳوٺ جو نه هجن پر ائين رهندا هئا اسان جي ڳوٺ جو به اهڙو انداز هئو آزاد ۽ خودمختيار مئه جي موري لڳ ڪنور شاخ سان چوواٽي تي اهڙو خوبصورت ڳوٺ جو دل چئي ته اهو منظر ٻيٺو رهجي ۽ پيو ڏسجي پر جڳ جو چرخوچلي هيءَ دنيا هڪ هنڌ بيهئي ئي نه سواهو سفر صدين کان جاري رهيو آهي خبر ناهي ڪيئن ۽ ڪيترو رهي ۽ هلي انت بحر جي ڪل نه ڪائي، رنگي رنگ ٻٽايا“

ان زماني ۾ ڪچا رستا هوندا هئا پر مارڪيءَ سان هوندا هئا بيلدار اهڙي مالڪي ڪندا هئا جو ڪمال آ. مجال آجو ڪو جانور يا گاڏو رستو خراب ڪري پوءِ پلي ڪو ماڻهو ڪيڏو به طاقتور هجي. تنهن دور ۾ ڏاند گاڏي جنهن ۾ ڏاند جو ٽي ڪم ورتو ويندو هئو جيڪا سواريءَ جو به ڪم ڪار ڏيندي هئي غمي شاديءَ ۾ علاج لاءِ به ان کي استعمال ڪيو ويندو هئو ۽ گاهه پٽي ان ڪٽڻ ۽ پلال ڪٽڻ لاءِ به ان ڏاند گاڏي کان ئي ڪم ورتو ويندو هئو. سائيڪل به ان دور جي ئي ايجاد هئي جيڪا به تمام گھٽ يعني پاڻ پرا سرنديءَ وارا يعني ماني مڃي وارن ماڻهن کي هوندي هئي جنهن کي ڪلُ جو گھوڙو به چيو ويندو هئو جيڪا مون کي بابا سائين 1955 ع ۾ وٺي ڏني جنهن تي به مون واهه جي سواري ڪئي ۽ مزا ورتا. جنهنجي پيگ پُر”هوا پنچر“ وغيره به پاڻ ڪندو رهندوهوس ان دور ۾ مان پنهنجا گھر کان وارهه اسڪول روز اچ وڃ ڪندو هوس جيڪو اٽڪل 6 ميلن جو مفاصلو هئو تڏهن اجان اچ وارو ڪلو ميٽر ايجاد ڪو نه ٿيو هئو ” هڪ ميل ۾ سوا ڪلو ميٽر“ هڪ عربي چوٽي ” الستقامت فوق فوقالڪرامت“ جي چوٽي آهي ته استقامت ڪرامت تي به فوقيت رکي ٿي حالانڪ ڪرامت نبين کان ٿيندي آهي. اسقامت هجي ته گھڻا اوکا ڪم به سوکائي ٿي سگھن ٿا.

## تعليم

ان دور جي تقاضا مطابق جيڪا ٻه گهٽ ٻارن ڪي نصيب ٿيندي هئي مون کي آريجن ۾ آئي مڪتب مدرسي ۾ ويهاريو ويو اسان جو پهريون اُستاد سائين مولوي فيض محمد قلپوٽو جنهن مون کي پٽي پڙهائي پهريون اکر سان روشناس ڪرايو اهو منهنجي زندگيءَ جو صدورو ڏينهن هو ۽ آئون تمام شوق سان ڇهن مهينن جي مختصر ترين عرصي ۾ ناظره قرآن پاڪ پڙهي پورو ڪيو بلڪ ان ئي عرصي ۾ ٻين شاگردن جا سبق ٻڌندو ڏيندو ۽ پڪا ڪرائيندو رهندو هئس. اهو 1950 جو سال هيو ان کان پوءِ وري بابا سائين رحمت الله عليه شل سدائين الله جي رحمت هيٺ هجي" مون کي ٽرڙي حاجران لڳ اوير طرف ڪتياڻ نالي ڳوٺ ۾ پنهنجي دوست عبدالرسول ابڙو جي ياءُ استاد مولوي الله بخش ابڙو وٽ پڙهائڻ لاءِ چڏيو جيڪو ان دور مطابق مدرسہ اسڪول جهڙو ڪم ڪندا هئا اهو سال 1951 جو هيو.

5 درجہ اتان ئي پاس ڪيم استادن جي گهرو ڪم ڪار ۾ ذاتي طور ٻه خدمتون ڪندا هئاسين. بابا سائين جي واسطي داري ۽ دوست هجڻ جي ڪري آئون سائين جن جي گهر ٻچڙن ننگن ۾ رهندوهئس. مان پنهنجي استان محترم جي خدمت شوق ۽ ثواب سمجهي ڪندو هوس جيڪا ان دور جي Values ۽ عين قدرن پٽاندڙ ٻه هئي جنهن ڪي ڪو عيب يا خطا جو تصور نہ ڪيو ويندو هئو استاد سائين الله بخش ابڙو صاحب جا پٽ سائين عبدالقادر ۽ عبدالڪريم ٻه اتي ئي استاد هوندا هئا. جن سان ٻه تمام محبتن ۽ قربتن جو رستو هوندو هئو اتي مونسان منهنجا عزيز ۽ چاچو حاجي خان، غلام مصطفيؒ محمد عالم ۽ علي انور ٻه سال اڌ جهڙو گڏ پڙهيا جيڪي ٻه اڌ ۾ ڇڏي هليا آيا ۽ پوءِ اڳتي پڙهي نہ سگهيا.

ان دور ۾ اسان مولود ۽ غزل ٻه جام چوندا هئاسون ۽ ٽيها ختما، (قرآن شريف جو سڄو دئور ڪرڻ) ٻه جام ڪدياسون يعني آئون چاچا حاجي خان، غلام مصطفيؒ ادا علي انور ۽ ادا محمد عالم اسان سيني جو طهر "سنت" ٻه 1950 ۾ گڏ ٿيا هئا جنهن ۾ چاچا محمد هاشم جي شادي ٻه ٿي هئي جنهن ۾ بابا سائين ٻه ڏاند ڪتاهئا طهر قمبر جي رمضان شيخ ڪيا. مون سان گڏ چاچا حاجي خان ۽ جاڙو خان ابڙو ٻه غزل چوندا هئا ٽئين چڙا سُر ۾ ڪن تي هٿ رکي ڳائيندا هئا انڊا منڊا لائوڊ اسپيڪر تي سي ٻه گهٽو ٽٽو پوءِ آيا نہ تہ گهٽو زور پنهنجي آواز تي هو. بعد ۾ هو ٻئي چڙا اهو شوق تہ ڇڏي ويا پر مان اڃان پاڙيون پيو اڃان مولودائي ڪي مان تہ اڄ تائين اهو غزلن جو شوق رکيو ايندو آهيان قدرت واري جي ڪوڙ مهربانين ۽ عنايتن سان گڏ منهنجو آواز ٻه چگڙو آهي. ان دور ۾ جيڪي اسان غزل چوندا هئا سون يادگيري طور ڪجهه هيٺ ڏيان ٿو.

## تعليم زيور

اڳيئن دور ۾ اسڪولن ۾مقابلا ڪرائيندا هئا تہ علم زوريا هُنر مان هاڻي سوچيان ٿو تہ هُنر ٻه مون کي علم ٿو لڳي علم جي اهميت کان ڪير انڪار ڪندو پر علمي طور تي اسان جو ماڻهو علم حاصل ڪرڻ ۾ اڃان تائين ايترو سنجيده ناهي جيترو دنيا جون ٻيون قومون توڙي جو اسان کي ڪوڙ سارن ٻلارن ۾

سونهارن پئي تلقين ۽ تاڪيد ڪيو آهي. جنهن لاءِ هزارين ڪتاب ۽ لکين چوٽيون موجود آهن جيئن پينگهي کان قبر تائين علم حاصل ڪريو. علم حاصل ڪريو پلي اوهان کي چين وڃڻو پوي.

علم انسان جي ٿئين اک آهي و غيره مان علام سان گڏ عمل جو به قائل آهيان ڳالهين سان جيڪڏهن منزلون ملن ها ته ماڻهو ايڏا ڪشالا نه ڪڍن ها. مون پڙهائي پڙهائڻ جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪئي. 70. 1960 جي ڏهاڪي ۾ نياڻيون پنهنجون ته پڙهايم پر مائٽن عزيز ۽ پاڙي وارن جون هلي وڃي گهرن ۾ پڙهائي ايندو هئس ۽ ان ۾ ڪافي حد تائين ڪاميابي نصيب ٿيم. آئون واعظي ڪو نه آهيان ۽ نه ئي سٺي تقرير ڪري سگهندو آهيان پر جيترو وس هلندو آهي ته ڪم ڪندو آهيان عملي ته اهو ئي هو منهنجي ميهڙ اچڻ جو مقصد به آئون اڳ ۾ ئي عرض ڪري چڪو آهيان پر جيترو وس هلندو آهي ته عملي ڪم ڪندو آهيان ۽ ان ۾ اڻون 100 سيڪڙو ڪامياب ٿيو آهيان پر ان کان اڳ جڏهن واره ۾ اسان پهراڙي ۾ ويٺا هوندا هئاسون ته به حاجي عبدالغفار کان ويندي حاجي عبدالله، رحيم بخش منهنجو نياڻو ۽ ان جو ياءُ محمد بخش، عبدالرئوف، عبدالجبار، سڪندر پڳهيو، روشن گاڏهي کان سڪندر چانديو پنهنجا عزيز ته مائٽن کان وٺي گهر پنهنجي ۾ رهائي ڪري هڙان وڙان به پڙهائيندو هئس. ميهڙ ۾ ته مفت ٽيوشن سينٽر هلايم جنهن ۾ ڪوڙ سارا شاگرد پيدا ڪيم (ديني دنوي) مان ميهڙ جڏهن آيس ته وس ڪيم ته پهراڙين جا مائٽ ميهڙ ۾ لڏي اچن ته جيئن اهي سُک پري زندگي گذاري سگهن ۽ سندن اولاد پڙهي پئين ۾ عاليوال چارو کان وٺي واره سجاول تائين چاچو قاسم، ادوانور حاجي عبدالله، حاجي غفار، عبدالرئوف، روشن، بادل، رحيم بخش (چار) وارا ۽ الائي ڪيترا نالا ڳڻان ۽ لکان جنهن جون پلاٽ وٺڻ ۾ ضمانتون ڪٽڻ کان قسطون ڪرائڻ ڏيارڻ تائين مان پڌل رهيس ڏسندي ڪوڙا سارا پُڳهيا ميهڙ ۾ شفت ٿي ويا ۽ انهن تي زور اهوئي هئو ته بابا اولاد پڙهايو. بنيادي طور تي زراعت سان وابسته پر تعليم تي زور منهنجو ان ڪري هو ته رزاعت پيٽ پالڻ لاءِ ضروري آهي پر پيٽ پالڻ واري سماج ۾ بيون جيڪي ذميداريون، اخلاق، انصاف حق ناحق مذهب پنهنجي پرائي جي سڃاڻپ ۽ بيون ڪوڙ انيڪ شيون جيڪي هڪ بهترين سماج جوڙي سگهن اها ته تعليم ئي ڏئي سگهي ٿي...

■

## ڳوٺ ڪيٽاڻ ۾ تعليم

تنين ڏينهن کير مکڻ، ڏُڌ سان گڏ پلي چٽڻ جي مٽرن سان گڏ سرنهن جو ساڳ اسان جي وٽندڙ غذا هوندي هئي جيڪي سچي گهه ۾ ٺاهبا هئا مزو ئي بيو ڪٽاڻ، ڪڙ. ڳوٺ جي پرسان هڪ جهلو هوندو هو جتي پيرن جو جهڳٽو هوندو هو جتان پيرن جا جهول پري پٽي ايندا هئاسون 1951 ع کان نماز پڙهڻ شروع ڪيم ۽ اهڙو هيراڪ ٿيس جو نماز ۾ منهنجو جسم جو عضوو ٿي وئي مان ڪٽياڻ کان لڳ ڀڳ مهيني جا مهينا ڳوٺ ڪو نه ايندو هئس، بابا سائين توڙي جو ايترو پڙهيل ڪو نه هئا پر زماني ساز ۽ اُتي ويٺيءَ جي ڪري سمجهه رکندڙ هئا ان ڪري اهو پانئي ورتو هئائون ته تعليم ماڻهو لاءِ بيحد ضروري آهي توڙي جو زرعي سماج ۾ هٿ جي پورهئي جي گهڻي ضرورت هوندي آهي پر هن اها به قرباني ڏئي مون کي پڙهايو.

جو ته جيڪو جيترو پوکي رائي ڪري سگهندو هئو اهو اوتروئي اَنُ ڪٽي سگهندو هئو ۽ اهو فردن جي زور تي اڳي رونبي جي لاءِ به ونگار ڪبي هئي جيڪا هڪ ٻئي جي همراهي کي چئبو آهي. پهرين درجي انگريزي ۾ اتي منهنجو استاد عبدالحڪيم ابڙو جيڪو سائين الله بخش جو ڀاڃ ۽ هيڊ ماستر سائين رضا محمد

سومرو هو جنهن جو پُٽ غلام مصطفيٰ سومرو به منهنجو ڪلاس فيلو هو، جيڪو پوءِ تعليم کاتي ۾ ايس ڊي اي او به ٿيو ان جي انگريزي هئي هاءِ اسڪول ۾ داخلا کان پوءِ ان ڏينهن ۾ داخلا جوانگ گهٽو گهٽ هو اسان جڏهن 1962 ۾ مئٽرڪ جو امتحان پئي ڏنو ته رڳو 30 شاگرد هئاسون ان وقت اسان جو 8 کان 10 تائين جو هيڊ ماستر سائين عبدالمالڪ مارفاڻي چانڊيو ڪارو هوار هئا تمام وڏا محنتي ۽ قابل استاد هئا جو پان به انگريزيءَ جو ڪلاس وٺندا هئا منهنجو انگريزيءَ ڏي به وڌ ۾ وڌ رهوندو هئو مان هڪڙو ڏينهن اڳ ايندڙ سبق به اڳ ۾ ئي ياد ڪري ايندو هئس هميشه ڪو سوال ڪندو هو ته منهنجي ڏسٽي ( اشهد) آڱر مٿي هوندي هئي ۽ مونکي مرڪي چوندو هو ته BABT توکي ناهيان ان دور جون سهولتون گهٽ پر پڙهايون سخت هونديون هيون اڄ وري سهولتون وڌيو پر پڙهايو ايتريون ڪو نه آهن.

آئون رات جو سبق چمني ” ٽين جي ٺهيل جنهن ۾ گاسليٽ وجهي روشني ڪبي هئي“ تي ياد ڪندو هئس جيڪا پڙهندي پڙهندي ننڊ به وٺي ويندي هئي ته بابوءَ امان سائڻ وسائي ڇڏيندا هئا توڙي جو مان سائيڪل تي واره پڙهڻ ويندو هئس جيڪو به ميلن جو هڪ پاسي جو سفر ٿڪائيندڙ هئو ۽ ان واپسي بعد اڄ ڪلهه جي ٻارن جيان نخرا ۽ فرمائشون بلڪل به نه هونديون هيون بلڪ شوق سان همدرديءَ سان گهرو توڙي ٻنيءَ جو ڪم ڪار به ڪم رهندو هئس ۽ ان ۾ هٿ ونڊائڻ به ڇڻ مان فرض سمجهندو هئس مهمان تائي به بابا سائين وٽ جام ايندا ويندا هئا انهن جي خدمت ۾ به اڳيرو هوندو هئيس ماني ٽڪي کان وٺي حقي پاٽي چلم تائين سڀ منهنجي ڪمن ۾ شامل هئا.

مون پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي دور جي ننڍن ٻارن ۾ جيڪو والدين توڙي وڏن لاءِ ادب، حياءُ يا شناس ڏٺي هئي. ان ۾ اڄڪلهه شديد ڪمي ۽ ڪوٽ محسوس ڪري رهيو آهيان اڄ جدت جي نالي ۾ گهٽيوئي ابتيون سبتيون ڳالهيون ۽ رويا ڏسي رهيو آهيان مون کي ننڍپڻ کان ئي خبر ناهي امڙ ڪهڙي سُتي پيارن جو ٻين جي ڪم اچڻ ۽ خلق کي خوش رکڻ ۾ عجيب خوشي محسوس ڪندو آهيان. جيڪا اڄ تائين ساڳي يعني جوش ۽ جذبي سان جاري وساري آهي. 1955ع ۾ ڪتياڻ ڇڏيم ۽ واره ۾ 5 درجه پاس ڪري ڇڻ هڪ دور جي پڄاڻي تي 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم تڏهن پراڻي ڪورس ۾ سال ۾ مئٽرڪ جو امتحان ٿيندو هيو، اسان جو سينٽر لاڙڪاڻو ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ هئو جتي اسان هاسٽل ۾ رهي ڪري پرچا ڏنا ۽ پوءِ ڳوٺ موٽيس.

## يارهين جماعت ۾ داخلا

مئٽرڪ کان بعد يارهين جماعت ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتم 1963ع جتي به هاسٽل ۾ رهائش ٿيندي هئي ڪلاس گهٽ اٽينڊ ڪياسون ٻارهين جماعت به 1964ع ۾ اتي ڪيم ان وقت صرف هڪ بس وارهه کان لاڙڪاڻي وهندي هئي حاجي خان ڪلهوڙو لاڙڪاڻي واري جي جنهن جو تمام گهٽ ڀاڙو” ڪرايو“ هوندو هئو.

ساريون به ان وقت 40 روپيه في مڻ هونديون هيون لاڙڪاڻي ۾ رهڻ ڪري مان صوم صلات جو ته اڳ ئي ۾ ئي پابند هئس بزرگن درگاهن ۽ نيڪو ڪار ماڻهن سان ڪچهريون ۽ محفلون منهنجو جام هونديون هيون جنهن مان سکڻ ۽ پرائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس اهو اڄ ڪلهه وارو ماحول ڪونه هوندو

هئو اڳي نڪته چيني، ٽوڪ ۽ گلاجا پندار ڪو نه هوندا هئا، باقي ڪم ڪان عاري ٿپ جواب لڳو پيو آهي جنهن تي دل ته ڏاڍي سڙندي آهي ۽ تڪليف ٿينديآهي پر بيوس بار آئن به ڦٽي ڪيا.

منهنجو مذهبي/ ديني لاڙو ته مدرسي ڪان، سني بچپن ۾ ئي ٿي ويو، نتيجن مان ڪوڙ گناهن ننڍڙن توڙي وڏن کان بچيل رهيو آهيان ۽ سماجي برائن ۽ بيمارين ڪان به بچيل رهيو آهيان. ان ۾ فوقيت يا تقويت جيڪا آهي اها وري سائين نجيع الله شاهه راشدي جيڪي اسان جا ابن ڏاڏن کان وٺي مرشد آهن ۽ پير ڳوٺ لڳ، ياروديرو وڳڻ ۾ آرامي آهن سندن درگاهه آهي پاڻ وڏا متقي ۽ پرهيزگار هئا ۽ جيدَ عالم هئا سماج ۾ به سندن وڏي عزت هئي پاڻ شرعي مسئلن کان هڪ مفتي کان وڌيڪ ڄاڻندا هئا.

تمام تر وقت مطالعو ۽ عبادت ۾ گُذاريندا هئا پاڻ فرض نماز کان سواءِ تهجُد، اشراق، اوابين ۽ٻيون نفلي عبادتون جام ڪندا هئا جيڪا عادت هئس مون ۾ اتان پئي. سندس دستر خوان به تمام وڏو ڪشادو هوندو هئو لنگر عام پيو هلندو هئو مريدن خادمن ڪان علاوه سندس ٻيا مهمان به جام ايندا رهندا هئا جهڙوڪ خيرپور ناٿن شاهه ڪڏڻ شاخ پرسان پير ڪوٽ مان پير سائين محمد عمر،علي مصطفيٰ شاه پٽ سرائي پير پنهل جي درگاهه تان حاجي علي مردان شاهه رفيع الدين شاهه بڪيجن مان پير بَنل شاهه پير پورل شاهه سائين نجي الله جي ڪري مون ڪي ڪوڙ سارو فيض مليو ڪي ديني ڪي دنوي، ظاهري، باطني پر سائين جن جي ڪريمون ڪي ٻه دفعا پير سائين پاڳارو جي زيارت جو شرف به حاصل ٿيو پير جو ڳوٺ جيڪو منهنجي حلقي جي تمام گهڻ ماڻهن ڪي نصيب ٿيو سائين نجيع الله جي جنازي نماز لاءِ مشوري قاسم جن آيا. آئون به اتي موجود هئس جڏهن بُزرگ مين روڊ ڪان پهتا ته گاڏي مان لهي پيا دل هلڻ لڳا جُتي به لاهي ڇڏيائون پوءِ جنازي نماز پڙهاياائون اهو ڪمال ۽ اعزاز هو سائين نجيع الله شاه بادشاهه جي دعا گهرڻ وقت به مشورن وارا چون پيا ته سائين اسانجي حق ۾ دعا ڪجو ته شال اسان جي بخشش ٿئي ۽ خد پنهنجو رحم ڪري اسان جي ڪهڙي مجال آ جو توهان لاءِ ڪا دعا يا سفارش ڪري سگهون سائين جن غسل سائين تاج محمد شاهه خيرپور ناٿن شاهه واري ڏنو. موجوده گادي نشين سائين جن جو فرزند سائين پير سيد اقبال احمد شاه صاحب آهن جيڪي به تمام هرلعزيز شخصيت آهن. مفتي ۽ پرهيزگار آهن جنهن سان به منهنجو محبت توڙي عقيدت جو رستو هلندو اچي.

منهنجي مرشد پير سائين نجي الله شاه بادشاهه جا ٻيا پنج فرزند پير صفي الله پير محمد راشد پير عصمت الله پير ولي الله پير ڪليم الله مون ڪي هڪڙو عجيب حرس رهيو آهي اهو اهي نيڪيون ڪمائڻ مان نيڪي مان ڌاپندو ناهيان. حقن الله ۽ حقوق العباد پنهي ۾ توازن رکڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيم پر منهنجي وس ۾ ئي ناهي واڳ ڌڻيءَ وس آئون ڪاپاڻ وهيٽي مان هميشه سچي زندگي چڻ ٻن پُڙن جي اندر رهيو هجان.

لاڙڪاڻ ۾ پڙهڻ دوران 1963 ع ۽ 1964 ع ۾ درگاهه رحمت پور پير سائين عبدالغفار المروف مٺا سائين جي ڪچهرين، واعظن زيارتن ۽ محفلن جا روبرو به خوب مزا ماڻياسون 1964 ع جي آخر ۾ مون جيئن ئي بارهين جماعت پاس ڪئي اجان ان سوچن ۽ خيالن ۾ ئي هئس ته ڇا ڪجي ڪيئن ڪيان ڪهڙو رستو اختيارڪجي. نوڪري لاءِ هٿ پير هٿجن يا تعليم جاري رکجي چو نه اهڙو خاص Guide line ڪو نه هئي پيو Communication Gap ايترو هئو ته جو ڪو ماڻهو جو فوتگيءَ جا لاءِ ميهڙ ڪان ايندو هو ته اهي ماڻهو منهن به ڏسي نه سگهند اهئا ۽ وڏي ڳالهه ته ان دور ۾ برادريءَ ۾ ويهي عزيز ۾ ايترو ڪو به پڙهيل لکيل ماڻهو ڪو نه هئو جيڪو ڪو رستو ڏي هان رهنمائي ڪري هان بهر حال لطيف چواڻي لکيو منجهه نراڙقلم ڪياڙي نه وهي.

## وهانءُ

آئون جيئن ئي لاڙڪاڻي کان امتحان مئٽرڪ جو 1962ع ۾ ڏئي ڳوٺ پهتس ته اسان جي ڳوٺ جو ۽ گهر جو ماحول ئي مٽيل هئو هڪ عجيب صورتحال هئي امان پين سان گڏ هند تيڙ تيار ڪرڻ ۾ رُڌل هئي ته ڪي مايون موڙ ناهڻ ۽ ٽُڪ جون رليون پرڻ ۾ پوريون هئون ڪجهه مرد ان چڙائڻ ۽ وارهه مان سيڊو سامان وٺڻ ۽ ڪاٺيون ڪلنيون ڪرڻ ۾ پورا هئا پُڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته منهنجي شادي آهي منهنجو رشتو ته اڳ ۾ طئي ٿيل هو اهو ان دور جو گهڻي ڀاڱي رواج هئو نه ته به اسان جي خاندان ۾ ته هوئي هو ٻار تيار يعني بالغ ٿيو ناهي سندس شادي ٿي ناهي جيڪو اصول مون به غالبن پنهنجي اولاد پُٽن ڌوٽڙي ڏئين ۾" برقرار رکيو جنهن کي آئون شرعي حڪم سمجهان ٿو. مون سان ان ڳالهه ۾ ڪوڙ ماڻهو اختلاف رکندا آهن ۽ سهمت نه آهن مونکان اڳ ۾ تت (تاريخ) طئي ٿي چُڪي هئي جيڪا 29/3/1962 بمطابق 25 شوال مڪرم جي رات هئي جيڪا هڪ سنڌي شاهوڪار روايت تهذيب ۽ تمدن جو نمونو هئي.

لاڏن،ڪوڏن،دهلن، دمامن، سهرن ۽ ڳيچن سان لائون لڏيون ويون.

منهنجي شادي وڏي ڌام ڌوم سان ٿي جيڪا پنهنجي تر جي وڏي شادي هئي جنهن ۾ چار ڦندرون (جانور) ڪٺيون ويو ڪاري وارو پت جنهن کي هڏي پت چئبو هئو جنهن جو سواد ۽ مزو اڄ ڪلهه جي طعامن ۾ مون کي ته گهٽ ٿو نظر اچي هڪڙو فطري لذت سان ڀرپور طعام هوندا هئا ست راڄي بابا سائين سڏي هئي ماڻهن گوشت سان رانديون پئي ڪيون ڪاٺ سان گڏ ڪٽڻ جو به رواج هئو.

منهنجي ڄڃَ اسان جي ڳوٺ کان ٿلهه منهنجي سهري نبي بخش خان جيڪو پڻ هڪ ساهيٽو، معتبر ۽ وڏو اوطاقي يار ويس ۽ مڙس ماڻهو هئو. تقريبن 30 ڪن بيل گاڏين جي صورت ۾ وئي هئي ڄڃ پنجابين ۽ ڇڪڙا جيڪي شام گير بيل گاڏي کان وڏا اسان جا هاري هئا. ڏينهن اڳ پت ٻاٽ ۽ وهانءُ جي تياري وارا ماڻهو چاچي عبدالله خان آباد واري جي اڳواڻي ۾ وئي هئي جيڪو ان وقت وارهه ۾ رهائش پذير هئو جيڪي ۽ اسان جي ڏاڏنگ ۾ اچن ٿا. ان دور ۾ به بابا سائين منهنجي گهر واري کي سوني ڌهري وڏي هئي جيڪا به تمام گهٽ ماڻهن وٽ هوندي آهي ان دور ۾ پنهنجي علائقي جي وڏي سگهاري شخصيت هئو ۽ چار ڀائر هئا ڪرم الله حاجي عبدالله خان رحمت الله خان حبيب الله خان منهنجو نڪاح منهنجي استاد مولي سائين الله بخش صاحب منهنجي فرمائش تي پڙهايو جيڪو ان وقت ڪتياڻ مان لڏي پنهنجي اصل ڳوٺ ڪندو ۾ رهائش پذير هئو. شاديءَ کان واپسي تي به ٻا ٻا تقريبن ڄڃ کي پاڻ وٽ لاڙي آيو ايترو جو صبح تي به بابا سائين ڦندر ڪٺي هئي اهي قربتون ۽ محبتون حجتون ۽ سخاوتون اڄ ڳولهيي ڪو نه ٿيون لڀن.

■

# سڪرنڊ داخلا

زراعت کاتي مان فيلڊ اسٽنٽ جو ڪورس 1965ع ۾ سڪرنڊ ضلع نواب شاهه مان ڪرڻ اسان جي ڳوٺ سان لڳ انور آباد ڳوٺ ۾ نالي محمد اسماعيل ابڙو جيڪو فيلڊ اسسٽنٽ هوندو هئو جيڪو هر روز اسان جي گهرن (ڳوٺ) کان سائيڪل تي واره ڊيوٽي لاءِ ويندو هئو جيڪو بابا وارن جو واقف ڪار هو جنهن مون کي صلاح ڏني ته نواب شاهه ضلع جيڪو ” شهيد بينظير آباد“ جي نالي سان سڏجي ٿو سڪرنڊ فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس صرف هڪ سال جو ٿيندو آهي تون درخواست موڪل ۽ ڪورس کان پوءِ نوڪري پڪي تي مون کي جو پيو ڪو رستو هئو ڪو نه مون به نه ڪئي هم نه تم درخواست موڪليم انٽرويو ڪال آيو واره مان بس ۾ چڙهي لاڙڪاڻي آيس اتان چڙهي سکر آيس جتان وري ريل رستي سڪرنڊ پهتس ٽوٽل 100 سيٽون هيون 400 اُميدوار هئاسون ان ئي ڏينهن لکت توڙي زباني امتحان ٿيا ۽ ان ئي ڏينهن رزلٽ ظاهر ڪيائون جيڪو به ڪامل هئو. پهرين پوزيشن خيرپور ميرس جو دوست هئو ٻي پوزيشن ميهڙ جو محمد خان پٽي ۽ ٽئين پوزيشن مون ڪنئين ۽ چوٿين نمبر تي ميهڙ جو دوست ممتاز علي ابڙو آيو بس ”ترتيب ڏنل زندي گذارڻي هئي.“

مون سان ڪورس F.A سڪرنڊ ۾ دوست (1) ادو بخشل ابڙو (2) رسول بخش چانڊيو (3) عزيز الله سومرو (4) غيبي خان جتوئي، ميرو خان (5) ممتاز علي ابڙو ميهڙ (6) عبدالحميد ابڙو ميهڙ (7) محمد خان پٽي رانجهو جهتيال، لکئي جا ليک به ٿين ٿا ۽ انڪري ئي شايد مان ايڏانهن چڪجي ويس، حالانڪ ان دور ۾ ڪوڙ سارن وڏن ڪاتن ۾ به جايون بلڪ ڏاڍي ڪوٺ هوندي هئي جنهن جو ايترو ڏس پتو ۽ خبر چار نه هجڻ ڪري به اهوئي سگهيو پر امن وري به ائين چوندس ته.

تـــوڙي هـــلين تڪـــڙو تـــوڙي هـــلين وک
لکئي منهنجان لک، لهنئي ڪين نه لطيف چئي

ساڳي ئي رستي سان وري سڪرنڊ کان واپس آياسون هڪ سال جو ڪورس 1965 ۾ پورو ڪيم اتي ئي هاسٽل هئي جيڪا منهنجي لاءِ مسئلو نه هئي آئون اڳ ۾ ئي ڪتياڻ کان وٺ واره ۽ لاڙڪاڻ تائين ڪوڙ سارا ڏينهن راتيون گهر کان ٻاهر رهي ڪري گذاري چڪو هوس سڪرنڊ ڪورس دوران ڪي گهٽا مونجعارا يا پريشانيون ڪو نه هيون زرعي ماڻهو ته آئون اڳ ئي هئس عملي سڀ ڪم ڪندا رهندا هئا سون باقي ڪجهه سرڪار نامدار نوان تجربا متعارف ڪرائي رهي هئي جيڪي به تمام توري انداز ۾ هئا. نه ته ايتريون گهٽيون. ڪورس دوران ڪجهه نوان دوست مليا جن ۾ تمام محبتي ۽ منڙو ماڻهو ادا بخش خان ابڙو نصير آباد وارو محمد ابراهيم ڪوکر ميهڙ غيبي خان جتوئي مير خان، رسول بخش چانڊيو ميرو خان پر. منهنجي روم ميٽ هو ادا بخشل خان ابڙو اصلي وڏڙن جي ان پهاڪي ته 100 سيڪڙو پورو ته جنس جنس کي سئو ڪوهه تي ڳولهي لهي.

بس طبيعت عادت مون کي لڪائي هن کي ڪڏ ۽ هن کي لڪائي مون کي ڪڏ، اصولا اجان به ۾ رتيون مون کان به وڏيڪ شريف نيڪ ايماندار ماڻهو هئي. پر خُلوص، روزه نماز جو پابند اصلي ڪمري جو ڪم ڪار هجي يا رڌ پچاءُ يا ڪپڙا ڌوئڻا هجن هڪ ٻئي کان گوءِ ڪٽڻ جي چڪر ۾ هوندا هئاسون.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پکهو

■

## ايگريڪلچر ايڪسٽيشن حيدرآباد

باقي جو عرصو پنهنجي ئي شهر ميهڙ ۾ نوڪري ڪيم ميهڙ شهر ۾ ڪوڙ عزيز اڳي ئي رهائش پذير هئا ۽ تعلقات واسطا بابا وارن جون دوستيون به پراڻيون هيون پوئتي اسان جي واره واري زمين کي ڪلر ڪائيندو پئي ويو ۽ آس پاس جا مائٽ جهڙو حاجي غلام مصطفيٰ وارا چاچا نبي بخش وارا ۽ اسان جو ڳوٺ مان سهراب، گهرام وارا سڀ هوريان هوريان شهرن پيڙا ٽيندا ويا.

اسان جڏهن ڳوٺ پنهنجا گهر ڇڏيا ته ان وقت اسان به پائر ويٺا هئا سون پنهنجي گهرن ۾ اهو سال 1982ع هيو.

■

## هاءِ ڙي زمانا!

مون کي ڪورس کان پوءِ سُتت ئي 25/10/1966 ۾ گهر ويٺيF.A جي نوڪري جو آرڊر ملي ويو جيڪا مون غنيمت سمجهي ۽ شڪر بجا آندم.

ٽنڊو جام زرعي ڊپارٽ جو ريسرچ ونگ جوڊائريڪٽر چوڌري تاج هوندو هيو جنهن مون کي ميرپورخاص ضلع ڍڳهڙي تعلقه ٽنڊو جان محمد F.A آرڊر ڏنو مليو جو مون خوشي سان قبولي ڪنيو ۽ وڃي زرعي ڪاتي ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيم اتي مون سان به دوست F.A هڪ ارشاد الله ۽ ٻيو ظهير احمد پنجابي هيو جن سان منهنجو گڏ رهڻ ٿيون، منهنجون مصروفيتون، مشعوليون شوق ۽ هونءَ ته دنيا ۾آهي ئي آهي ماڻهوءَ جي ڪا نه ڪا ڪمزوري هوندي آهي جيڪڏهن اها منفي آهي ته پوءِ ته ستياناس ماڻهوءَ جي هر شي ڏوڙ ٿيو وڃي نه هيڏانهن جو نه هوڏانهن جو ماڻهو رهندو. جنهن سان هُن جو من ريجهبو آهي ۽ ماڻهو وري ڪي شوق به پاليندو آهي "هڏئون ڏئي هٿانءِ ته مالڪ ڏيئي مُزرا" اهو ماڻهو پنهنجي زندگي جا گهاريل پل سجايا سمجهندو آهي پوءِ لوڪ پلي ان کي اياڻو بيوقوف يا ڪهڙا ڪهڙا لقب القاب ڏئي ۽ نوازي هُن کي اُن جي پرواهه نه هوندي آهي. پر خدا جي فضل سان مون تي احسانن جا انبار منهنجي رب جا، مون کي خدمت خلق جو هڪڙو ئي جذبو جيڪو منهنجو شوق به ته مصروفيت ۽ مشعولي به ته لچان ڪاملن پيان مَ ڊاپان جي مصداق ۽ "نيڪي ڪرد ريام ڊال" خدمت جي عيوضي مخدومي ڪو نه طلبيندو آهيان مون کي ميان مٺو ٻڌڻ نه گهر جي بس هڪ وڏو رب جو جهان هئو ڏٺي پاجهارو ئي پنهنجي رازن کي پاڻ پيو جاٽي پئي ڪنهن کي حاجت روائي. جي طاقت ئي ناهي بغير NGO يا ڪنهن تنظيم سياسي توڙي سماجي آئون اڪيلو هلندو رهيو آهيان بس اهو جذبو هئو شوق هئو پنهنجو واڄٽ وڄايو سين ۽ ڪنهن تي طور احسان ڪو نه ٿو ڪجي ۽ نه جتائجي ٿو ۽ ٻيو هئو منهنجي لکڻ پڙهڻ جو شوق جنهن تي به وِت آهر گهٽوئي قلم وهايم.

ڊائري جو پرباقاعده پريندڙ آهيان جيڪو خود هڪ ضخيم ڪتاب کان وڌو مواد آهي ۽ هڪڙي سڄ دور جي تاريخ نه ته منهنجو چئو گرد جو حال احوال جمع ٿيل آهي خطن لکڻ جو به آئون شاهه ڪاريگر

تمام وڏو ذخيرو اهو ٻه جمع ٿيل آهي اهڙي ترتيب سان رڪارڊ آهي جيڪو گهڻ ماڻهن کي نصيب هوندو آهي.

”شجرا“ ٻه مون وٽ جمع ٿيل آهن جيڪي ٻه هڪ تاريخي حيثيت رکن ٿا. منهنجو هڪ ڪتاب لفظ لفظ خوشبو منهنجي محنتي ۽ جاکوڙي پٽ روشن جي روشنائي ڪري ميدان ۾ اچي چڪو آهي.

مفت ٽيوشن سينٽرز بلڪ مان هر هنڌ هر وقت تعليم عورتن توڙي مردن جي حمايت ۽ ڪوشش ڪندو رهيوآهيان منهنجو پٽ روشن چوندو آهي ته بابا توهان جيڪڏهن ترتيب سان قلم وهايو ها ته P.H.D عالم، اديب، فاضل يا مفتي وڏيڪ هُجوهان. مان چوندو آهيان ته جي هن دوري جي اسان جا ماڻهو اڻ پڙهيل رهجي وڃن ٿا پوءِ ۽ حڪومتن جو وجود بي معنيٰ آهي ۽ انهن جي ڪتاب اهميت باقي نه ٿي رهي انهن جو هجڻ يا نه هُجڻ ساڳي ڳالهه آهي هونءَ ته آئون. بنيادي طور تي تعليم دان يا ڪو تعليمي ماهر يا عالم، اسڪالر يا فلاسافر ته ناهيان پر دل ڪڙهي ٿي ۽ حقيقت جو ادارڪ ٻه اهوئي آهي ۽ هونءَ آئون زرعي ماهر نه ته ٻه زرعي سماج جو ماڻهو ضرور آهيان علائقائي پيش يا پَسِ منظر ۾ ۽ پيشي جي لحاظ کان ٻه ذاتي تجربي يا مشاهدي جي زور تي شوق سان اهو چوندس ته جيڪڏهن زراعت ٻه تعليم سان ڪئي وڃي ته ٺيڪ آهي اسان جي پورهيت طبقي ۽ غريب ماڻهو کي فائدو ڏيندي نه ته پيو مڙيئي ٺيو. خير هئين اسان جو ماڻهو صدين کان سازشن سان هٿ وٺي اڻ پڙهيل ۽ جاهل رکي ان تي هر طرح قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

اسان جي آبادي جي گهڻي ٽئي حصي کي مفلوج بڻائي ڪُڏين رسمن جي ورچاڙهي حڪمران طبقي جيڪي جاوا ڪيا آهن ۽ جيڪي موج مستيون ڪيون آهن جيڪي ناز نخرا ۽ شاهاڻا انداز ان دور جي شاهوڪار ملڪن جي باشاهن ۽ راڻين کي ٻه شل نصيب ٿيا هجن. اسان جو معاشرو جيترو اڻ برابري جوشڪار آهي ان جو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي مون پاڪستان جي آزاديءَ کان ٻه ست سال کن اڳ اڪ کولي پر اڄ تائين آزادي نالي ڪا شي نظر نه ٿي اچي ان ۾ گهٽو ٽٽو ڏريون پاڳي پائيوار آهن ( ڏوهه ۾ ) نه ڪا گهٽتائي گهوٽ ۾ نه ڪاڪمي ڪنوار ۾ آهي. جيڪڏهن حڪمران طبقو عوام جو هڏ ڏوکي هجي ته گهٽيون منهنجايون ۽ سهولتون ميسر ٿي سگهن ٿيون.

■

## زراعت کاتي ۾ نوڪري

ها ته مون ڳالهه پئي ڪئي ته سڪرنڊ جي ڪورس کان پوءِ ستت گهر ويٺي نوڪري ملي منهنجي پهرينPostin منهنجي ڳوٺ کان لڳ ڀڳ پنج سئو ڪلوميٽر پري ٿي اهو هڪ عجيب سلسلو هئو منهنجو هيڊ ڪوارٽر ته ٽنڊو ڄام هئو جيڪو زرعي يونيورسٽي جي ڪري ٻه ملڪان ملڪ مشهور آهي افسوس ته اسان جو ملڪ زرعي ٿو سڏجي ۽ ليکجي پر ا ان تي اوترو گهربل ڌيان نه ڏنو ويو آهي ۽ نه ئي وري ڪا سيڙپ ڪئي وئي آهي اتان پوءِ مون کي ٽنڊو جان محمد بدلي ڪيو ويو جيڪو ميرپورخاص ضلعي ۾ آهي. آئون نوڪري ملڻ تي خوش پئي ٿيس پر بابا، امان وارا گهر واري سڀ مائٽ خوش پئي ٿيا تنهن وقت ۾ اسان جي مائٽن ۾ ويجهي يا پري تائين شايد ڪو نوڪري ۾ هجي ڇڻ منهنجي پهرين سرڪاري نوڪري هئي توڙي جو ايترو پري ۽ اڻ ڏٺي ملڪ ”علائقي“ ٿي هئي جنهن کي ان دور ۾ ذري گهٽ پرديس ڪوٺبو هئو. خير بابا پاڻ برجستو ماڻهو هئو ۽ ائون ٻه گهمنڊ ڦرنڊ هئس ان ڪري ڪل خوشيءَ سان موڪلائي بس ۾ چڙهي وارهه نصير آباد کان باڊهه آيس اتان ريل پڪڙي اچي ڄامشورو لٿس ان دور جو سستو زمانو هئو پر سست زمانو ٻه

هئو سادو ڪائبو ۽ سادو پهربو هئو ايتري سوجهه بوجهه جيتري اڄڪلهه ميڊيا جي يلغار آهي ان جو ته تصور ڪو نه هئو خير حيدرآباد کان ٽيندو ٽنڊو ڄام آيس تنهن وقت ۾ Research Director چوڌري محمد هئو آئون ٽنڊوم ڄام کان ميرپورخاص ميرواهه گورچاڻي، ڏگهڙي کان ٽيندو صوفيه آباد کان ٽنڊو جان محم پهتس جيڪي روڊ رستا مون اڳ ڪڏهن به ڪونه ڏٺا بلڪ شهر ۾ لٿس آفيس پڇائي لڌم ۽ زرعي آفيسر تي وٺ داخل ڪار ڪيم پهريان ٻه چار ڏينهن آفيس ۾ ئي رهائش اختيار ڪيم پوءِ شهر ۾ ڪرائي تي گهر وٺي رهڻ لڳم اتي تنهن وقت ۾ F.A هئا ارشاد الله شاه ۽ ظهير پنجابي جن سان پوءِ هلي دوستاڻا تعلقات جُڙيا.

ان دور جي زراعت فصلن ۽ زمينداري بابت ڪجهه عرض ڪجي ته تنهن دور ۾ انگريزي ڀاڻ يوريا تمام گهٽ استعمال ٿيندو هئو بلڪ هاري آبادگار ان کان لهرائيندا هئا ته متان نقصان ڪار نه ثابت ٿئي هتان زمينون ڪلرائيون ٿي وڃن.

ان دور ۾ سڳداسي ۽ ڪنگڻي ساريون ٿينديون هيون توڙي جو اسان کي ڪاتي طرفان ان وقت مت ڀاڻ ۽ ٻج ملندو هئو ته تجربا ڪجن ۽ اسان تجرباتي زمينون مخصوص ڪندا هئا سون ۽ پيٽيندا هئاسون ته ڪيترو اپت ۾ فرق ٿئي ٿو ڀاڻ ۽ بغير ڀاڻ جي پنيءُ ۾ اسان جو ڊائريڪٽر مسٽر تاج ڀاڻ جون ڳاڏيون پرائي اچي ڏئي ويندو هئو.

اهڙي طرح سان آئون 25/10/1966 کان تائين ٽنڊو ڄام نگراني ۾ ڪندو رهيم. ڪڏهن ٽنڊو جان محمد ته ڪڏهن جيمس آباد "ڪوٽ غلام محمد" ته ڪڏهن ڏگهڙي تعلقن ۾ پيئي ۽ تحقيقات تي ڪم ڪيو جيڪو منهنجو شوق به هئو ۽ نوڪري به اسان سان گڏوگڏ اسانجي ڌرتي ڏٺين ۽غريب نادار ماڻهن جي گهٽي ٽٽي روزگار جون ذريعو به ان ڪري آئون ذاتي طور تي به خاص دلچسپي وٺي فيلڊ ۾ وڃ هارين ۽ آبادگار سان ڪچهريون ڪري انهن کي قائل ڪندو هئس پنهنجي ذاتي تجربي ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪافي ڪار آمد ثابت ٿيس ۽ ماڻهن کي به ڪافي فائدو رسيو. جن جن تعاون ڪيو مون ڪٽي پڙهيو هئو شرعي لحاظ کان ته جيڪڏهن هڪڙي پني آناس (8 جريب) 16 اڪران جي اهليت رکن ٿا پر هاريءَ جي يا زميندار سستي يا نااهلي جي ڪري اها زمين 8 يا 10 ڪراران ڪري ٿي ته ان باقي جو ان کان حساب ڪتاب ۽ پڇاڻو ٿيندو.

1971ع 1/6 تي منهنجي بدلي خيرپور ميرس تي اُتي به تمام تجربا ۽ مصروفيتن ۾ گذرندو رهيو 30/11/1975 تائين وري مون کي بدلي ڪري ٽنڊو ڄام موڪليو ويو.

Wheat Botanist Research Agric ulture Institute.T.jam

جتي وري ڪڻڪ جا تجربا ڪياسون اتي به تقريبن هڪ سال نوڪري ڪيم جتان وري بدلي Transfer ٿيس 30/11/1976 ان کان پوءِ وري آيس.

## سفارشي بدلي

اها پهر منهنجي نوڪريءَ جي بدلي هئي جيڪي مان پنهنجي مرضيءَ تي ۽ سفارش ڪرائي. سفارشي هئو اسان جي ترجو معتبر انسان ۽ پنهنجي قبيلي جو سردار مير محمد خان جانوري جيڪو بابا سائين جو دوست به هئو ۽ ان نسبت سان مان به ساڻس تعلقات ۾ رهندو ايندو هئس جيڪو ڀاڻ پنهنجي گاڏيءَ تي مون سان

گڏجي حيدرآباد D.G جناب نور محمد سيال صاحب کان هٿئون هٿ آرڊر ڪرائي ڏنو جيڪو پوءِ ڏينهن ۾ واپس آيسون پاڻ هوٽل جي ماني ڪو نه کائيندا هئا ڄامشورو پل المنظر وٽ پلو کائيندا آيا سون ان وقت دادو ۾ A.D ميمڻ صاحب ميهڙ ۾ اسان جا آفيسر هئا محمد اسماعيل چنا صاحب ان وچ ۾ مون وِنگ به تبديل ڪرايم.

■

## پروڊڪشن ايگرانامسٽ ايگريڪلچر ريسرچ دادو

جتي 18/10/1979 تائين نوڪري ڪيم ڊگري ڪاليج کان حمير پير واري رستي تي آفيس هوندي هئي ۽ اتي رهائشون پڻ آهن منهنجي رهائش به اتي ئي هوندي هئي ان دور ۾ اهو انگريزي پاڻ ڏسندي ڏسندي چڻ لازم ملزوم تي ويو اسان کي اتي هاٽي گهٽي مٽا ڪُٽ نه تي ڪرٽي پئي چو ته هڪ دفعو سرڪار نامدار ائين ماٺهن کي هيرائي چڏيو جيئن ڪنهن کي هٿ وٺي موالي ڪجي پوءِ وري هٿ ڪيدي وججيس پوءِ آبادگار پنهنجي هٽرادوان کي خريد ڪري استعمال ڪندا هئا.

هن وقت تائين مون کي زرعي ماهر ته ڪوڙ نظر اچن آبپاشي ماهر ادريس راجپوت ۽ عباسي صاحب به نظر آ پر سائنسدان جي حثيت هڪڙو سنڌي ايمه ايچ پنهور جي هئي جيڪو به ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيل پڏايو پيو وجي ها ته دادوءَ ۾ اسان جو آفيسر هئو محمد علي پتو جيڪو خود به اڄڪلهه مون وانگر رٽائرڊ ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير آهي.

■

# باب ٽيون : ٻگهيا قبيلو ۽ اسان جو قبيلو

■

## ٻگهيا قبيلو

هن ڌرتيءَ تي جيڪي به قومون ۽ قبيلا رهن ٿا, انهن جي سڃاڻپ ته هڪ ٻئي کان الڳ آهي پر تقويٰ کان سواءِ ڪنهن کي به فوقيت ۽ فضيلت ناهي, انهيءَ جو ذڪر قرآن شريف جي 26 پاره سورت هجرات ۾ بيان ٿيل آهي.

اسان وٽ قومن ۽ قبيلن جي خانداني سلسلن ۽ شُجرن جي خبر چار گهٽ آهي ان ڏس ۾ تحقيقي ڪم به ڪو نه ٿيو آهي ان ڪري مون شعوري ڪوشش ڪئي آهي ته پيو نه ته به هر ڪو پنهنجو گهر سنڀالي جيان, پنهنجي قبيلي جو ٿورو حال احوال لکان.

ٻگهيا ۽ ملاح مُهاڻا آهن. ٻگهيا, ٻگهه ، ٻگهاٽي ۽ ٻگهئي هڪ ئي معنيٰ ۽ مطلب رکندڙ آهن مير بحر ذات جي راڄن ۽ پاڙن سان تعلق رکندا آهن اها ذات لفظ ٻگهه يا ٻگهي تان ورتل آهي.

پراڻي زماني ۾ ٻگهه پکي جي کنين جو ڏاڍو مانُ ۽ قيمت هوندي هئي ان وقت ميربحر مڇي جي شڪار سان گڏوگڏ انهيءَ ٻگهه پکيءَ جو. شڪار پڻ ڪندا هئا. جنهن جي نسبت سان تي هيءَ ذات ٻگهيا سڏجڻ لڳا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ سنڌي لغات ۾ ميربحر قبيلي جي سونهن پاڙن مان هڪ پاڙِ جو نالو ٻُگهيا لکيو آهي. اهڙي طرح ڪتاب سمات ۾ صفحه 58 تي مير بحر قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ ٻگهيا ڄاڻايل آهي.

■

## ٻاگهيار جو شجرو

لاکياري (5)

ڄام لاکو (جي زال ڳندري)

اُتر لاکو سمون ڪاڪو ڄاڪرو جکرو

پلي رائڌن روڊڻ اياز ياڳت وارهه واري جيڪو ذاتين ۽ قبيلن تي ڪتاب ۾ تحقيق ڪئي آهي ان مطابق ميهڙ تعلقي جي ايرندي طرفان جيڪو وڏو بزرگ نالي ( سعدي موساڻي) به اسان جي قبيلص ذاتي جو يعني ٻگهيو آهي.

سمون,پلي ڪوري منهيو چنيسر ناهيون,ابهڙو لاکو,نوتيار,سمون الزمناهي, ڦل هوتي, ڄاڪرو,تيبهه, اڄڻ, برو, ٻگهيو, ڏيپر ڏيٿو, ساهڙ,لاکو,هنگورو,اڄڻ,مگڻ, پرو, پنو, آرائين, پليجو مگيڄا, پيو وڏو بزرگ اسانجي پرسان پاڙي

۾ يعني سيتا ۾ آهي جنهن کي رحماني نگر پڻ چون ٿا. اهو ٻ ٻگهيو آهي. ٻگهيو قبيلو ماني مڇي وارو ۽ پراڻن رهڻ وارو آهي ڏرتيءَ تي گهڻو ڦيٽارو وجهڻ وارو ناهي. سنڌ سڄي ۾ ٻُگهيا مختلف هنڌن تي ويٺل آهن. ميهڙ واره، ميرپورخاص، دادو، خيرپور، ڏوڪر لاڙڪاڻو، سيوهڻ، مورو، هال، جيڪب آباد گهوٽڪي، حيدرآباد، ڪراچي خيرپور، ميهڙ تعلقي ٻگهين جا ڳوٺ: چارو، هيٺن عاليوال، فريد آباد، علي خان ٻگهيو، ميهڙ سنيڊل مهيسر ڪولاچي، سهراب ٻگهيو، هوري، سيتا، ڏٽي بخش ٻگهيو، نوت ٻگهيو، ٻوري رامبڪ، ڪولاچيءَ ڪان اڳئي ڳوٺ، گهنور آباد، حسن آباد ٻُٽ سرائي، راڏن ٻگهيا قبيلي جا پاڙو، خميساڻي، متو جنهن ۾ محترم امينہ خمياڻي پرنسپال، سردار قادر گرلس ڪاليج حيدرآباد (جنهن شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو آهي) اسان جا ٻهيا قبلي جا سردار واحد بخش خان ٻگهيو گڏ آهن ان جي وچڻ ڪانپوءِ هاڻي جا وڏا فرزد سردار نذير احمد خان ٻگهيا آهن جيڪي MNA ٻ آهن ان ڪري لاڙڪاڻي ڏوڪري تر جا فيصلا ڦاڙي سردار جناب حزب الله خان ٻگهيو اپوٿو MNA ڪندا آهن جيڪي هڪ معتبر ۽ هرد لعزيز شخص آهن.

■

## ٺلهائي ٻگهيا

آئون اهو ٻ واضح ڪيان ته اسان ٺلهاٽي ٻگهيائي جو سڏياسون، هونءَ ته اسان پرياٽي ٻ سڏبا آهيون ۽ پر اسان جو وارهہ ( ضلع قمبر شهداد ڪوٽ ڪان اتر طرف ڪندو جي ڳوٺ ڪان اتر طرف 3 ڪلو ميٽرن تي هڪ ڳوٺ نالي ٺلهه هونود هو بلڪ اهو اڄ ٻ موجود آهي جتان جا اسان جا وڏا صدين ڪا رهاڪو هئا جنهن ۾ اسان جا ڪوڙ سارا پاڙا اڇي وجن ٿا، انهن مان هاڻي اڪثريت هيڏي هوڏي تي وئي آهي پر آريجا، وارهہ، لاڙڪاڻو، سجاول، ميهڙ وغيره پوءِ ٻ اسان اڃا مشهور ٺلهائي سان آهيون.

■

## اسان ٺلهائي ٻگهيا ۽ اسان جو شُجرو

مون خيال ڪيو ته شجرو لکان پر اهو خيال عمل ۾ ڪيئن اچي ان لاءِ ڪافي جوکم جو ڪم هئو، مون مختلف ڪتابن ۽ وڏڙن ڪان ان سلسلي ۾ مدد ورتي، پر منهنجي لاءِ گهڻي چاڻ جيڪا ڏني سو اسان جي برادري جو چڱو نيڪ مرد ڏاڏا الله رکيو. جڏهن مون هُن سان ان باري ۾ خيال ڏيڪاريو ته سندس عمر 80 سال کن هئي ۽ بيحد خوش ٿيو پاڻ ٻ اهڙي شوق وارو ماڻهو هئو، ڪجهه معلومات هُن پنهنجي هئي. سوچيان ٿو ته جيڪڏهن ان ڪان اهڙي معلومات نہ وٺان هان ته شايد ٻي ڪنهن وٽ ايترو خزانو ڪو نہ هئو. هو پاڻ هڪ دانش مند ۽ سگهڙ انسان هئو، سندس حافظو ٻ ڏاڍو نيڪ هئو تنهن ڪري ئي اڄ مان اهو ورثو ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ جي قابل ٿيو آهيان.

هونءَ ته مون وٽ هيٺين پاڙن جا شُجرا ٻ محفوظ آهن پر آئون تورو تفصيل پنهنجي مُک پاڙن جو ڏيان ٿو.

(1). ٺلهائي ٻگهيا، لگ وارهہ

(2). شير محمد آڙيجا، ڀنياٽي پاڙو، لڳ وارهه  ڪان ويا ڪندو روڊ سان

3 آباد (حاجي لاڪيڏنه ) پاڙو لڳ وارهه ۽ آباد، وارهه  ڪندو روڊ

4. سجاول ( الاهي بخش ) سر شاهنواز ڀٽو ڳوٺ لڳ سجاول تعلقو

5. چارو ( ميراٽي، دلاٽي، ياٽاٽي، گلاٽي پاڙا)

6.سهراب ڀڳهيو هوري ( وڏيرو محمد نواز، چاچو محمد قاسم

7. هيئين عاليوال__ منهنجا ناناٽا تعلقو ميهڙ

8. گهانگهر ڪو محمد ابراهيم (حاجي خان جو سهرو ڏوڪري تعلقو

9. ڏٽي بخش خان ڀڳهيو، ڊاڪٽر A.R ۽ اڪبر خان وايا خير پور ڪان سيتا، جيڪي تمام معتبر ۽ مٽيادار انسان آهن. ٽوٽل 15 پاڙن جا شجرا مون وٽ محفوظ آهين.

قيصي، سنجر، صدر ” ٽئي پائر، صدرري اولادي رضا ڪيو

قيصر جو اولاد اسان ٹُلهائي ڀڳهيا والاد آهيون

سنجر جنهن جي آباد ڳوٺ وارا ڀڳهيا اولاد آهن. حبيب الله، عبدالله رحمت الله، ڪرم الله، واحد بخش، حاجي عبدالرحمان، محمد خان محمد عثمان ۽ ملان محمد عيسيؒ وارا........

ڀڳهين جوشجرو

ٹلهائي ڀڳهيا

قيصر خان ڳجڻ خان چٽو

ڪوڙو خان

| | | |
|---|---|---|
| خير محمد | محمد پريل | |
| | حمزو خان | شادي خان |
| بي اولاد گذاري ويو | محمد پريل، چٽو خان | الهڏنو |

الهڏنو ولد شادي خان جا پٽ

(1)  غلام حيدر (2) شديخان (3) عبدالڪريم

(4) حمزو خان (5) هاشم، (6) قاسم (7) حاجي خان (8) اعظم (9) مٺل (10) جيٹو خان

(1) غلام حيدر جا پٽ

(1) حاجي محمد پريل (2) حاجي عبدالڪريم

(2) شادي خان بي اولاد گذاريو ويو

(3) عبدالڪريم بي اولاد گذاري ويو

(4) حمزه خان جا پٽ

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو

(1) عبدالحميد (2) عبدالعزيز (3) عبدالزاق (4) حاڪم (5) عبدالوحيد (6) غلام سرور (7) نادرحسين (8) عبدالستار

(5) محمد هاشم جا پٽ

(1) سڪندر علي

(6) قاسم جا پٽ

(1) عبدالني (2) عبدالخالق

(7) حاجي خان بي اولاد گذاري ويو

(8) اعظم ننڍي هوندي گذاري ويو

(9) مثل ننڍي هوندي گذاري ويو

(10) جيئو خان ننڍي هوندي گذاري ويو

(1) محمد پريل ولد حمزه خان بي اولادي هو

(2)چتو خان جو اولاد

(1) علي انور

علي انور جو اولاد

(1) يوسف (2) عبدالوهاب (3) چتو خان (4) منور (5) عبدالسلام (6) عبدالله (7) امام الله (1) يوسف ولد چتو خان جو اولاد

(1) مزمل (2) مدثر

(2) عبدالوهاب جا پٽ

(1) شعيب (2) ذوهيب (3) علي انور (4) علي حسنين

(2) چتو خان جاپٽ

(1) حزبالله (2) صيف الله (3) نعمت الله

(3) منور علي جا پٽ

(1) عاقب (2) ثاقب

(4) عبدالسلام (6) عببدالله (7) امان الله اجا ننڍيا آهن

(1) حاجي محمد پريل جا پٽ ولد غلام حيدر

(1) حاجي عبدالقادر

(2) حاجي عبدالڪريم ولد غلام حيدر جا پٽ

(1) غلام حيدر عرف روشن علي خان (2) عبدالحليم (3) عبدالقيوم (4) عبدالرشيد (5) حاجي عبدالشڪور (6) عبدالصمد

عبدالقادر ولد محمد پريل جو اولاد

(1)		عبدالحفيظ (2) رفيق احمد (3) شفيق احمد عبدالحفيظ جي اولاد
(1)		منصور علي (2) محمد پريل پيا اچا ننڍا آهن غلام حيدر عرف روشن علي جو اولاد
(1)		عبدالصبور (2) عبدالسميع (3) مصور علي عبدالحليم جو اولاد
(1)		مهراڻ خان (2) سرواڻ خان

عبدالقيوم جو اولاد

(1)عبدالحي

عندالقيوم جي اولاد

(1)		اعتزاز صمند

خير محمد ولد ڪوڙو خان جو اولا

(1)		ڪوڙو خان (2) جيو (3) چانگو (4) راول (5) بنگل

(1)ڪوڙو خان جو اولاد ولد خير محمد

(1)خير محمد (2) گل محمد (3) الهرکيو (4) سچڻ

(2) جيو جو اولاد

(3) (1) غلام محمد (2) خير محمد

(4) چانگو جو اولاد

(1) محمد ابراهيم (2) الله بخش (3) سچڻ (4) نبي بخش (5) قيصر (6) سنجر (5) راول جو الاد

(1) محمد رمضان (2) الهرکيو (3) علي نواز (4) علي محمد (5) علي حسن (6) خير محمد (6) بنگل جو اولاد

(1) محمد حسين (2) محمد پناهه

(1) خير محمد ولد ڪوڙي جي اولاد بي اولاد

(2) گل محمد جو اولاد

(1) محمد حسن

(2) الهرکيو غير شادي شده گذاري ويو

(4) سچڻ

(1) غلام محمد ولد جيو جي اولاد

(1) مٺو خان (2) من (3) غلام رسول

(2) خير محمد جو اولاد

بي اولاد

(1) محمد ابراهيم ولد چانگو خان جو اولاد

(2) محمد الياس

(2) الله بخش ولد چانگو جي اولاد

(1) گل محمد (2) نبي بخش (3) قيصر خان

(2) سڄڻ ولد چانگو جو اولاد

(1) ڪوڙو خان محمد ابراهيم

نبي بخش، قيصر سنجر ولد چانگو جي اولاد گذاري ويا.

(1) محمد رمضان ولد راول جي اولاد

(1) محمد صالح

(2) الهرکيو ولد راول جو اولاد

(1) علي نواز (2) يعقوب (3) علي حسن (4) محمد حسن

(2) علي محمد ولد راول جو اولاد

(1) خير محمد (2) ولد محمد

ٻئي بي اولاد گذاري ويا.

(1) محمد حسين ولد بنگل بي اولاد گذاري ويا

(2) محمد پناهہ ولد بنگل جو اولاد

(1) سهراب (2) محراب (3) گهرام (4) مصري (5) علي گوهر (6) امام دين

(1) گل محمد ولد الله بخش جا پٽ

(1) پٺاڻ (2) حب علي (3) اَڪُ (4) حاجي عبدالجبار (5) ديدار علي (6) عاشق علي

نوٽ:ـ پٺاڻ حب علي اُڪُ ننڍي هوندي گذاري ويا

(2) حاجي عبدالغفار (2) عبدالهادي (3) محمد حسن (4) محمد حسين

نوٽ: محمد حسن ۽ حسين ننڍي هوندي گذاري ويا.

(3) قيصر ولد الله بخش جا پٽ عبدالستار، عبدالفتاح ڪوڙو خان ولد سڄڻ جا پٽ

(1) عبدالرسول (2) غلام رسول (3) غلام قادر (4) غلام حسين (5) مير (6) غلام سور (7) غلام عمر (8) دادن (9) گلزار علي

نوٽ: غلام سروي، غلام عمر، دادو

گلزار علي بي اولاد گذاري ويا

محمد ابراهيم ولد سڄڻ جي اولاد

(1) محمد الياس (2) غلام عباس (3) ادريس

محمد صالح ولد محمد رمضان جي اولاد

(1) معشوق عيل (2) ارباب علي (3) محمد (4) محمد مراد (5) معروف (6) ممتاز

(1) علي نواز ولد الهرکيو جي اولاد

(1) عبدالله (2) سومر

(2) محمد يعقوب بي اولاد گذاري ويو

(3) علي حسن ولد الله رکيو جي اولاد

(1) محمد پچيل

(4) محمد حسن ننڍي هوندي گذاري ويو.

(5) خير محمد ولي محمد ولد راول بي اولاد گذاري ويا

(1) حاجي عبدالغفار جي والاد

(1) سڪندر علي (2) حسين بخش (3) صدام حسين (4) نبي بخش عرف ببلو سڪندر علي جو اولاد

(1) خادم حسين (3)عمران علي

(2) عبدالهادي ولد نبي بخش اولاد

(1) حاجي عبدالروف (2) علي دوست (3) حب علي

حاجي عبدالروف جا پٽ

(1) بدرالدين (2) مجيب الرحمٰن (3) عبدالهادي عرف لالو (4) ساگر

(2) قصير جي اولاد

(1) عبدالستار (2) عبدالفتاح

# باب چوٿون : اسان جو خاندان

## ڏاڏا الهڏنو خان

”ڏاڏا سائين“ جو ذڪر ڪرڻ بنا هي سلسلو اڌورو ۽ اڻ پورو ۽ بي ترتيب ٿي پوندو ان زماني ۾ تصوير جو سلسلو ڪو نه هوندو هو، وري پهراڙين ۾ ته بنهه ڪو نه هو ۽ ڏاڏا سائين بلڪل پهراڙي سان تعلق رکندڙ هو ڏيا وڏو وارو مڙس هو سندس جي اوطاق تي سدائين ڪچهرين هونديون هيون خدر جو ڏنو وٽس سڀ ڪجهه هو ڪيس مال متاع جام هوندو هو، وڏي ڳالهه ته شڪر گذاري رضا تي راضي رهڻ وارو ماڻهو هو، قد جو ڊگهو هوندو هو، ڪڻڪ رنگو، سونهاري مبارڪ ڊگهي ۽ سفيد اکيون وڏيون ڏيا، رُعبُ ۽ دٻدٻي وارو ۽ هاٿِ مضبوط شهپر وچولا اڳي بوٽ ڪو نه هوندا هئا پيرن ۾ مرداڻي جُتي ۽ بوسڪي جو پٽڪو يا ململ جو پائيندو هو، ڪيس ٻه شاديون هيون، ڏاڏا سائين جي گهرواري يعني بابا سائين جي امڙ (رحمت خاتون) جيڪا سائينداد جي نياڻي هئي جيڪو ملان ڪريم بخش خان جو ڏاڏو هيو ۽ ڪريم بخش خان خود ڪي وري بابا جي پيڻ ڏنل هئي.

ڏاڏا سائين 75 سالن جي عمر ۾ رحلت ڪئي جيڪي اسان جا اباڻي قبرستان آريجن پرسان دفن آهن شال رحمتن جا ڍير هُجنس.

## ”بابا سائين جا ڪم ۽ ڪارناما “

بابا سائين جو ذڪر سمجهو ته ان دور جو ذڪر آهي جنهن جي ذڪر سان اسين سنڌ جاڪوڙ پاسا، جيئڻ گوناٽي زندگي مهمان نوازي، همت جُرئت سچو پچو مڙش ماڻهو سخاوت، دوستي جو نمونو، مان ڪهڙي ڳالهه ڪيان ۽ڪتان شروع ڪريان. بابا سائين اٽڪل 1985 ع ۾ ڳوٺ ٿلهه“ هنڌ جاوا سندس جو هُليو مبارڪ هاٿي مضبوط قد وچولو سونهاري مبارڪ ” گهاٽي، چاپيئن نه يعني تمام وڏي يادگهي“ متي جاوار وڏا، اکيون گول رعب وارو ۽ چمڪار ڪڻڪ رنگو بابا سائين ٻه پيرن ۾ جُتي پائيندا هئا. بابا جي شادي نانا نبي بخش جي نياڻي امڙ آمنه سان ٿي. ۽ بي پسند جي شادي لغارين مان ڪئي هئس پر ان مان اولاد ڪو نه ٿيس. بابا سائين هڪ يگانو سچو کرو ساهيتو ۽پنهنجي برادريءَ ۾ اوري پري تائين هلندي پچندي ۽ اثر رسوخ وارو ماڻهو هو، معتبر ۽ مٽيادار مڙس هو.

آئي وئي جو آڌار ياءُ ڪري چاٽي مهل ۾ ڪنڌ نه ڪيرائيندو، مطلب ته بابا سائين پنهنجو پاڻ خوب ملهايو 1941 ع ۾ بابا سائين عاليوال پرسان سڏ شاخ پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺو1946 ع ۾ گوزو مان ڏاڙو لڳو ۽ ادا محمد پريل جهلجي ويو ۽ ڪيس ۾ پوءِ اسان وارهه تعلقي ۾ هميشه جيان پنهنجو ڳوٺ ۽ پنهنجي ٻني ۾ موري ڪنور شاخ پرسان ويٺاسون تنهن وقت ۾ مان پنهنجو مال چاريندو هئس، ان جو ڳوٺ نقشو ڪڍڻ يا منظر نگاري ڪرڻ ته مونکي ڪو نه ايندي پرڪو مصور قوي يا اديب قلم ڪٽي ته جيڪر اهو

مثال ۽ "Model" ڳوٺ هو ۽ ايتري " قدرتي حسن" Naturally Beauty دنيا کي ڏياکري ۽ فخر وچان گهمائي سگهجي ٿو پ واهه جڏهن وهندا هئا ته ايڏا خوبصورت لڳندا هئا جنهن جو مثال نه ٿو ملي، وچ ۾ وٽڪاري هوندي هئي ۽ چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ مختلف قسمن جا وڻ ٻيون ٻيون ٽالهي، نم جا ته عام هوندا هئا، فصلن جي ساوڪ ۽ سرسبزماحول کي رنگين ۽ دل لبائيندڙ بڻائي ڇڏيندي هئي ۽ دل چوندي هئي ته اهي منظر بس هن ڌرتيءَ جي گولي ته هميشه لاءِ ٽڪي بيهي رهن پر اهو ممڪن ناهي ارتقا جا پنهنجا اصول آهن تنهن دور ۾ پيلا ڏاند ۽ ڏاند گاڏي ڏارڻ جو رواج هوندو هو پر اهي به ڪنهن وٽ هوندا هئا ۽ عام سواري به اُها هوندي هئي جيڪا شادي، غمي علاج معالج لاءِ ڪم ايندي هئي.

بابا سائين جا ڪوڙ سارا قصه آهن ان لاءِ به هڪ الڳ ڪتاب لکڻ گهرجي پر آئون مختصر ڪجهه نموني طور عرض ڪندس اها 1943ع جي ڳالهه آهي ان وقت اڃان پاڪستان ڪونه ٺهيو هو، انگريزن جو راڄ هو بابا سائين تڏهن عاليوال پرسان پنهنجي ڳوٺ ۾ ويٺو هو تنهن دور جو هڪ فيل مست وڏيرو رهزن نالي ڊولو سان مشهور هو تر ۾ رڻ ٻاري ڏنو هئائين خارون متس سڀ کي هيون پر هو طاقتور هو ان ۾ ڪير هٿ وجهڻ جي جُرئت نه پيو ڪري بابا سائين اهو ڪم پنهنجي دوستن مينگل ساڪاٽي ۽ بخشل ٻگهيو کي سونپيو ۽ ڏينهن رات ان ڪم ۾ لڳي ويا اها ڪٽڪ ڪيس به پنجي چڪي هئي، توڙي جو هو محتاط ٿي ويو هو ۽ ان دور ۾ پيلو گوڙو ٻه نالي بندوق ۽ ڪڏهن ڪڏهن Guard محافظ به ساڻ ڪندو هو جيڪا تمام گهٽ ماڻهن وٽ هوندي هئي اڄ ڪلهه جيڪي اسان جا چڱا ماڻهو آهن اهي به تڏهن ان ڊوڙ ۾ شامل ڪو نه هئا.

نيٺ هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ ٻگهين جي چارو مقام ۾ گل شاهه جي مزار وٽ انهن متين پنهن همراهن ڊولو جو سر قلم ڪيو ۽ علائقي جي غريب ۽ مظلوم ماڻهن تان وڏو بار لٿو ۽ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي بخشل پوءِ شعر به ٺاهيو هو) پيو مشهور قصو لوٽي هن ريت آهي ته لوٽي مان باڊهه مين روڊ تي هڪ وڻ هوندو هو جنهن جي ذري گهٽ پوڄا پاٽ ڪئي. ويندي هئي ۽ ان وڻ تي باسون باسيون ونديون هيون پارن جي (جهنڊ) متو ڪوڙائڻ ۽ جيئرا ڪ ڪڙ به ڇڏي ويندا هئا تعويذ ۽ پڙهه پڙي ويندا هئا مطلب ته هڪ عجيب وهم پرستي هئي جنهن ڪان چڱا ڀلا ماڻهو به ڇرڪ پريندا هئا ۽ خوف ڪائيندا هئا. بابا سائين توڙي جو ايترو پڙهيل ڳڙهيل ڪو نه هئا زماني شناس ۽ شعور رکندڙ هئا ان اها جرئت ڪري ان ڪڏي رسم مان جان ڇڏائي رات پيٽ ۾ ان وڻ کي پاڙون وڍائي سچي تر ۽ علائقي جي جان آجي ڪرائي اها جرئت ۾ مردانگي هئي.

بابا سائين پاڻ به ڪم ڪار ڪرڻ کي عيب نه پر تر جيح ڏيندا هئا ۽ هميشه ائين چوندا هئا ته هن دماغ توڙي جسم کان جيترو ڪم وٺي سگهجي اوترو وٺجي ڇو ته مُئي جي مٽي به ڪم جي ناهي ڪجهه ٻيا قول به ڏيان ٿو جنهن جو پاڻ عملي نموني به هوندا هئا.

2. ڪائڻ ۽ ڪلڻ دل جي متان، روئڻ ۽ ڪنهن جي ڪم اچڻ دل جي هيٺيان آ
3. حال تي حيف انهي جي جيڪو ديڪ نه پتيجي
4. مڙسن متان رُنو چڱو آ ڪليو چڱو ناهي
5. مڙسن مٺي سچ آ
6. مڙس ياڙي ته ڏاڙهي به بار
7. حيف ان ماڻهو کي جيڪو اڻ وڙهئي سان وڙهي ۽ حيف ان ماڻهوءَ کي به اهي جيڪو وڙهئي سان نه وڙهي
8. ياڙي جي ياڪر ڪان جوان جو چنبو به ڀلو آ

پاڻ نياڻي ويهارڻ جي سخت خلاف هئا ڪوڙ اسانن جي برادريءَ جون نياڻيون زوريءَ پاڻ پرڻائيندا هئا اها هئي سنڌ جون ريتون، رسمون ۽ سچائي. بابا سائين دوستيءَ جو ٻه هڪ مثال هئا ان زماني جي دستور موجب پاڻ ٻه دوستي جو پر پُٽ حق ادا ڪندا هئا ۽ دوستن مان ٻه اهائي توقع ڪندا هئا سندس دور ۾ جن ماڻهن سان دوستيون هيون امن تقريبن اڄ تائين ٻه انهن سان هٿ جوڙ ۽ ڀائپي رکيو پيو اچان، جن ۾ چند دوستن جو ذڪر ڪيا ٿو جيڪي ٻه سڀ جو سڀ معتبر ۽ مٿير مڙس هئا پنهنجي پنهنجي دور جا نالي وارا غيرتمند مڙس ۽ ان دور جي سنڌ ۾ دوستيءَ جو وڏو دم خم ۽ ڀرم هوندو هو ان دور جي دوستيءَ ۾ غريبي، اميري ڪو نه ڏسبي هئا يا ڪا لالچ ۽ لوڀ نه هوندي هئي يا ڪو مرتبو يا عهدو آڏو نه هوندو هو اڳي دوستيون ۽ دشمنيون ڇٽيون پٽيون هونديون هيون ۽ ٻنهي جو پنهنجو پنهنجو رنگ هوندو هو اڄ ڪلهه ته نه ٿي خبر پئي دوستيءَ جي نه دشمنيءَ جي.

■

## بابا جا دوست گهاٽا جن سان سندن گهڻو اچ وڃ رهي انهن مان جو ڪجهه ياد ۽ رابطي ۾ آهن انهن جو ذڪر خير

- چاچو نيڪ محمد تنيو ڳوٺ ٽوڙهي ٻجا تعلقو قمبر لاڙڪاڻو.
- عبدالرحمن زنگيجو (جتوئي" لڳ وارهه ڳوٺ زنگيجا والد معشوق جو
- اُميد علي والد بنده عليءَ جو ڳوٺ زنگيچا تعلق واره
- بيگ محمد راڏاٽي مارفاڻي چانديو ڳوٺ سمون واهه لڳ ٿلهه تعلق وارهه
- محمد لائق راڏاٽي مارفاڻي والد نظير حسين جو چانديو ڳوٺ پنهنجو تعلقهه وارهه
- الابخش راڏڏاڻِ معارفاڻي والد حاجي محمد بخش
- سونهارو خان ٻلاٽي مارفاڻي چانديو خادم حسين جو والد ڳوٺ تنيہ لڳ واره
- علي گوهر خان وراڻي معارخاڻي چانديو ولد نور محمد ڳوٺ نهار تنيہ لڳ واره
- ننگر خان اميراڻي مارفاڻي چانديو ڳوٺ ڳڙهي ماڪوڙو والدد شبير احمد جو
- غلام فريد وراڻي مارفاڻِ نهال تينہ وارهه والد غلام نبي جو
- علي گوهر خان تنيہ ڳوٺ ٻڪيجا وارهه والد ماستر امداد علي جو
- سائين رڪيوٽي مارفاڻي تعلقو وارهه والد عبدالفتاح
- محمد عاقل ٻرڙو آريجہ والد علي انور ٻرڙو
- غوث بخش مغيري ڳوٺ خروس وايا نصير آباد وڳڻ والد احمد علي جو
- عبدالرحيم پٽي ڳوٺ واسو ڪلهوڙو والد ارباب علي
- وري آيو ابڙو ڪندو وارهه والد نور الله ابڙو ڳوٺ
- عبدالرسول ابڙو ڪندو وارهه تعلق والد عبدالخالق ۽ عبدالنبي جو

ليڪڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

## سدائين سفر ۾

- ❖ استاد الله بخش خان ابڙو ڪنڊو وارهه والد عبدالڪريم عبدالقادر جو
- ❖ رئيس غلام حيدر خان ڪلهوڙو ڳوٺ رتو ڪلهوڙو وارهه ) رئيس مراد علي جو، والد
- ❖ محمد بخش آريجو ڳوٺ آريجه تعلقه وارهه والد رحيم بخش جو
- ❖ رئيس عبدالڪريم لاشاري ڳوٺ پنهنجو وارهه والد رئيس بخشل
- ❖ مير خان گاڏهي ڳوٺ ميرپور لڳ انور آباد تعلقه والد غلام سرور
- ❖ امير بخش گاڏهي ڳوٺ انور آباد تعلقه وارهه والد حاجي صاحب خان
- ❖ دلاور خان ڪوسو دلاور موري لڳ ڀُنڊو تعلقه ميهڙ والد خدا بخش
- ❖ محمد قاسم ڪوسو ڳوٺ دلاور موري والد غلام نبي جو ۽ غلام حسين جو
- ❖ سڄڻ ميرواڻي چانڊيو لڳ چارو ڳوٺ پنهنجو ميرواڻي والد بشير احمد جو تعلقه ميهڙ
- ❖ ٽڏو خان مهيسر والد بشير احمد ڳوٺ پنهنجو لڳ ڳوٺ رضا محمد رند تعلقو ميهڙ
- ❖ محمد ابراهيم ڪوسو ڳوٺ پنهنجو لڳ قاضي عارف تعلقه ميهڙ
- ❖ مير محمد خان والد لاڻي خان جو ڳوٺ پنهنجو لڳ هوري تعقله خيرپور ناٿن شاه
- ❖ محمد يوسف درياڻي ميهڙ لڳ درياڻي ڳوٺ
- ❖ محمد عالم جانوري" ڳوٺ روڻي" نورنگ چانڊيه تعلقه ميهڙ
- ❖ رضا محمد جانوري" ڳوٺ روڻي" نورنگ چانڊيه تعلقه ميهڙ
- ❖ رضا محمد جانوري" ڳوٺ روڻي" هاڻي رهاڪو سندس پويان ڳوٺ ڪوندي ميهڙ
- ❖ محمد ابراهيم سوڊر ڳوٺ ڪوٽي سوڍاري تعقله ميهڙ والد علي خان جو
- ❖ مينگل ساڪاڻي چانڊيه ڳوٺ ساڪاڻي گاجي کهاڙو جي اولهه طرف
- ❖ مرزو خان ڪوسو ڳوٺ ڪوندي تعلقه ميهڙ سوٽ پيرل ۽ غلام حسين جو والد
- ❖ محمد عمر لهريچو چانڊيو ڳوٺ چاچر خان چانڊيه تعلقه ميهڙ والد الهڏنو
- ❖ پيرل خان عرف پيرو آرائين لڳ خيرپور ناٿن شاهه ڳوٺ پنهنجو
- ❖ بابا سائين جا پنهنجي ۽ زيزن ۾ جيڪي معتبر ماڻهو هئا ان سان تمام محبت واراء ۽ ڀائپي وارو رستو هو جن ۾ خاص
- ❖ ڪريم بخش خان ٿلهاڻي ڀگهيو، حبيب الله ڀگهيو، رحمت الله ڀگهيو، ڪرم الله خان ڀگهيو، حاجي سائينداد ڀگهيو ميهڙ، گل محمد ڀگهيو، نبي بخش عرف نبن منهنجو سهرو
- ❖ الله واريو ڀگهيو ڳوٺ شير محمد آريجا تعلقه وارهه والد رسول بخش عبدالرحمن ۽ عبدالطيف
- ❖ حاجي ڪرم علي گورگيج ڳوٺ گورگيج وارهه ڪنڊو والد در محمد حاجي نصير احمد
- ❖ الهندو خان والد بهادر خان ۽ لعل بخش، ڳوٺ گورگيج تعلقه وارهه
- ❖ يار محمد راڏاڻي مارفاڻي چانڊيه پٽن جي رهائش مهيڙ والد عبدارئوف الهڏنو ڀگهيو ڳوٺ چارو ڏٽي بخ ّش جو والد ۽ ڏاڏو طالب حسين

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀگهو

- ❖ محمد يوسف پڳهيو ادا شير محمد جو والد ۽ ڏاڏو محمد اعظم ( چارو تعلقو ميهڙ )
- ❖ پريل خان لغاري والد ظفر خان ۽ قمبر علي خان ڳوٺ سيتا تعلقو خير پور ناٿن شاهه پاڻ بابا ڪچهريءَ جا مور ۽ مهمان نواز ۽ يار ويس ماڻهو هئا هن وٽ هر مڪتبہ فڪر جا م اٿهوا ايندا هئا چڱا معتبر بہ چو تہ چوواٽي تي اوطاق هوندي هئس صوفي سالڪ جاڻ چن ۽ مولوي عالم بہ وٽس ايندا ويندا هئا.

■

## بابا سائين جو بيمار ٿيڻ ۽ وصال

بابا سائين جي طبيعت1969/70 ۾ خراب ٿي پئي اسان پهريان وارهہ علائقي جي حڪيمن ۽ ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو سون پر ڦڪين فرق نہ ڪيو جيڪي بہ ويچاريون امرجون محتاج هونديون آهن بابا سائين کي غدود جي بيمار آهي صلاح مصلحت کان پوءِ بابا کي Operation لاءِ ڄامشورو ڪٺايو سون تڏهن اڌ سنڌ اٿان ئي علاج ڪرائيندي هئي سي بہ وسعت ۽ سرندي واري باقي تہ علاج لوڪل هوندا هئا ان وقت تائين اجا هي پيون اسپتالون ۽ هي جديد علاج جا طريقا ايجاد ئي ڪو نہ ٿيا هئا بلڪ مان سمجهان ٿو تہ اجان خواب خيال ۽ تصور ۾ بہ ڪو نہ هئا.

اسان چار ڄڻا بابا سان گڏجي آياسون آئون ادا چاچو حمزه غلام فريد وراٽي مارفاٽي اسان کي داخلا ملي بابا سائين جو بسترو پئي پہ ماڙخير سان آپريشن ٿيو بابا جڏهن ٺاڪا ڪليل تہ ڦٽ ڪلي پيو شايد بابا سائين کي شگر هئي جنهن جو اسان کي دير سان پتو پيو چو تہ ان وقت اها نياڱي عام بہ ڪو نہ هئي ۽ تشخيص جلد ڪو نہ ٿي سگهندي هئي اتي ڊاڪٽر وري اسان کي رهائڻ جو چيو اسان کي اسپتال ۾ اٽڪل ڏيڍ مهينو کن ٿي چڪو هئي پئسا کپي ويا هئا بابا سائين جي مون خوب خدمت ڪئي خدمت جي ڪري مون کي دعائون بہ خوب ڏنيون هاٽي ڳوٺان پئسا آڻ لاءِ ڪنهن کي وجٽو پيو پوي اسان پنهي جي هوڏ هجي تہ بابا وٽ مان رهان جيئن خدمت جو موقعو مون کي ملي آخر ادا چيو تہ تون وڃ پڙهيل لکيل ۽ رستن جو واقف آهين نيٺ مان ڳوٺ آيس ڳوٺ راڄن ۾ راڙو هجي تمام تر پريشان هجي نيٺ مان جلد پئسن جو بندوبست ڪري ريل رستي باڊهہ کان ڄامشورو پهتس 1970 ع جنوري جي آخر ۾ بابا کي Discharge ڪيائون. پر ان کان پوءِ بابا سائين جي طبيعت نہ سڌري جو نہ سنڌي وري بہ وارهہ مان علاج وٺندا رهياسون پر هي فاني دنيا ۽ بي بقا آهي ڪي آيا ڪي ويا نيٺ هن اجگر ۽ شينهن مڙس کي بہ مالڪ حقيقي پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو شال سندس تي رحمتون هجن. پوءِ تہ نظر ڏسڻ وٽان هو. جو مڙس جياڻ جيئڻ ۽ مرڻ وڏي مرتبي وارو هئو هر طرف روڄ راڙو هجي اسان جون هينيون هيٺ ۽مٿيون مٿي اها تاريخ هئي 20/1970 فيبروري بمطابق 13 ذوالج 1390 جمع 8.1 رات

اڄ نہ اوطــاقن ۾ طالـب تنوارين
اديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين
جيڪي جيءَ ڪـي جـيارين
ســي لاهــوتي لـڏي ويـــا

سندس آخري آرام گاهه پنهنجي اباڻي قبرستان آريجن پرسان آهي مان سندس مزار تي تمام گهڻيون حاضريون ڀريندو ۽ دعائون ونئندو ۽ ڏيندو رهندو آهيان. ڪيترائي دوست ۽ مائٽ بابا سائين جو موت جو ٻڌي ايندا رهيا هڪ بابا جو دوست نالي چتو گاڏي جن جو والد جڏهن اسان جي ڳوٺ جي پرسان آيو ته پٽڪو هٿ ۾ ڪري رڙيون ڪندو آيو ته هاءِ ڙي غلام حيدر خان ڀڳيهه تنهنجي لاءِ حسين ۽ جڏهن اوطاق اسان جي سَوَن ماڻهن جي روبرو اهو به چيائين ته ادا غلام حيدر خان بيماري ڪاٽي رضا ڪئي سڀ ڪو سهائي ويٺو رهيو جي ڪڏهن اوچتو رضا ڪري هان ته ڪيترن جهنياءِ قاتي پون هان. ان ڏينهن اسان مهمانن لاءِ هڪ وڏو پاڏو خيرات ڪيو هيوسون ڪافي دوست ۽ مائٽ لاڙڪاڻي دادو ضلعي ۽ ٻاهريان پئي ايندا رهيا. هاءِ هاءِ منهنجي امڙ صبر ۽ شڪر جو مجسمو اهڙي هستي دنيا ۾ واقعي به ٻي ڪانهي اها ڪا لفظي ڪانهي.

بابا سائين وٽ هميشه مهمان هوندا هئا. آنڌي مانجهي ماني ٽڪي ايڏو خوشيءَ سان ڪندي هئي جيڪو اڄ ڪلهه جي دور ۾ مون کي ته گهٽ ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي سادگي جو هڪ نمونو هئي مون سان تمام گهڻي محبت هوندي هئس، هوءَ هڪ معصوم ۽ فرشتو صفت انسان هوندي هئي نه امڙ آمنه جو سائوند وصال ڪرڻ ڪنهن جي ٻن م نه ٿن ۾.

■

## امڙ آمنہ

امڙ به بابا سائين کان تقريبن چار سال پوءِ 1974ع 7 مئي ۾ ساڍي 10 بجه جمع رات بمطابق 11 ربيع الثاني 1394 هه ڳوٺ ۾ رضا ڪئي، گڏوگڏ ساڳي قبرستان ۾ آهي جنهنجي مزار مبارڪ منهنجي لاءِ ڪنهن درگاهه بزرگ، پير وليءَ جي حيثيت رکي ٿي مان سندس کان هميشه دعا ٻنندو رهندو آهيان پير اندي کان بيهي. شل خدا کيس تي رحمت فرمائي ۽ ان جي قبر کي جنت جي باغن ۾ هڪ باغ بنائي، امڙ جي قبر کي پيرانديءَ کي چمي ڏيئي اکيون رکندو آهيان ان وقت منهنجي روح کي تسڪين ايندي آهي.

اڄ پـڻ اڪڙين سجـڻ پنهنـجا ســاريــا
ڳـلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪـن
سنـــدس سَـڪ پريـن، لوڪ ڏٺي نه لهـــي

نوٽ: مرحوم امڙ آمنہ جي وصال تي ڪافي عزيز قريب لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلع جا پهچي چڪا هئا. بابا مرحوم جي شادي امڙ آمنہ سائڻ سان منهنجي ڏاڏا پنهنجي دوست نانا نبي بخش عاليوال ڳوٺ تعلق ميهڙ مان ڪرائي هئي جنهن جي ڪري پڻ گهڻي کان گهڻا دادو ضلعي مان منهنجا عزيز ماما ماسيون ماروٽ عزيزن سميت پهچي چڪا هئا.

■

# منهنجو ادا

اسان صرف ٻه ڀائر هئا سون وڏو ادا حاجي محمد پريل اسان هڪ ٻئي سان بيحد پيار ڪندا هئا سون ايتر قدر جو هڪ ٻئي کان اولاد ٻه پياري ڪو نه ڪئي سون اسان جي سڄي برادريءَ ۾ تمام يگانو معتبر ۽ ساهتيو مڙس جهڙو ٻاره جو صاف اهڙو اندر جو سهڻو ڳاڙهو ڳتول جهڙو پٽاڻ.

اسان هڪ ٻئي جو بيحد احترام ڪندا هئاسون هڪ ٻئي جا عيوض سنگ ) ٻه ڪلنڊي ڪلنڊي پرياسون جدا ٿياسون تنهن کان پوءِ ڪڏهن هڪ ٻئي سان منهن ٻه ڪو نه گهنجايوسين شل اهڙو لحاظ منهنجي اولاد توڙي اڪلهه جي ڀائرن ۾ قائم رهي، منهنجي سڄي اوالاد يعني ٻارهين ٻار ان کي چاچا نه بلڪ بابا ڪوٺيندا هئا.

هميشه پٽڪو پائيندو هئو لڪڻ ٻه ڪٺدنو هئو ۽ ڏاهي چاپٽي ٻه رکندو هئو ڳالهه ٻولهه جو پڪو ڪچهري جو ڪوڏيو گفتار جي اهڙي لئي جو ٻڌندو رهجي مزو پيو اچي مثالن سنا ڳالهائيندو هئو اوطاق ڪلچر جو وڏو ڪيس تجربو هئو جيل ٻه ڪاٽيل هئس هڪ سگهڙ هو تاسون ويٺو آيو ادا هي چاهي چپائين پيو سپ ڪجهه چڏيم باقي هن جي اُٿان ئي اجازت وٺي آيو آهيان اُن جو ٻه وچوڙو منهنجي لاءِ هڪ وڏو سانحو آهي ڪيس دل جي سور سبب هي جهان ڇڏٹو پيو ڪيس پهرين گهر واري مان هڪ پٽ حاجي خان ٻه نياٹيون ٻي گهر واري مان ٽي پُٽ علي حيدر علي اظهر ۽ علي اصغر آهن جيڪي ٻه ميهڙ ۾ رهائش پذير آهن، اُن دور ۾ مان کوڙ سارا ٻآر تقريبن نوَ ڇٽي ڇُڪو هئس.جن جي تعليم جو فڪر ۽ اونو ٻه هو ۽ شهر ۾ رهي ڪري شهر جي سُک ۽ سهولتن جو ٻه ادارڪ هو جيئن اولاد ۽ ايندڙ نسل سُک پري زندگي بسر ڪري سگهي ۽ خاص ڪري مون کي ديني ماحول ٻه گهڻو وڻندو هئو سائين مفتي ڪريم بخش مگسي سائين علي اڪبر شاهه جي مسجد ۽ مدرسي جا معلم ۽ استاد هئا ان نيت سان وارهه کان ميهڙ واري هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي وٽاٽن تي چڻ واپس آياسيون هونءَ منهنجي لاءِ سڄي سنڌ چڻ پرينءُ جو ياچو ۽هجرت ته سڄي دنيا ڪري پئي مان ته ان کي سنت مبارڪ ٻه سمجهان ٿو ۽ قرآن ۾ ڪٿي آيل آهي ته توهان هجرت ڪيو ته توهان کي ٻيٹو ڏيندس جيڪو خدا تعاليٰ مون کي ڏنو پر ٻيٹو نه ڏهوٹويا اجان ان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي.

1982ع 8 -18 کان پوءِ پنهنجي ئي شهر ميهڙ نوڪري ڪيم پر اهو عرصو آزادي واري چڻ نوڪري ڪيم اسان جڏهن ميهڙ شفٽ ٿياسون ته اسان گهر ميهڙ ۾ ورتو باقي زمين عاليوال ۾ ورتي هئي سون، ۽ منهنجي نوڪري جي حد U/C منگواٹو هئي جيڪو منهنجو هومر بيٺ هئي ان نسبت سان گهٹو ٽٹو آفيس ورڪ ڪو نه هوندو هئو بلڪ نه جي برابر هئو. ان وقت ۾ پنهنجي اولاد جي پڑهائي تي ٻه ڌيان ڏنو ۽ٽائيم جو فائدو وٺندي خدمت خلاق ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهيس جيڪو منهنجو محبوب مشغلو ته اڳ ۾ هئو ويتر واند ڪاين سون تي سهاڳو ڪيو ۽ پنهنجي اصلي ڪي وڏي ڪم سان لڳي ويس.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو

## منهنجي شريڪ حيات

1947 سندس ڄمڻ ۽ 25.4.62 ان جي بار ۾ جيترو لکجي اوترو گهٽ آهي هوءَ واقعي هڪ قابل تعريف عورت هئي جنهن مون سنا تمام گهڻو سات ڏنو ۽ نڀايو، عام طور تي عورتن ۾ مون ڪر ڪر ۽ جهڳڙالو طبيعت ڏٺي آهي توڙي جو منهنجو گهڻو تڙو ٻاره ۽ ٻين ماڻهن جي ڪمن سان گُذر ٿيندو هو پر هن عورت ڪڏهن به گهپي گير ڪانه ڪئي مهمان تائين اڌ رات مڌ رات آيو ته به ڪل خوشيءَ سان ٿي ماني ڪندي توڙي جو يارهن ٻار ڄڃڻ پالڻ ڪا مذاق ۽ مشڪري ڪانهي پر ڪمال جو نڀائي وئي. ڪڏهن به ڪافر مائش ڪو نه ڪيائين منهنجو ڏڍ ۽ پرجهلو هئي هُن جي بُردبار طبيعت ۽ مون کي حوصلو ۽ جلال بخشندي هئي تڏهن ئي ته مان ايترو سرگرم عمل رهي سگهيس پئي ۽ منهنجي رولاڪ طبيعت ڪڏهن نه ٽڪي ۽ ڪڏهن نه ماني تي. پاڻ گردن جي بيماري جي مريض هئي سندس گردا فيل ٿي ويا ۽ ڊائلس ڪرائيندي هئي سول اسپتال ڪراچي ۾ مرحوم جي ڊائلاسز ساڍا ٽي سال هلي. هفتي ۾ ٻه دفعا ڊائلاسز هلندي هئي، سول اسپتال گرده وارڊ ۾ ڊاڪٽر اديب رضوي وٽ داخلا هئي منهن جا پٽ ۽ ٻياڻيون ۽ آئون واري واري سان ميهڙ مان ڪراچيءَ ڊائلاسز لاءِ ويندا هياسون. آخر 25.4.04 تي اسپتال ۾ رحلت ڪيائين ۽ فون تي ميهڙ گهر اطلاع ڏنم. رات جو ايمبولنس ۾ 2 بجه گهر پهتاسون. مون کان اڳ اوري پري جا عزيز سڀ پهتل هئا 26.04 تي ميهڙ ۾ رجب دايو جي قبرستان ۾ مرحوم کي آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. هي ڪتاب مان پنهنجي هن ساٿي کي دعا سان ارپيو آهي ته شال خدا کيس جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏي "انا الله وانا الله اليہ راجعون"

## چاچا حاجي خان جو وڇوڙو

پنهنجي پيارن جي وڇڙڻ تي ماڻهوءَ کي ضرور تڪليف ٿيندي آهي پوءِ ڪنهن کي وڌ ته ڪنهن کي گهٽ، چاچا حاجي خان به منهنجي پيارن مان هو مون سان گڏ به پڙهيون هئو ته مون سان گڏ طهريو به هئو ۽ چاچا هوندي به مون سان دوستن جيان هو، مرحوم تمام ذهني ۽ هوشيار انسان هئو روشن علي کي برادريءَ جي ٻيگ ٻڌارائڻ ۾ مک ڪردار ان جوهو. ۽ بري ڀلي ۽ پنهنجي پرائي ۽ دوست دشمن جي تميز رکڻ وارو ماڻهو هو يائرن ۾ ننديو هئوپر قُرٽت ۽ پاڻ پرو هئو دنيا جي وهنوار ۽ ڪار گذاري کان واقف ڪار هو.

# منهنجو پائيتو

عبدالقادر ولد حاجي محمد پريل خان پگهيو 1952 ۾ پيدا ٿيو جيڪو گهڻو پڙهي ڪو نہ سگهيو جنهن جو هميشہ افسوس رهندو اٿم. ان جا بہ گهڻا جائز ۽ ٺوس سبب آهن پر هو هڪ عجيب طبيعت جو ماڻهو هو. خدا تعاليٰ هُن کي صبر جا پيندار ڏئي ڇڏيا هئا. محنتي اهڙو جو اُن جو جوڙ ڪو شايد ڪو ماڻهو هجي هارپي جي ڪم جي شاهہ ڪاريگر پر سعودي عرب ويو تہ بہ سالن جا سال محنت مزدوري ايڏي ايمانداري سان ڪيائين جو حد ناهي. سندس جو نالو ڇٽي جو عبدالقادر هئو پر پيار مان حاجي خان چوندا هئس. هو پنهنجي ڪم سان رکڻ وارو هئو ڪنهن بہ سماجي وهنوار ۾ گهٽ پوندو هئو. باقي سندس خلاف ڪڏهن ڪا شڪايت يا دانهن ڪوڪ بہ ڪوہ پڌي سون توڙي جو هو جواني قوهہ ۾ هو تہ بہ پاڻ پهريان 1983 ۾ عمرو ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويو، ڪيئي دفعا سعودي عرب ڪم ڪار جي لحاظ کان ويو. پاڻ ادا سائين جو هڪ فرزند هيو. پاڻ دل جي دوري سبب رات جو اوچتو ۾ رضا ڪيائين سندس قبر ميهڙ جي رجب دايو جي قبرستان ۾ اٿس. سندس کي پويان 3 پٽ ۽ هڪ نياڻي اٿس. پٽ ڊاڪٽر عبدالحفيظ 2 رفيق احمد 3 شفقيق احمد ۽ هڪ نياڻي اٿس، جنهن جي بہ پاڻ شادي ڪرائي ويو هيو. منهنجو پنهنجو چاهي؟ نہ ڪو فلسفو نہ ڪا دانشمندي يا گهڻي هٽي وٽ جي ضرورت بہ ڪهڙي يا ڪهڙن ۽ ڪيترن فلسفن ۾ پئجي ۽ منجهيل سُٽ تہ اڳي هئي سلجهايو پيو اچي.

# باب پنجون : زندگيءَ جون سرگرميون

■

## منهنجي رهاڻ

24 آگسٽ 2002ع ۾ عوامي فورم ميهڙ سنڌ ڊيمو ڪريٽڪ رائٽرس فورم ۾ ۽ ميهڙ شهرين طرفان مون سان رهاڻ وچائي وئي، سادي پُر وقار طريقي سان علي اصغر شاهه اسڪول ۾ جنهن ۾ مون کي تمام وڏو مان مَرتبو مليو جنهن ۾ عزيز ۽ دوستن جي جهجهي انداز ۾ شرڪت رهي گلن جي هارن سان گڏوگڏ پئسن جا هار به وڌا ويا. راڳ رنگ، مزاحيه فنڪار ۽ شهر جا معزز ترين علمي، ادبي،سياسي، سماجي ماڻهو شريڪ رهيا سڄي رات پروگرام هليو، اجرڪ ۽ ٽوپيون پارايون ويون جنهن ۾ رياض چانديو احمد خان علي شير ڳوري، غوث جتوئي، شبير جهتيال، ارشد پٽي، روشن عبدالخالق ۽ ٻيا دوست ڪافي سرگرم رهيا ۽ محنتون ڪيائيون اهو به قدرت جو ڪرشمون ۽ ڪار سازي حالانڪ مون جهڙي سادي ماڻهو جي مَنَ ۾ اهڙي خواهش ڪڏهن به ڪر ڪو نه ڪنيو آهي، آدم خان ڀٽ پرنسپل ميهڙ ڪاليج جو خاص مهمان اعزازي مهمان سائين الله رکيو ڳوري انور ڪانڌڙو شاهه محمد سومرو حڪيم چانديو ڊاڪٽر عباس مهيسر پاويل جوڻيجو، ڪامريڊ بگن چانڊيو، حافظ الهندو ٽيوٽو، ڪافي دوستن سٺيون ۽ زبردست تقريرون ڪيو غالبن وڏي اليڪشن جو زمانوهيو گهڻوتڻوسياسي تقريرون به ٿي ويو هيون.

■

## روشن سان رهاڻ

30 جنوري جمع تي هاءِ اسڪول سينٽر هال ۾ جڏهن روشن علي سول جج جي ڪميشن پاس ڪئي هئي ته ان کي شبير جهتيال چواڻي Full Reference ڏئي هوڏي موڪليوسين جيئن جج کي رٽائرمينٽ ڏني... وقت هيڏانهن يعني سماجي زندگي ڏانهن موڪليو ويندو آهي دوست چوندا آهن ته اهو هڪ تاريخي پروگرام هئو ميهڙ جي حُوالي سان. پروگرام ۾ سڀ رنگ هئا سٺيون ۽ سيبيتون تقريرون به هيون ته حد درجي جي شرڪت هئي راڳ رنگ به هئو ته مزاحيه فنڪار به هئا ۽ محمدعلي پٽي (پٽي ٽيٽر) طرفان زبردست اسٽيج ڊرامون به هئو. واره ڪان مائٽن جي بس پرجي آئي هئي 4 کن موويز هيون راڌڻ ترڙي محبت، قادر چانڊيو، حميد چنا، شبير جهتيال وارن جو وڏو رول هئو ۽ محنت هئي ميهڙ کان غوث جتوئي، احمد خان، علي شير ۽ رياض، حافظ الهندو ٽيوٽو ته ڪٿئي نه ٻيا ماڻن پر لاڙڪاڻي کان محمد يوسف پنهور، اياز ميمڻ“ شاهه ۽حضور بخش جتوئي هارن سميت شرڪت ڪئي هئي ۽ پروگرام ۾ سڄي رات ويٺا رهيا. اولاد جي خوشي پنهنجي خوشي کان به وڌيڪ هوندي آهي، شال سيئي والدين اهڙيون خوشيون پسن.

ان ڏينهن مون خيرات به ڪئي غالبن 13 کن ديڳيون لاٿم جنهن ۾ ٽيهو ختمو ڪرايم ۽ ست راڄي سڏيم (ختمو: هڪ قرآن جو ورد ورد کي چئبو آهي“ جنهن ۾ واره کان ميان بخش ٻگهيو وارن خاڪا ۽ٽيبلوزپيش ڪيا. پروگرام عوامي فورم ۾ سنڌ شهري اتحاد ترڙي محبت پارن منعقد ڪيو ويو.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهيو

■

## پڳ

” پهچي پٽڪي“ ور ويو خود مانَ شان سان گڏ خود لاءِ وڏي ذميداري آهي مان اڳ ۾ ٻه ذڪر ڪندو آيو آهيان ته محبتن جو سلو خدا تعاليٰ ڏئي تو ڏيندو رهندو ۽ مون سان ته عجيب مهربانيون وڙڪيا اٿس جيڪي مون جهڙو پوڙهو ماڻهو هر ماڻهو تي جلدي ويساهه ۽ يقين ڪرڻ وارو جيڪا منهنجي ڪمزوري آهي. قدرت واري اها خوشي ٻه منهنجي جهولي ۾ وڌي هونءَ چوندا آهن قدرت وارو ڪنهن جي چڱائي نه تو وڃائي انهن جو سلو پئي مليو ۽ همراهه روشن علي برجُستو ۽ سمجهدار ٻه هو ۽ ان ۾ اها سگهه ٻه هئو پوءِ ته قدرت هن سان ٻه ڪوڙ مهربانيون ڪندي رهي، سياسي سماجي ميدان ۾ منهنجي دعائن جي طفيلي ۽ سندس جي محنت دل لڳي جي ڪري هو سماجي ميدان ۾ ٻه مختلف فورمن توڙي عوامي فورم ۾ تمام گهڻو سرگرم رهيو ۽ سندس طبيعت ۾ ميٺاج ۽ سُپ اهڙو جو توررڙي وقت ۾ و ڪالت ۾ اُيار آيس ۽ نالو ڪمايائين ۽ برادري ۾ پنهنجي پاڙي جي پڳداري ٻه نصيت ٿيس.

هاٺي ته قدرت هن کي جج ڪري چڏيو جيڪو وڏوعزار آهي پر مون هن کي همتايو توڙي جو اليڪشن جهڙي خطرناڪ ڪمن ۾ ٻه هو هٽ وجهندو رهيو ۽ راند ڪيڏندو رهيو منهنجو دعائون اٿس شل سدائين سُکيو ۽ شاد رهي ( آمين )

■

## اليڪشن

مان ذاتي طور تي سڌي طرح اليڪشن ڪو نه لڙيو آهيان باقي يارون، دوستن، عزيزن جي ڪري محنتون ۽ ڪاوشون جام ڪيون اٿم. چاچي محمد لائق راڏاٽي کان ادا شير محمد تائين، رحيم بخش کان سردار واحد بخش ۽ حزب الله خان نذير احمد خان. منهنجي روشن ۽ عبدالحليم تائين هونءَ چڻ مروج سياسي سسٽم جو ماڻهو نه رهيو آهيان ۽ نه سياست ۾ ٻه آهيان پر پوءِ ٻه آئون مسئلن جو حل وري ٻه انهيءَ ۾ سمجهان ٿو ته ماڻهو پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ۽ پنهنجي مسئلن تي پاڻ ڌيان ڏين جدوجهد ڪن ۽ حل ڪن جيڪا ٻه ڪنهن ٻه ڪنهن سانچي ۾ هُجڻ گهرجي.

پر مون نوڪريءَ دوران ٻه ڪوڙ اليڪشن ڊيوٽيون ڪيون ۽ انهن کي ويجڙائي کان ڏٺو ۽ انهي سچي تجربي ۽ مشاهدي جي زور تي ان راءِ ڏيڻ ۾ ڪا ٻه هيڪ محسوس ڪو نه ٿو ڪريان ته ان ۾ عوام جي مرضي اُٿي ۾ لوٽ برابر نه هوندي آهي.

ڌهه دنيا ستر آخرت جوبڌنداو آهيون پر مان ان جو سِلو ۽حقيقي روپ واقعي ٻه ڏسندو رهيو آهيان پنهنجي ئي زندگيءَ ۾ پنهنجي ئي جيئري اليڪشن جو ذڪر آيو ته اهو ٻه ذڪر ڪندو هلان ته هون ته مون سدائين مائٽن ۽ دوستن جي ورڪ ۽ حمايت نيڪ نيتي سان ڪندو رهيو پنهنجي وس آهر پر قدرت جواهو ٻه عجيب ڪرشمون آهي جو 2001 ۾ مون کي روشن علي لاءِ ٻه ورڪ ڪرڻي پئي جيڪو دادو اتحاد جو

اميدوار U-C گاهي مهيسر تي نائب ناظم لاءِ طفيل احمد هو سندس ناظم هو محمد صالح کوسو ۽ مخالف اميدوار لاءِ طفيل احمد خان مهيسر ۽ ميرل دريائي يوسي گاهي مهيسر ته مهيسرن جي گهٽائي پ پ جي ماڻهن جي هئي پر اسان کي به پرپور موٽ ملي ۽ روشن علي جي، نئين نئين وڪالت هئي ان کي ڪافي اُپار ميلو ان جو جوش خروش ۽ جذبو به ڏسڻ وٽان هئو پر هاريائون جيڪو فطري هو پر آئون مايوس بلڪل ڪو نه هئس ۽ وري منهنجو پيو نمبر پٽ عبدالحليم جيڪو به اچڪلهه وڪيل آهي اهو به يوسي گاهي مهيسر تان ئي جنرل ڪائونسل لاءِ 2005 ۾ بيٺو ۽ تمام مخالفت پنهنجن ماڻهن عزيزن جي باوجود به تمام گهٽا اميدا وارن جي باوجود به اسان کي ڪاميابي نصيب ٿي (وتُعذمن تشاءِ وَتُذل من تشاءَ)

■

## عبدالصبور سان رهاڻ

4 جون 2011ع تي المهراڻ هوٽل جي ڇَتِ تي تمام وڏو آجياڻو وڏين اميدن ۽ دعائن سان ڏئي cadet college ائين درجي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو جنهن ۾ صبور خود English ۾ تقرير ڪئي جيڪا شاندار هئي. اعتماد ۽ Confidence ڏسڻ وٽان هئو شل سدا سکيو رهي.

■

## گهرن جو ٽرڻ / وڏو نقصان

اسان جا جڏهن گهر سڙيا گهرن کي باهه لڳڻ مئد موري لڳ پنهنجا گهر ۾ ته منهنجو علمي ادبي خزانو ۽ ڪوڙ نسخا پئي گهرو سازو سامان سان گڏ اهي به خاڪ تي ويا هئا پر جيڪو تمام صدمو هئو ۽ نقصان ٿيو جو ته ماڻهو پيو سازو سامان ته وٺي سگهيو ۽ مارڪيٽ مان خريد ڪري سگهيو پڻ ڊائريون يا هٿ ڪيل تحقيق مواد جو ملڻ مشڪل نه ته به آسان ڪو نه هوندو آهي ڊائريز تان ورتل ڪجهه معلومات رڪارڊ تي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڏجي ٿي.

ان خيال سان جيئن قارئين کي ٿلهي ليکن اندازو ٿئي ته ۽ قطره قطره درياءُ باشند )ڦڙو ڦڙو تلاءُ ) جي مصداق ڪيتري محنت سان ڪئي ڪيل معلومات آهي.

■

## واره چڏڻ دعوتون

سچي (تر) دعوتوڪيون جنهن ۾ تقريبن اسان کي سچي ڪتنب سوڏو ڏينهن ڪن لڏي ڪڻ ڪان پوءِ به لڳي ويا هئا جنهن ۾ مائٽن عزيزن ڪان علاوه اسان جون دوستن به دعوتون ڪاڏيون ڪافي ته رهجي ويا پر پوءِ به واره سان ته پنهنجي ناتو ڪوڙ سارا عزيز ۽ قريب به دل جا ٽڪرا ته هتي به آهن هونءَ به منهنجو اهو مشغلي ۾ شامل

آهي اُتا ويٺي سڏ پت نہ ڳُسايان ضعيفي ۾ بہ هلندو رهوي آهيان توڙي جو اولاد يا يار دوست يا ايستائين جو جن وٽ وڃڻ ٿيندو آهي تہ اهي خود بہ منع ڪندا آهن تہ سائين توهان تڪليف نہ ڪريو پر آئون مُڙان ڪونہ

■

## مهمان نوازيون

## مهہ ـ مان ـ مان لَهڻ وارو (عزت)

دنيا جي ڪوڙ ملڪن ۽ قومن جون مهمان نوازيون مشهور آهن پر اسان سپاجهو سنڌي ماڻهو بہ پنهنجي ايري سيري حال آهر بہ گهٽ ناهي ۽ ملڪان ملڪ مشهور آهي جن ۾ عربستان ۽ افغانستان بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

اسان سنڌي ماڻهو مهمان کي رحمت تصور ڪندا آهيون ۽ اهي سوچيندا آهيون تہ مهمان پنهنجو رزق پاڻ سان ساڻ کنيو ايندو آهي يا اهو تہ مهمان پاڳ وارن وٽ ايندا آهن، هاڻي جيڪڏهن اهڙي قومي ۽ اجتماعي تصور کي ذهن ۾ رکبو تہ قصو سمجهہ ۾ ايندو. منهنجو بابا سائين ڪڏهن بہ اڪيلو ماني نہ کائيندا هئا جيستائين مهمان نہ اچي پوءِ ان سان گڏجي ماني کائبي. عاليوال کان واره تائين اچبو تہ چار پنج راتيون تہ ڪو مسئلو ئي ناهي ائين گهر ڏٽي پيو خوش ٿيندو ۽ ڀهڪندو ۽ تڏهن اها چوڻي بہ مشهور ٿي تہ ” وڃجي ان جي گهر جنهن جا پيرِ بہ کلن“

” الله اچن اوءِ جن آءِ من سرهو ٿئي“

ايتري رهڻ کان پوءِ بہ گهر ڏٽي مهمانن جو سامان جتيون ۽ بُرقعا لڪائي ڇڏيندا ايتري رهڻ کان پوءِ بہ گهر ڏٽي مهمانن جو سامان ترسن ۽ ٽڪن ۽ ايتريون محبتون ۽ قربتون هونديون هيون جن جو ذڪر سان ئي اکين ۾ پيار جو پاڻي پرجي تو اچي.

■

## منهنجي اولاد

مون يارهن پارن جو اولاد آهي جنهن جو بہ وقت بوقت ذڪر ايندو رهيو اهي جنهن ۾ نياڻيون پنج جن جي شادي ۽ ٻين سيني شرعي ذميدارين کان بہ پاڻ کي آجو سمجهان تو وَس آهر تعليم ۽ تربيت جو بہ پورائم ڪيم. ڇهن پٽن جو اولاد آهي جيڪي بہ سڀ جو سڀ شادي شده اولادي ۽ هڪ گهر ۾ گڏ رهندا آهن پر هر هڪ کي الڳ رکي ڇڏيو اٿم، مستقبل جي انديشن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪي بہ سڀ روزگار سان ۽ معاشري ۾ عزت جي مقام سان پنهنجي زندگي بسر ڪري رهيا آهن وڏو پٽ روشن جج آهي ٻيو نمبر وڪيل عبدالحليم ٽيون نمبر عبدالقيوم پنهنجي ليباٽري سان ۽ چوٿون عبدالرشيد وڪيل عبدالشڪور سعودي عرب ۾ آهي ۽ ڇهون عبدالصمد استاد ۾ آهي پنهنجي ليبارٽري بہ هلائي تو.

منهنجو هڪڙو پوٽو جيڪو وڏي پٽ جو پٽ ۽ وڏو پوٽو ٽيم عبدالصبور جيڪو تمام گهڻو سلجيٽو ۽ سنجيده طبيعت جو مالڪ آهي جيڪو ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ائين درجي ۾ پڙهي رهيو آهي

باقي مهراڻ خان، سرواڻ خان، عبدالسميع، مصور علي، بلاول خان، عبدالحئي، (پوٽرا) پرائمري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

■

## ڏوهٽاڻ

اسدالله، حيدر بخش، احمد، محمد، قادر بخش ذوالفقار، بدرالدين، مجيب الرحمان،عبدالهادي سارنگ ۽ حنين.

■

## حج

ميهڙ ۾ اڇڻ سان ئي حاجي خان ” منهنجو پائيٽو“ سعودي ويو ان کان پوءِ ادا سائين حج مبارڪ ڪري آيوءِ پوءِ ائون به اها سعادت جيڪا سڪ سالن کان هئي سانديل دل ۾ سا ڪري آيس. توهان جا پانيو ساٿيهه سو مانجهاندي جو ماڳ يعني انسان مسلسل سفر ۾ آهي پر هي منهنجو سفر وڏي سعادت وارو آهي آئون يعني لڙڪ لاڙي ۽ دل وجان ۽ سوز سان غزل چوندو هئس ته ملڪ دينه پانيان ماڪيءَ کان به متويا، مولا مدينو ڏيکار پوءِ پلي مار لهن اوجاڳا اکڙين جا 84-8-16 ميهڙ کان تياري ۾ مصروف ڪافي ڏينهن کان اوري پري جا عزيز آيا ويا پئي ڪي دعائن لاءِ ڪي سوکڙين لاءِ ڪي اڏانهن پنهنجن پيارن ڏينهن امانتون ڏيڻ پئي آيا. 17.8.84 جمع مبارڪ جو ڏينهن هو به محبتون مرڪون ۽ دعوتون ڪائيندي ۽ ميهڙ جي عزيز کان موڪلائيندي ڏينهن گذريو حسب معمول نماز مولي مفتي ڪريم بخش وٽ ادا ڪيم جن لاءِ آئون پهرين عرض ڪيو اٿم ڪتي ته ميهڙ اڇڻ ۾ بين ڪوڙ سارن سببن ۽ ڪوشش هڪ ديني تعليم جي حوالي سان اهو سخص به هئو، جنهن جي محنت ۽ استقامت ڏسڻ لکڻ جهڙي هن سچي زندگي پنهنجي ديني ۽ علمي ڪم ڪي ايمانداري سان ڏئي ڇڏي ۽ تمام وڏي عمر جي آخري حصي ۾ به پنهنجو ڪم جاري رکيو ايندو هئي. جتان سوين نه پر هزارين عالم استاد ۽ قادر حافظ پيدا ٿيا. (1) حافظ محمد عيسيٰ کان وٺي ( الله سائين ڪيس جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي) هاٺي ساڳي منسد تي سندس پٽ حافظ ذهين احمد جن (براجان) آهي. مريد لغاريءَ جا غزل، مولود ۽ عبدالحق خاصخيلي جا پڌي دل ٺري پوندي هئي خير اچون ٿا. پنهنجي حج جي تاري ۽ مروفيات تي رات جو سڀ عزيز، دوست مون مون وٽ جمع هئا، رات جي ماني مهل سان تقريبن 8 بجه مون وٽ ڪاڏي سون، آئون گهران نياڻن وغيره کان جلدي جلدي موڪلائي اوطاق مان سيني عزيزن سان گڏجي پيادل استاپ تي آياسون 8.25 تي حاجي شفيع محمد جي هوٽل وٽ تڏهن اهو استاپ هوندو هئو ( جلباٽيءَ ۽ ڪوسن جون بسون) هلنديون هيون بس ۾ اجان دير هئي ته ڪن دوستن چانهه ته ڪن بوتلون پيتيون بل ادائگي ادا شيرل پڪهئي چارائي ڪئي مون ميهڙ ۾ سو مهٽي جي نماز به نوراني مسجد ۾ 8.40 تائين پڙهي ورتم آخر 9 بجه بس آئي موڪلائي بس ۾ چڙهيا سون. چاچا حمزه، ادا محمد يوسف ۽ واحد بخش جيڪي مون سان ڪراچي تائين همسفر ٿيا. 84-8-18 حاجي ڪيمپ ۾ پهتاسون 7 قطارون هجن مان به قطار ۾ بيٺس جهاز 871 پاڪ بجه رات 21/8/84 جي فلائيٽ لکيل هئي 3 ڪلاڪ بيهڻ کان پوءِ مون ڪي پنهنجو ويزا لڳل پاسپورٽ مليو هڪ چٽي ۽ هڪ ٿيهلو به مليو.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پڳهو

ان کان پوءِ بئنڪ وياسون جتي مون کي 50 ڊالر ڪئش 950 ڊالر جو چيڪ ڏنائون پوءِ اسان دلڪشا هوٽل جي ڪمري A68 جيئن بسترن جي 24 ڪلاڪ لاءِ 70 روپيہ مسواڙ هئي ڪلاڪ کن اتي تريسي ماني سنڌي هوٽل بولٽن مارڪيٽ ۾اچي کاڌيسونن بعد ۾ جوڙيا بازار ۾ وياسون جتي ادي محمد يوسف کي دوڪان ڪرباني جو سمان بہ وٺتو هئو هو ۽ مون سعودي عرب مائٽن ڏانهن ٽيليگرام بہ ڪيو چو تہ ان وقت فون يا موبائيل عام ڪو نہ هئي 19.8.1984 جي گول بيدي واري مسجد گهميسين واهہ جو شاهڪار ڪاريگري جو نمونو هئي بار بار ازخد سُبحان الله زبان مان نڪر پئي ويو بعد ۾ بس ۾ چڙهي قائد آباد۾ لانڊي کان ٽيندا استيسل ٽائون آياسون معشوق جتوئي وٽ جنهن کي استيل مل ۾ نوڪري آهي روشن داواٽي ۽ بشير ڪوري سان بہ ڪچهريون ٿيون شام جو مٿي گلشن حديد گهمڻ وياسون جتي اجان نوان ڪوارٽڙ بنگلا ٺهي رهيا هئا. پوءِ پير اڏي تي آياسيون جتي سڄ ملڪ جا چانور گڏ ٿيندا آهن 21.08.1984 اڏ رات تائين ڪچهري باقي رات حُب ۽ سڪ ۾ پاسا ورائيندي گُذري جُمع جو ورير بس ۾ چڙهي حاجي ڪيمپ آياسون تمام وڏي رش هئي اصلي ”ترهنيون پٽُ نہ پيو پوي۾ اتي ڪافي تر جا ماڻهو مليا آخر 4.40 تي اعلان ٿيو تہ بس ۾ چڙو ائيرپورٽ لاءِ مائٽن۾ عزيز۾ دوستن کان موڪلائي 5 بجہ بس ۾ چڙهي آياسون ائيرپورٽ وياسون 8.50 تي جهاز ۾ سوار ٿياسون سيٽ نمبر 464 آهي. اهي اڪر مان جهاز ۾ ويٺي ڊائري تي لکيم 9.10 تائين جهاز پرواز ٿيو ڪلاڪ کن کان پوءِ اسان کي چانهہ پاڻي فروٽ ۽ ماني ڏنائون اٽڪل 4 ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ جده ايئرپورٽ تي لهڻ جو اعلان ٿيو اٽڪل 450 مسافر هئا سون تمام خوبصورت ڊائري هئو ڪراچي جي پيٽ ۾ اسان کان اڳ ۾ مصر جو جهاز لٿل هئو ان کي فارغ ڪرڻ کان پوءِ اسان جو وارو آيو ائيرپورٽ تي ڪافي ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو ڏسڻ لاءِ مليا مان 3.30 تي ائيرپورٽ کان ٻاهر نڪتس تہ منهنجي اڳ تي آيلن ۾ ماسات محمد رمضان ماما غلام رسول ۽ منهنجو ڀائيٽو حاجي خان جيڪي الڳ الڳ ڪارن تي آيل هئا. باقي حاجي موسيٰ۾ حاجي فيض محمد۾ الاهي بخش،ڪوهارو۾ شيرِ خان چانديو۾ منهنجي ڪفالت ۽ حاجي الاهي بخش ڪنئي ۽ گاڏي ماسات محمد رمضان جي تي چڙهيس۾ اُتي نماز پڙهي نيرن ڪري تڪڙ حالي حوالي ٿي عينڪيش آيس۾ حاجي غلام رسول وارن وٽ اتي حاجي صوفن ۽ حاجي بشير بہ مليا ان دور ۾ اسان جا ماڻهو هتان پاڪستان کان روزگار جي سانگي سعودي عرب ڏانهن جام ويندا هئا تقريبن هر ڳوٺ کان ٻہ چار ماڻهو ضرور ويندا هئا. ڪچهرين کان پوءِ ٺيڪ 8 بجہ الاهي بخش ڪوهارو پنهنجي جڳهہ تي وٺي آيو 9 بجہ عمره لاءِ ويگن ۾ سوار ٿياسون 10 بج مڪي پاڪ پهتاسون واه واه مون کي طاقت ناهي تہ بيان ڪري سگهان۾ خوشيءَ جي انتهاهي خوشيءَ مان:

”ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن “

مڪ پاڪ۾ جده شريف کان اوپر طرف 75 ميلن تي آهي لبيڪ جو ورد جاري وساري هئو عجيب ڪيفيت ۽ دلفريب وڻندڙ منظر هئا۾ ديدار ٿيا۾ دعائون ٿيون آب زم زم پيتو صفا مروه تي بہ ڊوڙياسون۾ نفل پڙهياسون طواف ڪيم ۽ عمر پورو ڪيم۾ تمام وڏي رش هئي پر انتظام اهڙو هئو جو ڪا بہ دقت نہ هئي مون مٿي جا وار بہ لهرايا سيني لاءِ دعائون گهريم آب زم زم ورتم پيتم ۽ ٻن پهرن جي نماز بہ اتي ئي ادا ڪيم اهرام لاٿم ڪپڙا پاتم 23/8 منهنجا پيا عزيز عبدالله حاجي علي مردان۾ نياز گل بيگ۾ پيارو۾ امداد بغير اميگريشن وارا هئا ان ڪري اڳواٽ ئي حج لاءِ نڪري ويا هئا باقي حاجي غلام رسول سان خلاصہ حوال ٽا اڄ بُخار محسوس ٿيم ڊاڪٽر قمرالدين کان علاج ورتم سعودي عرب ۾ اسان جا تمام گهڻا عزيز دوست رهن ٿا ڪو ڪاڏي پيو چڪي ڪو ڪاڏي دعوتن ۽ ڪچهرين لاءَ پر مان تہ هت عبادت ڪرڻ ديدار ۽ زيارتون ڪرڻ آيو هئس سو پئي ڪترايم.

ليڪڪ: حاجي عبدالڪريم ڀگهو

اڄ بني مالڪ ”پاڙو“ مان ڳوٺ آباد تعلقو واره جا سئوٽ عبدالهادي حاجي جان محمد، شفيع محمد ۽ عبدالوحيد جهنڊير ڪار تي چڙهي آيا ڪافي مون سان ڪچهري ڪري ويا ۽ دعوت جو زور پري ويا مون به حامي پري.

25/8/84 اڄ 900 ڊالر تبديل ڪرايم جيڪي 3515 ريال ٿيا ۽ اڄ پاڪستان لاءِ 9 خط به روانو ڪيم بعد ۾ واعدي مطابق آئون ماسات محمد رمضان بني مالڪ وياسون ۽ ڪافي ڪچهريون ٿيون همراهن کي پاڪستان جا حوال ڏئي تروتازه ڪري ڇڏيوسون ۽ پاڪستان لاءِ خط لکيا سون ۽ ريل به پرياسون اڳي ٽيپ ۾ ريل پرڻ جو رواج هوندو هئو.

اڄ جده گهميو سون اڄ حاجي آدم مهيسر به مليو.

■

## جده

**1/9/84** اڄ به جده ۾ ليمون جانڻ، غلام نبي مهيسر جا غزل پڙهم 12.9.84 اڄ رات به ننڊ ڪو نه آئي، ڇو ته صبح جو حج مبارڪ لاءِ سنبرڻو هئو حاجي صوفن ۽ آئون حج لاءِ روانا ٿياسون سڌو ڪعبت الله شريف ڏاڍا ديدار ڪري نفل، نماز، آب زم زم، دعائون واه واه سبحان الله 3.8.4 ان ڪان پوءِ حاجي صوفن آئون سر نگهن مان وڃي مِنا ۾ تنبو هنياسون ۽ اُتي ئي گذاريوسون اڄ 9 ذوالحج جي رات ” خوشي بيان ڪرڻ ڪان قاصر“ جيئن ته شرعي حڪم مطابق ائين ذوالحج جي ڀن پهرن ڪان وٺِ 5 فرض منا ۾ پڙهڻا آهن بعد ۾ اسان پاڻ ۾ 13 ڄڻا وڏي گاڏي ۾ چڙهي عرفات ” عرفات هاها“ پهتاسون جيئن لٿاسون ته اسان کي ڏاڍا سائين حضرت آدم عليه السلام جي مسجد پري ڪان ڏسڻ ۾ آئي لبيڪ جا ورد عام هجي سڀ هڪ رنگ ۾ هجن خلق جو پتو شمار نه هجي سرڪاري انگن اکرن مطابق 9 لک حجاج هجن باقي پيا به لکين ماڻهو هجن بخش جي مقام جتي حضرت آدم جي بخشش ٿي هئي اتي به جام جام دعائون گهريوسين ۽ هڪ رات مذدلفہ ۾ گذاري سون جان 49 پٿريون هر هڪ کنيو. 5.9.84 سومهٽي ۽ سج لٿي به مذدلفہ ۾ پڙهيون سون تهجد پڙهي صبح منعيٰ ڏانهن واپس ٿياسون ۽ وڏي شيطان کي پٿريون هڻي واپس آياسيون. مون پنهنجي حصي جي اُضحيٰ به ڪئي 143 ريال جي 6.9.84 مڪي پاڪ ۾ ڪعبت الله شريف جو طواف ڪيوسون ۽ صفا و مروه بيبي حاجره جي سنت ادا ڪئي سون،7.9.84 آخري رات هئي حج احڪمان پوري ڪرڻ جي نور جبل گهميوسون غار حرا به جتي ”قرآن شريف جو نزول ٿيو“ جتي سورت اقرا به لکيل هئي ۽ وپسي ۾ شيطان کي پٿريون هڻندي پئي پنهنجي تنبو ۾ جمع ٿياسيون،

8.9.84 حج پورو ٿيو لک شڪرانہ مالڪ جا شل قبول پوي ڏاڍيون هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيوسين ورتيونسين

■

## مدينو منوره

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

صبح جو مان مديني شريف 40 نمازون پڙهڻ لاءِ روانو 9.9.84 ٿيس سئوٽ عبدالهادي جي غُرفي تي آيس چو تہ هن مديني هلڻ جي حاجي پري هئي.

9.9.84 تہ اسان ٻئي ڄڻا مديني منوره لاءِ نڪتا سون وين ۾ في ماڻهو 60 ريال ڪرايو هئو رستي ۾ رابڪ وٽ مڇي چانور بہ ڪاڏاسون جيڪي تمام لذيذ ۽ وٽنڊڙ هئا ۽ سنت مبارڪا چيا ويندا آهن خير سان اچي مرسل اڙين جي آڏار پنهنجي سردار جي روضہ اطهر جي زيارت ڪئي سون وڏو مزو آيو ۽ ڏاڍا قرار ٿيا صبح جو " سومر" منهنجي پهرين نماز پوري ٿي جڏ تہ مون ڪي اتي چاليھ نمازون پڙهڻيون هيو ۽ مان تہ اڳ ۾ ئي انهن ڏينهن لاءِ سڪان پيو صلوات سلام جو روئنڊڙ اکين سان ورد جاري هجي اتي حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جون بہ زيارتون ٿيون رياض الجنت ۾ نفل پڙهڻ نصيب ٿيا.

11.9.84 حاجي محمد هاشم تنيو ۽ روشن گاڏي جي غرفي تي آيہ رهائش اتي رکيم گڏوگڏ زيارتون ۽ دعوتون بہ جاري وَساري هيون.

P.I 12 محمد بخش بروهي جي دعوت P.I 13 شاھ صاحب جي دعوت

P.I 14 روشن گاڏهي اڄ جنت البقيہ وياسون تمام وڏيون زيارتون بيبي فاطمہ دائي حليمہ حضرت عثمان غني، احد جبل، امير حمزه سبا

(7) مسجدون، مسجد قبليتن، 15.9.84 اڄ حاجي صديق ڪوسو ۽ الاهي بخش بروهي ميهڙ وارو مليو اڄ بہ زيارتون ڪري اکيون ۽ دل ٺرندي رهي منهنجي عمر هن وقت 45 سال هوندي مالڪ سائين جا وڏا قرب ۽ احسان ڪيا. مسجد نبوي عاليشان، خوبصورت صاف سٿري 10 دروازا آهن.

18/9 اڄ ٿيهو ختمو ۽ لک صلواتون ڪيم ۽ دعائن جا ڍير چاليھ نمازون بہ خير سان پوريون ٿيون 29/9 تائين مدينہ ۾ رهيس واري وري زيارتون ڪيم ڊئو نہ پي ٿيو سڪون ۽ سلامتي جي انتها هئي 30/9 اڄ جده واپس سنهي ٿيلهي خريداري آخري دعوت سڀ مائٽ دوست گڏ لڙڪن ۽ ٿهڪن سان موڪلاٽي ائيرپورٽ تي حاجي غلام رسول ٻگهيو حاجي عبدالهادي ٻگهيو ڇڏڻ آيا ڪراچي 9 مائٽ عزيز منهنجي اڳ تي ويا.

آئون 25.9.84 کان مدينہ منور مان روئندي سائين صلي الله عليہ وسلم جن کان موڪلائيندو خير سان جده شريف پهتس. جتي منهنجا عزيز واقارب منهنجو شدت ساڻ انتظار ڪري رهيا هئا. منهنجي الوداعي دعوت ماسات حاجي محمد رمضان ٻگهيو جده شريف ۾ ڪئي دعوت ۾ شريڪ حاجي غلام رسول حآجي صوفن، حآجي بشير احمد، حاجي غلام عاليوال وارو حاجي خان منهنجو ڀائٽو، حاجي خان ولد ماسات حاجي محمد رمضان، حاجي علي مردان، حاجي نياز حسين، حاجي پيارو عاليوال جو، حاجي عبدالهادي ٻگهيو، حاجي جان محمد، حاجي شفيع محمد، ڳوٺ آباد واره وارا ٽوٽل اٽڪل 50 کن مائٽ ۽ دوست ٿيندا. منهنجي اڳ تي ڪراچي 26.9.84 آيل مائٽ.

ادا حاجي محمد پريل، ادا حاجي سائينداد، ادا حاجي محمد يوسف ادا حاجي غلام مصطفيٰ ادا حاجي محمد عالم چاچا خان ماما حاجي عبدالرحيم، چاچا حاجي خان، نور محمد ٻگهيو ميهڙ مائٽ سارا ملي ڏاڍي سرهائي ٿي.

آئون 26.9.84 رات جو پنهنجي گهر ميهڙ اڳ تي آيلن سميت پهتس مبارڪ ڏيڻ وارا هار وجهڻ وارا ماڻهو واره کان آيا چاچو حمزو خان، حاجي غلام مصطفيٰ حاجي محمد عالم، رحيم بخش، حاجي غلام علي جن سُنو آڏار پاءُ ڪيو. جنهن ۾ پيار ۽ پاپوھ جڪي رهيو آيہ انهن کان سواءِ ڪجھ ٻيا بہ دوست عزيز

مليا جن ۾ محمد صالح، سومر خان ڳوٺ چارو مان، ادا شير محمد، روشن علي، حاجي بادل، چام خان، مبارڪ ٻه ڏنائون ۽ هار ٻه وڌائون 27.9.84 تي آيل. سجاول سر شاهنواز پتو ڳوٺ مان چاچو قيصر خان، حاجي عبدالغفار ٻگهيو منهنجو سالو ۽ عبدالجبار هوري، سهراب ٻگهيو ڳوٺ، ميهڙ واره جا ڪافي عزيز آهن.

اهم تاريخون ۽ واقعا ڪجهه ڊائرين تان اتاريل

| | |
|---|---|
| عبدالهادي 29-2-88 | 29-4-92 |
| گل محمد 27-7-95 | عبدالله جي 1978 |
| ٻجي الله شاهه 31.1.84 | رحيم بخش 26.2.1981 |
| صفي الله شاهه 15.4.97 | 12.6.1990 شادي حاجي عبدالخالق |
| حاجي محمد عمر 25.6.95 | عبدالرئوف 8.3.1986 |
| ادا شير محمد 25.3.1 | عبدالحليم 19.10.1990 |
| حاجي بشير احمد 5.3.94 | عبدالقيوم 23.3.97 – 23.3.97 |
| محمد يوسف 7.3.94 | H.Teaim 2.7.97 |
| غلام نبي مهيسر 13.2.2000 | ميڊيڪل اسٽور 1.5.1 |
| مسمات محمد رمضان 2.2.2000 | L.L.B فارم 3.6.4 |
| چاچو حمزه 6.4.2002 | پنهنجو دوڪان کوليم 15.6.11 |
| اد حاجي فريد سائينداد 9.392002 | خريد رقم 255000 |
| غلام فريد چانڊيو 30.3.03 | ٽيپ روڊ تي ورتل گهر 4.7.7 |
| ابراهيم ٻگهيو بن سچڻ 16.5.08 | عبدالحليم L.L.B 5.9.7 |
| والد طالب حسين جو | عبدالقيوم دوڪان اوکيم 9.5.05 |
| ڏتي بخش ٻگهيو 13.3.04 | عبدالصمد سنڌيونيورسٽي ۾ داخلا 4.9.10 |
| رٽائرمينٽ 31.10.01 | 9.10.4 |
| اولاد جو ڄڻ | پولٽري فارمڪولي چوزا لهرايا |
| پي نياڻي ڄائي 2.7.63 | 3.6.06 |
| ٽين نياڻي ڄائي 25 NOV 65 | عبدالصمد BSC پاس ڪئي 16.8.07 |
| ٽئين نياڻي 22 April 67 | اعتزاز ۽ اقصيٰ ڄاڙا ڄاوا 30.7.2010 |
| چوٿين نياڻي June 69 | عبدالرشيد فوج چڙهي |
| 15 | 4.9.30 |
| سڪندر علي ڄائو June 20.1971 | عبدالرشيد کي روشن علي حيدرآباد |
| | فليٽ جي چاٻي ڏني 7.1.6 |

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

| | |
|---|---|
| روشن 18.1.73<br>عبدالحليم 6.3.1976<br>عبدالقيم 6.3.79<br>عبدالرشيد 24.8.80<br>عبدالشڪور 12.10.1982<br>عبدالصمد 27.4.1984<br>1.روشن شادي 25.4.1984<br>2. شادي عبدالحليم Oct25 1990.<br>3. شادي عبدالقيوم 24.3.97<br>4. شادي رشيد Feb20 2004<br>5. شادي شڪور 23.4.2006<br>6. شادي عبدالصمد 27.4.84<br>7. شادي وڏي نياڻي 26.2.1978<br>8. شادي ٻيو نمبر نياڻي 8.31986<br>9. شادي ٽيو نمبر نياڻي 8.3.1986<br>10. شادي چوٿون نمبر نياڻي 12.6.1990.<br>11. شادي پنجون نمبر نياڻي 11.10.2009 | منهنجي گهر واريءَ جي تڏي تي چاچا<br>حاجي خان دل جي دوري ۾ رضا ضي<br>29.4.04<br>اڄ روشن علي کي جج جو آرڊر<br>مليو هالا جوائنگ 10.5.04<br>اڄ ڊاڪٽر A.R اسلم خان ۽ محمد نواز عيد ملڻ مون وٽ آيا 6.11.05<br>اڄ ان ڊاڪٽر عبدالحق چنه کان<br>Lence وڄهرايم حيدرآباد 3.7.06<br>اڄ هالا کان ڪوٽ غلام محمد بدلي |
| | |

اڄ پٽ شاهه نازڻ سائين وٽ 15.7.06

حزب الله خان ميهڙ مون وٽ اوطاق تي آيو 14.8.06

اڄ پٽ شاهه تي دعوت 18.8.06

اڄ هال ۾ مون سنڌ پگهيا

برادري جي گڏجاڻي ڪئي 27.6.06

پٽ شاهه تہ راڳ ٻڌوسون. گادي نيشن سائين نازڻ بہ شريڪ ٿيو

ڊاڪٽر A.R حزب الله خان تمام برادري کي گڏ ڪيوسون

اڄ ادا غلام فريد کي زرعي بئنڪ مان ٻني رقم 85600

گرڳي رلي Mesi ٽريڪٽر جا ڪاغذ ٺهرائي ڏنم 5.1.83

ڪراچي جمع ڪرائڻ لاءِ گڏجي ويس 9.1.83

اڄ 40 جريب (مئڊ موري) رجسٽري ڪرايم 19.1.83

اڄ بدرالدين ابڙو کي 80 جريب ڪپائي ڏيم رقم 204000

30.1.83

ميهڙ آيم 31.3.83

آدم مهيسر کان 77000

۾ جڳهه ورتم 9.3.83

اڄ واره مان روشن گاڏهي مون وٽ پهتو

جيڪو اڄڪلهه پوليس ۾ نوڪري اٿس وڏو

منشي آهي 19.4.83

اڄ ماسات حاجي محمد اسماعيل بوٽن جي دوڪان جي چاٻي مون کي ڏني پر مون پنهنجي سروس خدمت خلق جاري رکي دوڪان

کي اوطاق ۽ گهر کي مسيت ڪرائي ڇڏيم 30.4.83

رحيم بخش مون وٽ پڙهڻ لاءِ آيو. 12.6.83

اڄ محمد بخش سندس پاءُ بہ واره کان

پڙهڻ لاءِ مون وٽ ايو. 18.6.83

اڄ روشن علي T.C انور آباد مان ڪيڊرايم 18.6.83

عوامي فورم منهنجي رهاڻي ملهائي 24.8.02

اليڪشن ڪارنر گڏجاڻي لياقت علي خان

صداقت علي جتوئي آيا. 29.12.2002

ساري ٿلهائي برادري جي گڏجاڻي 29.12.02

اڄ روشن علي سول جج جي لکت ٽيسٽ هئي 16.8.03

اڄ شاهه محمد سومرو سان عوامي فورم پاران

رهاڻ ملهائي وئي 16.8.03

جج جي رزلٽ روشن علي پاس ڪئي شڪر

الحمدالله واهه ڪريم تنهنجا ڪرم پنهنجي

عبدالڪريم تي 1.9.3

زباني امتحان روشن علي جي 4.10.3

زباني امتحان بہ پاس واءِ واءِ 9.10.03

اڄ روشن علي سان رهاڻ، عوامي فورم شهري اتحاد ٽرڙي محبت پاران 30.1.04

اڄ پٽن جي اسرار تي عاليوال جي ٻني ڪپايم
33 هزار في جريب محمد يوسف سوڍو ڪمالپور
**واري ڪي ڏنم 4.3.04**
**اڄ روشن علي جي ڪاوش ۾ رزلٽ آئي**
**جڄ ٿيڻ جي الحمد الله 18.1.04**
**وفات منهنجي گهر واري جي 25.4.04**
**لفظ لفظ خوشبو جي مهورت خاص**
مهمان نشتر ناڻن شاهي اتڪل 200 ماڻهن جي شرڪت 4.3.07
روشن علي ڪار خريد ڪئي 22.4.07
اڄ ڊاڪٽر A.R کي ٻه مور ڏنم 5.5.07
اڄ روشن علي، علي شير ۽ رحيم بخش سان
آل پاڪستان ٽوئر تي 3.6.07
هرڻن جو جوڙو حزب الله خان کي ڏنم 3.8.7
اڄ سنڌ جي مهان شخصيت وتايو فقير
جي زيارت ڪيم ٽنڊوالهيار 15.9.07
چاچو قاسم رحلت ڪريو ويو. ڳالهين جو ڳهير مڙس هئو 19.9.07
اڪبر خان اسلم خان دعا گهرڻ آيا چاچي قاسم جي 21.9.07
اڄ آباد جا ڀڳهيا ڪوٽ غلام محمد ترسيا 2.9.07
روشن علي 17 ڪان 18 گريڊ ۾ 31.10.07
اڄ حزب الله خان عذر خواهي چاچا قاسم جي ڪئي 9.12.07
اڄ پيپلز پارٽي ۾ اعلان ڪيوسون هونءَ دادو اتحاد ۾ هئاسون 27.12.07
اڄ بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو 21.12.07
ڪوٽ غلام محمد جي ڪورٽ ۾ روشن علي جي پوسٽنگ
روشن علي جو وڏو مڱڻو ڪيم 11.4.86
ڀٽائي ليبارٽري جو افتتاح ڊاڪٽر وزير لنڊ ڪيو 15.1.1999
اڄ ڀاٽي لاءِ لانگ مارچ ۾ آئون شريڪ ٿيس عوامي تحريڪ
تعلقہ ميهڙ جي صدر روشن علي جي اڳواٽي ۾ 28.1.1
برادري جا سُگهڙ راڳي، شاعر، اديب، آفيسر، وڪيل، بُزرگ ٻه ڪوڙ آهن شل سدائين سڪيا هجن.
يلو يلي جو ڪتي چيهه ڪونهي مان ڪنهن جي ٻه ڪنهن سان پيٽ ڪرڻ نہ تو چاهيان بس هي گهڪڙو مختصر ڪان مختصر تعارفي تذڪرو آهي.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو

■

## سپوا جون سرگرميون

هونءَ ته خدمتن کي ڪو قيد يا سرحد نه هجڻ کپي پر ڏاها چون ٿا ته چڱو ڪم يا توڙي خير خيرات به پنهنجي گهر کان ڪرڻ گهرجي ان ڪري اسان به هڪڙي تنظيم ”سنڌ ڀڳهيا ويلفيئر ايسوسيشن“ جي نالي سان ٺاهي هئي سون جنهن ۾ جناب محمد اعظم ڀڳهيو ( ڏڻ بخش ڳوٺ وارو) مک ڪردار هئو جنهن جو پهرين صدر رسول بخش ڳچيرائي ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالقادر ڀڳهيو خيرپور ناٿن شاهه وارو هئو. جنهن ۾ ميهڙ ۽ واره تعلقي ۾ منهنجو مک ڪردار هئو ڪافي نوجوانن ۾ روح ڦوڪيو سون گڏجاڻيون ۽ سيمينار ڪراياسون ميهڙ ۾ مفت ٽيوشن سينٽر هلاياسون، ان پليٽ فارم تان 5 وڏا تاريخي پروگرام ڪياسون. هڪڙو وڏو پروگرام پٽ شاهه تي نبي بخش، ۽ ڊاڪٽر عبدالخاق هالاءِ ۽ پسگر دائي جي ڀڳهين ڪرايو هئو جنهن ۾ آئون نه رڳو پاڻ پر ڪافي پنهنجي علائقي جي شرڪت ڪرائي هئم. ٻيو پروگرام پٺاڻ خان ڀڳهيو وارن پان سعيد آباد پارو چو باغ ڳوٺ لڳ ڪرايو. ٽيون پروگرام ميرپورخاص مائٽ محمد عمر ۽ ولي محمد وارن ڪرايو هئو جيڪو انبن جي باغن وچ ۾ هئو ۽ انبن جي مند به هئي جيڪي نه رڳو کاڌاسون پر جوس به پيتا سون. چوٿون پروگرام ڳڏ لاڙڪاڻي ۾ ميهڙ خيرپور ۾ اسان سان سرگرم عمل واحد بخش اسان جو ڀاءُ حاڪم علي ڀڳهيو جيڪو اڄڪلهه سرڪاري وڪيل آهي، مائٽ خان محمد اسلم مائٽ محمد نواز ۽ پنجون پروگرام  سيتا ۾ جيڪو محمد اعظم جن ڪرايو ويو.

■

## ميهڙ اچڻ

ميهڙ ۾ اسان ادا حاجي سائينداد وارن جي گهر جي سامهون گهر ورتوسون هونءَ ته منهنجا مائٽ ميهڙ ۾ پيا به هئا پر هي بابا جو به دوست هئو ۽ برجستو ۽ نيڪ نيت انسان به هئو ۽ اسان جو پيٽيوو به ٿئي ان جي اولاد ۾ حاجي غلام رسول، حاجي صوفن، شمن، محمد بخش، علي بخش، واحد بخش آهي  جيڪي به مون کي منهنجي اولاد جيان آهن ادو حاجي سائينداد اڄ حال حيات ناهي پر پويان ڪيس به مون وانگر وڏو کهول آهي حاجي غلام الرسول جو پٽ عبدالخاق جيڪو منهنجي پٽ روشن علي سان ڪلاسي آهي اهو به اڄ ڪلهه وڪيل آهي. ميهڙ شهر کي آءٌ مختلف سببن جي ڪري پسند ڪندو هئس جنهن جا سبب آءٌ مختلف هنڌن تي ذڪر ڪري آيو آهيان.

■

## خيرپور، ميهڙ تعلقي ۾ ڀڳهين جا ڳوٺ

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀڳهو

چارو، عاليوال، فريد آباد، علي خان ٻگهيو ميهڙ سينڊل مهيسر ڪولاچي، سهراب ٻگهيو، هوري، سيتا، ڏٽي بخش ٻگهيو، نوٿ ٻگهيو، پورڙي، رامبڪ، ڪولاچي ڪان اڳتي.

(چمن ڳوٺ )، گهنور آباد، حسن آباد، پٽ سرائي، راڏڻ

■

## ٻوڏ

ٻوڏون ته هونءَ به گهڻيون ڏٺيوسون ۽ ٻڌيونسين پر هيءَ ٻوڏ جيڪا غوثپور، ڪرم پور ڪنڌڪوٽ ڪان هٽ سان حڪمرانن ڪٽ هٽائي ۽ سنڌ ٻوڙائي ان ۾ ماڻهن جو ايمان ڏسڻ وٽان هو جيئن قيامت جو تصور هوندو آهي ته هر ڪو پنهنجي ٻگهر ۾ پيو ٻڏندو ڪير ڪنهن کي نيڪي نه ڏيندو لڳ ڀڳ اهڙو منظر هئو ۽ غريب ماڻهن جو مجموعي طور تي الهه تلهه لڙهي ويو ۽ تمام گهڻو نقصان ٿيو. ان ڪان علاوه پريشانيون به حد ڪان وڌيڪ ڏسڻيون پيون. حڪومتن کي قدرتي آفتن نقصان ڪان روڪٿام ۽ بچاءَ لاءِ جيڪا حفاظتي انتظام بچاءَ جو مصوبا بندي ڪرڻ گهرجي يا ان جي روڪٿام لاءِ ڪجھ ڪجي پر بلڪل ينگڙ پينگ نظر پئي آئي رياست ماءُ وارو تصور ته بس هڪ خيالي ۽ ڪتابي لڳي رهيو آهي باقي ان جو تعلق سنڌيا اسان جي خط سان ناهي ماءُ ته پري جي ڳالھ آهي پر پنهنجائپ جي احساس هڪ هڏڏوکي همدردي گهٽ پئي نظر اچي.

■

## ميهڙ جا اديب، شاعر، سماجي ڪارڪُن دوست

ميهڙ ۾ ته ڪوڙ سوکڙيون ظاهر توري لڪل موجود آهن پر مان ذڪر ڪندس پنهنجي دوستن جيڪي منهنجا دوست به هئا ڪليگ ۽ تمام معتبر ۽ نالي وارا شاعر پڻ ۾ هئا. اها جوڙي هئي.(امان الله ) ناظم منگيءُ جي اسحاق راهي سومرو جي جن جا ڪتاب به مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن پر ٻئي دوست هن فاني دنيا مان وڃي چڪا آهن سندن جي شاعري عوام ۾ بيحد مقبول وئي، رسالن ۾ ريڊيو ۽ T.V سان گڏوگڏ اسٽيج تي فنڪار به ڳائيندا رهيا آهن، پر مون ته روبرو به سندس کي جهونگارينديءَ ڳائيندي ۽ ڏنون ٺاهيندي ڏٺو.

■

## اسحاق راهي جو ڪلام

ڳُل اهڙي طرح ٽا هوا ۾ لڏن، ڪوها تو ڪري ڪو نه تو ڪري مجموعو ( مگر تون مان نه هونداسين ) پهريون ڪتاب سو به سندس جي وڃڻ ڪان پوءِ اسان جي انور ڪانڌڙي جي ڪوشش سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

اسان جي پيار جي خوشبو سان ويندا سين واسجي راهي.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

سيئي واهڻ سيئي وسنديون مگر تون مان نہ هونداسين.

جنيئڙو سنڌي ( قاسم پيرزادو) منهنجو دوست يار سائين جي ايم سيد جو پڪو پيرو ڪار پڪو قومپرست جيڪو بہ سٺو شاعر آهي ۽ پنهنجي اولاد تي نالا بہ سڀ رکيا اٿس راجا ڏاهر، راءِ ڏياچ اچ تائين هن سان محبت وارو رستو هلندو اچي. شاعر غلام نبي ميهسر سان بہ تمام گهڻا سٺي يارنہ هئا ۽ تمام وڏو شاعر هئو جنهن جا ڪوڙ سارا مولود، نعتون،غزل ائون بہ ڳائيندو رهندو آهيان جنهن جو فرزند نالي منو، منڙو ماٺهو ۽شاعر پڻ آهي. منهنجو دوست عاصم پيروز شاهي جهونو مرش بلڪل بہ اهو تہ چڻ اسان جو شاعر هئو ڪوڙ موقعي تہ ان ڪان اسين فرمائشي شاعري لکرائيندا هئاسون، چمہ موت تي يا سالگرهہ يار هاڻ جي موقعن تي پلي شاعري ڪندو هئو.

سُگهڙ محبوب ڏيپر جهڙو نالو تهڙو ماڻهو واقعاتي شاعري جو شاهہ ڪاريگر، نج عوامي شاعر سندس هڪ گيت لسي سپ کي ماري وئي ) تمام گهڻو مقبول ۽ مشهور ويو.

■

## امتياز عادل سومرو جي بہ عاليشان شاعري

تون جا وڪ تي ڪٿين سابہ تـحريڪ آ
جي بيهين تہ تحريڪ کي چڻ ليڪ آ
۽ تــورڙو ٽڙڪـــين تہ تاريخ تهـذيب آ
جي سنــيالين تہ تحريڪ چڻ ڊيــڪ آ
سونهن تنهنجي بہ سنڌو ندي تـــي لڳي
تہ پياس منهنجي بہ ويهين صدي تي لڳي
پياسو تہ مان صدين جو پياسو تو رهان
چڻ ڪاچو ڪُلهن تي کنيو تو وچان
تو کي ڪهڙي جنم جي مبارڪ ڏيان

■

## ميهڙ تي نالو

ميهڙ شهر تي اهو نالو ڪيئن پيو ان باري ۾ ڪانہ حتمي راءِ ڪانهي وڏڙا برزگ بہ اهڙا ڪونهن جيڪا پڌائي سگهن ان ڪري مان بہ ڪا صحيح ۽ ٺُز راءِ ڏيڻ کان قاصر آهيان باقي ٻُل سُڌل ۽ وتي ويٺي اهي ڳاليهون آهن تہ 300 يا 400 سال ڪن اتي پهرين ويهڪ (مال جي ) هوندي هئي جيڪا هڪ عورت مال ويهاريندي هئي چو تہ اُتي پاڻي جو وهڪرو ۽ چوڏاري چارو ( مال جي کائڻ لاءِ) ٻني ٻارو پڻ موجود هئو ان ويهڪ کان پو3 ڪو هڪ اڌ گونڙو پوءِ وستي واهڻ ڳوٺ ڳوٺڙي ۽ ائين هوريان هوريان ويو وڌندي تان تہ نالو

اهو اڄ هيڏي ساري آبادي وارو شهر ميهڙ توهان انسان جي سامهون آهي ميهڙ جا ڪوڙ حوالا سُنا سهڻا آهن جيڪي جڳ مشهور آهن ( مائون. ميندي، مينهون)

■

## ميهڙ جا ڪجھ وڏا حوالا

ميهڙ جي ويجهڙ جي تاريخ جا چڻ وڏا حوالا رئيس شمس الدني بُلبل ۽ سيد علي اڪبر شاھ ئي ملن ٿا ۽ انهن جو ذڪر ڪرڻ ڪان سواءِ مورخ صحيح رخ ۾ نہ وجي سگهندو ٻئي اعلي پائي جا انسان هئا گهڻ رُخي شخصيت هئا. شمس الدين بُلبل 1857 ۾ ڄائو وفات 1999 ع 1359 تي ڪئي ( سندس فرزند ضياءُ الدين ضيا ) جنهن لاءِ اُهي ڏينهن اهي شينهن“ جي سرموڙ ليڪڪ لکيو تہ ميهڙ جي شهر ڪي ذات ملڪيت ڏئي هاءِ اسڪول قائم ڪرايا ۽ رئيس شمس الدين بلبل جو پوٽو جنهن تي ٻہ ساڳيو نالو آهي اسان جو هڪ عمر ۽ هم عصر آهي ڏاڍو علمي ادبي مهمان نواز ماڻهو آهي جيڪو وڏڙن جي سرمائي ڪي سنڀاليندو اچي. سائين علي اڪبر شاھ تقرير جي فن جا وڏا ماهر هئا حيدرآباد جامع عربيہ جي برپا ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هئو پاڻ اسان جي ترجا تمام سٺا ماڻهو هئا. سندس پٽ سيد محمد شاھ پنهنجن وڏڙن جي اوطاق مچايو ويٺو آهي.

غلام محمد گرامي وڏو اديب ليڪڪ مهراڻ رسالہ جو ايڊيٽر پڻ رهيو ڪتاب (الله جو وجود، ادبي اُهڃاڻ، اسلامي مسئلا) مولوي شفيع محمد مسجدي هي ڪوٽي سوڍاري جو سوڍر هئو بهترين شاعر ۽ عالم هئا، رضا محمد خلافتي سيد جي ڳوٺ جو هي هي پهريون شخص هئون جنهن ميهڙ ۾ اخبار شمشير السلام ليٿوي ڇپرائي پڌري ڪئي ۽ خلافت تحريڪ ۾ دل ڪولي حصو ورتو هن وقت سندس پٽ ميان عبدالغفار صابري اها اخبار ( فيض) نالي سان هلائي رهيو آهي حاجي رسول بخش ڏيرو فريد باد جو ويٺل آهي شاھ جي رسالي جو ڄاڻو آهي ٻتائي جي ڪلام جي شرح بابت هزارها صفحن ۾ مواد لکيو اٿي. م.ن محزون انگريزي جوماهر ۽ خليل جبران جي ڪتابن جو ترجمو ڪندڙ.

■

## ميهڙ جون ذاتيون قبيلا

ٻگهيا، پُٽ، چانديو، سولنگي، ڏيپر، سوڍر، ڪوسہ ڪمانگر، نوناري، سومرا، ڍھر، سهول، ڏيرا، بروهي سيد، چنہ، ناريجہ، جهتيال، ٻير، سيال، ٽوڙها، پُرڙا، وڪو، لاڪير، ڪور، مغيري، ڪورائي، مزاري، شيخ، ديوان، ڪرٽيہ، مگٽهار، گاڏهي، لاشاري، ملڪ، پنهور، جمالي، ابڙا، ڪنير، قمبراڻي، سهول، آڳرا، جوڻيجا، راڏڻ“ اُنڙ سمان ، اسراڻ، اعواڻ، اوٺام، اوٺوال، اوڍا، اوڍاڻا، ايري، ملاح، هالا، چنڙا، ڳاها، جيسر، سميجا، انصاري، گوگاڻي، سيلرا، ڪلهوڙا، جوڳرا، مغل، گورگيج، مگسي، ميراڻي، ميربحر “ ينگر، اوڏ، باگڙي، جوڳي، پاهي پهوڙ تُرڪ، لوهر، عباسي، ٽُنيہ، تيوڻہ، جت، ٽيهم، پتافي، پلهہ، پنهيار، پتوجہ، زرداري، جنجهہ، جسڪاڻي، جهنڊير، چاڪي، خاصخيلي،

ليڪڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

خميساڻي، هيسباڻي، ساريه، گلال، سانگي، سرگاڻي، مڪراني تنيه، قاضي قريشي، ڪنڌڙا، مگٽيجا، منگواڻه، منگي، جانوري، درياڻي، قاضي، وڪا، عطار، سهارڻ، ڪوڪر، جتوئي.

■

## مهيڙ جون ( يونين ڪائونسل U.C

(1) ميهڙ (2) گاهي مهيسر (3) ڪولاچي، (4) خان جو ڳوٺ (5) پليدائي، (6) منگواڻي، (7) فريد آباد، (8) پيٽو، (10) بوڙرو، (11) نئون ڳوٺ، (12) ٽرڙي محبت، (13) راڌڻ، (14) قاضي احمد (15) بالي شاهه

■

## ادالهه رکيو ڳورڙ

مان اجان ڪتاب کي ترتيب ڏئي رهيو هئس ته اوچتو هن فاني جهان مان موڪلايو ماڻهو سچو کرو ۽ جفاڪش هئو. سندس جو به وڏو ڪم ٿيل آهي. سندس جو هڪ عاليشان مجموعو ” جيون سفر سڪ جو “ ڇپجي چڪو آهي ۽ ڪافي اڻ ڇپيل مواد به اٿس اميد ته سندس پٽ اعجاز ان ڪم کي اڳتي ڪٽندو. ۽ پايه تڪميل تي پهچائيندو.

■

## ترجوٺوئر هالا، ڪراچي. نوڪري جي خوشي قُدرت جو سلو

هونءَ ته منهنجي پهرين پوسٽنگ ۽ ٽنڊو جان محمد هئي جُهنڊو تائين ته آئون گهميو هئس پر ان کي به سال ٿيندا. هاڻ جڏهن منهنجو روشن سائين جيئي سدائين جڄ تي آيو ته وري نئين سري سان اهي علائقا به گهميم اُصل مزو پئي آيو پر آئون ان کان متي ٿرپارڪر، ڪونه گهميو هئس پوءِ هڪ دفعي باقاعده سهي سنبري کان پنهنجي ڪار ۾ ڪيول ڊرائيور کي ساڻ ڪري ڪاڇيلو فروٽ فارم کان ريلوي اسٽيشن ڪار ۾ ڪيول ڊرائيور کي ساڻ ڪري ڪاڇيلو فروٽ فارم کان ريلوي اسٽيشن يونين خداداد، ٽنڊو جان محمد، جُهنڊو، روشن آباد، نئون ڪوٽ ( ميرن جو قلعو ) استاپ راضي شاهه کان هيٺ آياسون پوءِ اسلام ڪوٽ آڏيءَ جو ترّ پالوا (ماروي جو کوهه ) تي ڪجهه ڊاپو ڪيوسون پو ڏسير جي تاريخي مسجد کان ٿيندا سڌو آياسون ننگر پارڪر ريسٽ هائوس ۾ ڪجهه آرام ڪري وري اندر بارڊر واري پاسي ڪاسبو جيڪو به هڪ تايخي ڪارونجهر جبل جي پاسي ۾ هڪ پهرڙايءَ جو ڳوٺ پر ڏاڍو خوبصورت آهي جتي جي راما پير جو مندر جام مور ڏناسون ۽ راڳ پڻ ٻُڌو سون پوءِ سامهون سرحد بارڊر انديا تائين وياسون بلڪل ويجهو رات رهيا سيون موتي اچ

ننگر پارڪر ۾ وري صُبح جو واپس مٺي ۾ ٻگھين جا 20 ڪن گھر هئا رات جو دعوت عيال سميت ان وٽ ڪاڏيسون.

## شڪارپور

" **جيئن ته اڄڪلهه منهنجي پٽ روشن عليءَ جي** **Posting** شڪارپور ۾ آهي هونءَ ته شڪارپور منهنجو ايڪڙ ٻيڪڙ مختلف سببن جي ڪري به ڏٺل آهي پر هاڻي چڻ پنهنجو گھر هجڻ جي ڪري تمام تفصيل سان گھميم شڪارپور سنڌ جو پئرس سڏبو هئو ۽ سنڌ جو گاديءَ جو هنڌ به رهيو آهي. شڪارپور دائود پوٽن 1617ع ۾ بنياد وڌو پوءِ مختلف ڌرين جي ماتحت رهندو آهيو آهي هيءَ واپار جو به مکيہ مرڪز هيو آهي ۽ اڳي هتي ٻيل ۽ شڪار گاهه هوندا هئا.

1843ع ۾ سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو ويو ڪراچي حيدآباد ۽ شڪارپور 1848ع ۾ هن ضلعي جون چار ڊويزنون هونديون هيون روهڙي، سکر، لاڙڪاڻو ۽ ميهڙ وقت چوي آئون بادشاهه وري جو وقت وراڻي ڏني ته هيءَ ساڳيو شهر 77 سال سکر ضلعي جو حصو رهيو.

1930ع جي سروي مطابق شڪارپور ۾ 70Graduate هئا باقي سنڌ ۾ صرف 7 Graduate هئا.

شڪارپور ۾ ٻيل سائين جي درگاهه جي حاضري ته مان اڳي به ٻريندو آهيان ۽ سماءَ جي محفلن ۾ رقص ۽ وجد ه ۾ پڻ ايندو رهيوآهيان پر هن دفعي روشن، مون ۽ علي حيدر پتو جو اصل گاهي مهيسر جيڪو هينئر هتي P.S.O ۾ آفيسر ۾ وڌو گھر نهائي رهيو پيو آهي. گڏجي گھميوسون، تصويرون به ورتيوسون هيءُ شهر 10/8 درن سان مشهور آهي جنهن ۾ هاٿي در لکي در، واڳٹون در مشهور آهي جنهن ۾ هاٿي در لکي در، هزاري در، واڳٹون در مشهور آهن، هڪ دڪ باز جيڪا ساڳ جي ڪاٺ سان ڊيڪيل آهي. هتان جا ديوان جو حلوو، قلفي، ۽ ڪتاڻ به ڏيهان ڏيهه مشهور آهي درگاهه همايون شريف امروٽ شريف، حاجن شاهه ماڙي وارو ۽ ڪير ٿر ۾ وچ واهه ۾ ٿهيل مسجد به ڏٺي سون، شيخ اياز، الله بخش سومرو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا وڏا حوالا به هن شهر جا آهن.

سنڌي ٻولي ۾ ملاوت مختصر پر جامع ۽ اهم سمجهان ٿو جيڪا قارئين ڪرام
سان ونڊنيدي هلجي اُها اِها ته اسان جي هيءَ جيڪا سنڌي لپي ( الفابيٽ) 152 اکرن واري جڏهن ٺاهي وئي ته ٽن ٻولين جي ميلاپ ڪري ٺاهي وئي.

**عربي جا اکر**

**_ ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س، ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل ۾ ن و ه ء ي**

**فارسي جا اکر**
**پ چ گ**

**نج سنڌي اکر**
ٽ ٺ ٿ ڦ ڀ ڱ ڳ ک ڌ ڏ ڍ ڄ ڃ ڇ ڻ جھ گھ
هاڻي ان مٿين تناظر ۾ نج سنڌي ڪاڏهون آڻجي؟

■

## فارسي

805 ع کان پوءِ جو ڪجھ عرصو فارسي حڪمران جو رهيو آهي اسان جي سونهاري سنڌ تي اسان جو دور توڙي جو فارسيءَ جو دور نہ هئو پر ڪو دور هئو فارسيءَ جو تڏهن تہ اسان وٽ چوڻي مشهور ٿي تہ ( فارسي گهوڙي چاڙهسي) جهڙن مقولن جنم ورتو پر جڏهن اسان جي اسڪولي زمانو هئو تہ فارسي جي جڳهہ تي انگريزي اچي چڪي هئي ۽ گورن جي اثر ۽ حڪومت جي ڪري هند سنڌ ۾ انگريزي جي اهميت ۽ افاديت وڌندي پئي وئي، فارسي پنهنجي طور تي بہ شاهوڪار زبان آهي توڙي جو مون کي ان تي ڪا دسترس يا مهارت ڪانهي پر توڙي سوجهہ بوجهہ وٺندي آهي ان جو سرائيڪي پولي جيان رڌم ۾ ميٺاج ڏاڍو پسند اٿم. ان جي اثر جي بر ان مان بہ پئي ٿي تہ قرآن شريف جهڙي املهہ شيءِ جو فارسي ترجمون هڪ وڏي عالم شاهہ ولي الله جن ڪيو. ايتري حد تائين جو اڳئين دور ۾ فتوائون بہ فارسي ۾ ملن ٿيون جو تہ دفتري زبان رهي آهي.

باقي فارسيءَ جا نصيحت آميز گفتا، قول ۽ جيڪي اعليٰ ظرف عقل ۽ سمجهداري جو نمونو آهن مونکي هميشہ وڻندا رهيا آهن ڪافي تہ اسان جي معاشري ۾ بہ ائين مروج آهن جيئن اسان جا پهاڪا ۽ لطيفا. لطيف سائين ۽ سچل جو سٽون آهن.

رومـــي جان آدم راچون سر عشق سوخت
هتنســـت جنت رابيـــگ، گندم فرخت

ترجمون: آدم کي جڏهن عشق جي راز ستايو تهاٽ ئي جنتون ڪٽڪ جي هڪ داڻي عيوض ڏئي ڇڏيائين، بادشاهہ برداشت ڪن گمناميءَ جي گوشي ۾ رهندڙ گگدام توکي ڪهڙي ڪٽيءَ ڪنيو آجو وتين تو برن ۾ هٽ وڄهندو. فارسي ۾ جن بزرگن، عالمن، شاعرن، کي مون پڙهيو.

شيخ جلاالدين رومي، امام غزالي، شيخ سعدي، عمر خيام، بايزيد بسطامي، اجهوهي روميءَ جو هڪ شعر ملاحظ ڪيو

گرباهم چوهي مغربي هم
دري هم بامعنيٰ باهمءَ

ترجمو: جيڪڏهن تون سيني سان گڏ آهين پر مون ڪان سواءِ آهين ته ڄڻ سيني ڪان جدا آهين جيڪڏهن تون سيني ڪان سواءِ آهين پر مون سان آهين ته سيني سان گڏ آهن.
آهين ته سيني سانگڏ آهن.
هڪ چوٽي،

اندک اندک بيا چونکہ محبت زياده شود

ترجمو: ٿورو ٿورو اچ چو ته اسان محبت وڌندي آهي جيئن اسان وٽ هڪ خوبصورت چوٽي ان سان ٺهڪندڙ آهي ته ( چتي پوک دُنبا سنگ ) قلندر شهباز "" محمد عثمان مروندي، ٻه سٺو شاعر آهي جيڪا گهڻ لوڪ کي خبر آهي ان ڪري انجي ٻه ڪجهه فارسي شاعري جيڪا مون کي وڻندي آهي.

اگر صوفي سئدي يارم، ۾ پيا ته خرقہ اي پوشم اگر زنار برسبتي، دارن زنارمي (تقم قلندر، ڪڏهن تو تخت تي ترڙيان، ڪڏهن سوليءَ تومُرڪان.

عــجب اڻ ڏٺل جـــي چاڙهہ ۽ لاهہ ۾ آهيان
اي عثمان مروندي! ڪرين مستي توعالم ۾

سوائي مستي ۽ مدهوشيءَ نہ ڪنهن ٻئي چارهہ ۾ آهيان.
حافظ شيرازي

رموز مملکت خويش حسند واِن دانند
گدائي گوشہ نشـــين تو حافـظ خُروش

ترجمو: ملڪي مامرا ٻيلي پاڻ ڪان ڳرا آهن بادشاهن جا ته ملڪ لوڏن ۾ هوندا آهن.

■

## صوفي لاڪوفي

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

هونءَ مان ان سادي خيال جو آهيان تہ انسان کي ڪنهن اصولن تحت زندگي گُذارڻ گهر جي جهڙو بہ خيال هجي ان تي ماڻهو اڳواٽ با خبر هجي ۽ عمل پيرا هجي

عمل سي بنتي هي زندگي جنت بهي جهنم بهي
يہ خاڪي اپني فطرت مين نوري هي نہ ناري هي

(اقبال)

جئين لطيف سائين فرمايو تہ

ڪوڙو تون ڪفرسين ڪافرمَ ڪوٺاءِ

بي راهہ روي ۽ ڇڙو اڳي ڪنهن جي فائديمند ڪو نہ آهي اها رهندو سچي جو سچو معاشرو بگاڙيندي هونءَ تہ مان اصولن ۾ شريعت ( محمدي) کي ئي ترجيح ڏني آهي انسان تي هميشہ ۽ سدائين لاءِ ڪي هڪ جهڙا خيالات نہ ٿا رهن ۽ نئي وري يڪسانيت رهٽي ئي آهي ائين مان بہ ڪڏهن ” من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن“ هيٺ متاهيون ۽ اوڀاريون لهواريون منهنجي من ۾ بہ مهمان ٿينديون رهيون آهن. پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي ڏاڍا اچلا ۽ ڪشالا ڪڍيا اٿم ان زمري ۾ سنڌ جا بزرگ، الله لوڪ ۽ صوفي سڀ پيتيم لطيف، سچل پُڏل ڪان سڀ منهنجي روح کي ريجهائيندو ۽ نچائيندا رهيا آهن جتي مان راتين جون راتيون رمي ( رقصم) راڳ پڌندو ڳائيندو ۽ جهمريون پائينديون رهيو آهيان.

صوفي ازم ۾ امن جي پرچار پرين جي ڳولاءِ نفس مارڻ واري رمز مون کي وٽندي ڪشش ڪندي رهي آهي، چو تہ مان ” خود کوبلند کراتنا“ جي فلسفي جو قائل ناهيان پر لطيفي فلسفي ڪر بہ ڪٽ بہ تہ ڪُنب بہ جو قائل آهيا تيلاهون تاهڻ سان گڏ هردم امن جو گهر جائو آهيان تہ شل سنڌ جوامن قائم دائم رهي.

سنڌ جون سڀ درگاهون ڪنبڙي واري روحل فقير ڪان حمل فقير تائين منهنجي اکين مون کي مجال ئي انهي جو مان انهن تي لکي ڳالهائي يا تبصرو ڪري سگهان مان سينن وٽ حاضري ڀريندو ۽ جهول ڀريندو رهيو آهيان. سعدي موسائي جنهن لاءِ نئين تحقيق ۾ آيو آهي تہ اهو بزرگ ٻگهيو يعني اسان جي ذات جو آهي رحماني نگر، سيتا، اهو بہ بزرگ ٻگهيو آهي شاهہ پنجو، پير پنهل، شاهہ گودڙيو مخدوم بلاول شهباز قلندر وٽ متيون ڀريندو رهيو آهيان ۽ زندهہ بہ سڀ بزرگ ۽ درگاهون بہ منهنجي دعا جا در ۽ گهر آهن.

مـــاسو مليـــئي مال تہ پوڇارا پُر ٿئين
واٺ شاهہ، بُلي شاهہ، بي بي رابعہ بصري

## لطيف شُناسي

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

منهنجي پسنديده شخصيت ته حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن آهن جنهن جو تفصيل آئون لفظ خوشبو ۾ ڏنو آهي پر ان ڪان پوءِ خاص ڪري وري شاعرن ۾ منهنجي پسنديده شخصيت آهي ڀٽ ڌڻي اُهو نبين جو سردار تي هي شاعرن جو سرتاج جنهن سان منهنجي شناسائي بہ تمام ننڍڙي عمر ۾ ڪمسني ۾ ٿي چو ته لطيف کي سنڌ ۾ هر مڪتبہ فڪر ڳائي وڄائي ٿو ۽ پنهنجا مقصد ۽ مزاماٽي ٿو بلڪل ائين جيئن محمدي فڪر کي بہ هر ڪو مڃي ٿو پر پنهنجي پنهنجي انداز ۾ مرضيءَ سان.

لطيف هڪ فلسفو،هڪ فڪر، هڪ دور جو نانءُ مان توڙي جو ايترو لطيف جو ڄاڻو ناهيان چو ته مان هُن کي گهڻو ٽڻو عقيدي ۽ بزرگي واري لحاظ کان ورتو آهي ۽ ان جي ڪوڙ شاعري، وايون ۽ بيت پڙدا بہ اٿم مختلف سُرن ۾ ڳايا بہ اٿن. هونءَ لطيف سائين جي درگاهہ، لڳ هالا، ڀٽ شاهہ تي ڪوڙ حاضريون ڀريو اٿم ۽ سندس ئي چشم چراغ نازڻ سائين سان نہ رازق ٿيندو رهيو آهي. پر جڏهن منهنجي پٽ روشن علي جي 2004 ۾ پهرين پوسٽنگ هالا ۾ ٿي پوءِ ديدارن جا ڏوَ ۽ قرار لطيف جا جيڪي بيت مون کا ياد آهي اُهي ڪجهہ عرض ڪيان ٿو..

تون خالق تون مالڪ توکي چارو ناهي چوڻ جو
وسندا شهر ويران ڪرين، وري سائين واهڻ
ڪن کي دام نہ ڏين دمڙي، ڪن کي مايا بخشين مڻ
ڪن کي ٻيڪَ نہ بخشين ڀڪريءَ جي ڪنهن کي داتا ڏين ڌڻ
ڪن کي پالين پالڪن ۾، ڪن کي پيهائين پاهڻ
تيلاهون تاهڻ ٿا. لڳ ڏڪن لطيف جا.
عدلين ڇٽان نہ آئون. ڪو ڦيرو ڪج فضل جو
ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
ساري عمر سومراهي ڦِر نہ ٻُنسيائين
ويندئي ڪوٽ الوٽ تي، پونءِ پڻ پيڙيندئين
تنها پوءِ پونڊياءِ قدر ڪاٽيارن جو
جتي لُٽندو لوڪ، تني سڪندين سنگ لاءِ
(لطيف)

ساري عمر سومرا هتي نہ هوندين
ايندئي ڪوٺائو ڪريم، نِگ پسي روئيندين
پنهنجي ۾ پوندين ويندئي وڃائون سَڀَ وَسري
ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن تنهي ڏنم ڏُک
سي سڀ ياديم سُک هيڪارنڪارڻ هوت جي.
پڇان پير پنهونءَ جو وجهان وک وڏي
لکي آئون لڏي نہ ته پٽن ڪير پنڌ ڪري

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

چاڙي سچاڻي مون کي جيڏيون جَت چڏي ويا
آئون ڪيئن ڇڏيان پنهنجو اديون آرباڻي
پريم جو پاٽي سو ڪيچن ڪم نہ آيو
پينر هن پنيور ۾ لڏيم لڪئي جون لائون
مون نہ نيائون، هو پنهنجو وٺي ويا پاڻ سان
جيئن ٿا هو پلاٽين تيئن تو هنيئون مون لوڻ ٿئي
تنگ مهارون تو ٻرا بيٺا جت جڙين
مون کي ٿا مارين، هو وچڻ جون وايون ڪري.

هڪ تاريخي ڳالهہ جيڪا مون سان نازڻ سائين ڪئي تہ هڪ دفعي اليڪشن ورڪ ۾. اي ڪي بروهي سان گڏ هئس. ان تقرير ڪندي چيو تہ لطيف اسان سان ظلم ڪري ويو ماڻهو سڀ حيران ۽ پريشان ٿي ويا تہ هي هيڏو وڏو ماڻهو قانوندان ۽ اُن سان گڏوگڏ لطيف جو چاڻو اهو چاڻو چئي جهٽ رکي هن چيو تہ اسين سنڌي ماڻهو قرآن جو ترجمو گهٽ چاڻو بلڪ ڪو نہ چاڻو قيامت جڏهن پُڇاڻو ٿئي ها تہ اهو بهانو ۽ عُذر ڪري جان ڇڏائي وجون ها پر لطيف جي رسالي ۾.

جي توبيت پانيان سي آيتون آهن

سجو چڻ قرآني ترجمو آهي هاڻي اسان لاءِ جان ڇڏائڻ مشڪل ٿي وئي تڏهن چوان سو منهنجي نطر ۾ اهو لطيف سائين آهي.

تن تسبيح من مٹيو، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سروڄن
وحده لاشريڪ لہٗ اهو راڳ رڳن
سُتاسي سونهن، ننډ عبادت جن جي
جو دم جياريج، هادي رکج حفظ ۾
محتاجي مخلوق جي، قدر مَ ڪريج
عربي عبدالطيف ڪي، ويلَ مَ وساريج
پرڪشش پياريج، پري جام جنت جو.
پاڻهي جَل جلالہٗ پاڻهي جان جمال
پاڻهي صورت پرينءَ جي. پاڻهي حُسن ڪمال
پاڻهي پير مريد ٿئي. پاڻهي پاڻ خيال
سڀ سيوئي حال. منهنجا ئي معلوم ٿئي.
سو هي، سوهو سوا جلد سو الله
سو پرين پساهہ سو ويري سو واهرو
پاڻهي پسي پاڻ کي پاڻهي محبوب

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

پاڻهي خلقي خوب، پاڻهي طالب تن جو.
اچو پاڻي لڙ ٿيو ڪالو ريو ڪنگڻ
ايندي لڄ مرڻ، تنهن سر مٿي هجنڙا
پڇن سي پسن جڏهن تڏهن پرين کي
ڏوريندين ڏسن اگڻ عجيبن جا.

■

## حادثا ۽ بيماريون

انسان جي بناوت ۽ هئيت ئي اهڙي جو بيمارين ۽ حادثن سان ڪڏهن ڪٿي نه ڪٿي دوچار ٿيڻو ئي پئجي وڃي ٿو جڏهن عاليوال ۾ پنهنجي ٻنيءَ ۾ وڏي شوق سان مرچ ڪرايا هئم ته ان دور ۾ مون کي ڪَک سنگهيو هيو پر تمام معمولي هئو جيڪو ڪجهه بصر ڪائڻ ۽ شايد ٽُڪو وغيره ڏيڻ ۽ مير محمد جانوري کان پڙهائڻ کان پوءِ ان جو اثر ضايع ٿي ويو ۽ هلڪا سلڪا بُخار ته ٿيندا رها باقي شگ ته مونکي ٻه ورٿي م مليل آهي پر سدائين ڪنٽول ۾ رهي آهي. پر ڇا ٻه هجي بيمارين جي هڪڙي عجيب ڪيفيت ٿيندي آهي ۽ بيمار ماڻهوءَ جي ٻارڻ ٻيو مرد، عورت جي الڳ الڳ هوندي آهي خبر ناهي ته خدا تعاليٰ هن ناچيز بندي کي ايتري قوت ڪيئن بخشي ۽ ان ۾ قوت صداقت رکي آهي ڪو پيو منهن ڏئي مون کي گردن جي ٻه تڪليف رهي آهي پر ان ۾ ٻه ڪو گهڻو نه پريشان رهيو آهيان ۽ اميد ته ٿيندس ٻه ڪو نه باقي مان بيمارن سان عيادت کان وٺي انهن جي علاج معالج لاءِ انهن سان هليو گهڻو آهيان ڇڻ اڌ زندگي منهنجي انهيءَ ڪم ۾ گذري. ان ۾ ٻه منهنجي پنهنجي طبيعت ۽مزاج جو عمل دخل هوندو هو هڪڙي فرحت ۽ راحت پيو محسوس ڪندو هئس نالا يا فهرست رکي پيش ڪندس ته ٻه ڪافي پنا والاريندا ۽ شايد اهو سٺو ٻه نه لڳي پر مان پنهنجن ته ڇا پراون مريض سان ٻه سڄو پاڪستان سول اسپتال لاڙڪاڻو، شڪارپور کان ڪراچي، ملتان، ڄامشورو، حيدرآباد بلوچستان تائين هل هلان ڪئي اٿم ڪيترن هنڌن تي ته عجيب لقاءُ ڏٺم ايتري قدر جو انهن مريضن جا ويجهار پنهنجا رت جا رشتا ان کان ڪراهت ٻُڇان يا نفرت ڪندا هئا حالانڪ حقيقت ۾ ڪن ڪن مريضن جي حالت ٻه واقعه اهڙي هوندي هئي پر مان " فاقو فرحت پانيان" وانگر خدمت ۾ سُڪون محسوس ڪندو هئس ۽ اهو سفر ايترو ته تيز ۽ گهڻو هئو جو اڄ ڪلهه مان پوئتي نظر ڊوڙيان ٿويا ڊائري جي آڏار تي ڏسان ٿو مان خود ٻه حيرت ۾ ٿو پئجي وڃان آئون ايترو ڪيئن پورو پيس يا ڪري سگهيس ٿي منهنجي سڄي زندگيءَ مون هڪڙي ماڻهو جي ڇا مجال آ، يا ڇا حيثيت آ بس اهو رب جو جهان آ جيڪو پاڻ جوڙن ويڻو ۽ مريضن کي شفائون بخشي پر هونءَ ٻه هيءَ زندگي هڪ وڏو عجب ڪده آهي.

پراوا ڪم پنهنجا مون ڪري سمجيم مان هميشه پرائو ڪم پنهنجو ڪري ورتو آهي ۽ پنهنجي مٿي جو سور سمجهندو آهيان ۽ پوءِ ان انداز سان لاهڻ جي ڪوشش ٻه ڪندو آهيان رشتي داريءَ ۾ مٽا ڇاريءَ ۾ تمام اڳيرو رهيو آهيان وانگر ان کي ٻه آئون نيڪي تصور ڪندو آهيان جيئن گهر جهڙن ۽ خوشيون برقرار رهن ۽ ٻن ماڻهن جي تصادم جي صورت ۾ منهنجو سُک چين ڦٽي ويندو آهي ٿاهه ڪرائڻ جي ٻه اجازت ڏني وئي آهي هزارين اهڙا ڪم ڪيا جنهن ۾ جيڪڏهن پنهنجي انا کي آڏو رکان ها ته اهي ٿاهه ڪونه ٿين ها، پر سچائي هڪ اهڙو طاقتور اوزار ۽ هٿيار آهي جو بيان نه ٿو ڪري سگهجي تمام وڏن مسئلن ۾ ڪڏهن

ٿاهه لاءِ وچ ۾ پيم ۽ ڪوڙ سارا ذاتي نقصان به ڪاڄ ايتري قدر جو مالي ۽ جاني به نقصان پيم. مون ڪڏهن به ڪنهن سان اڳرائي ڪونه ڪئي پر مون هيل تائين پنهجن سيني مخالفن، دشمن ڪي جيڪي مون کي تڪليفون ڏنائون يا منهنجي خلاف سازشون ڪيائون معاف ڪندو آيو آهيان ۽ معاف ٿو ڪيان ايسيتائين جو منهنجو خون به معاف اٿن. ماڻهو در تي ايندو ۽ ڪم چوندو ته هال آهر ڪنڌ نه ڪيدرائيندس موٽي گهر نه وڃبو هلي پئبو ان سان هر وپرو آڪڙ وڏائي، غرور، تڪبر کي جاءِ ڪونه ڏيندو آهيان ڪڏهن به منهن تي گهنج يا پريشاني نظر نه ايندي آهي رب جي رضا تي راضي رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ڪرڪٽا لاهي سُک نه سُتا ڪڏهن، اوسيئڙو آهي ڪاهوڙن کي پنڌ جو مون کي مائٽن دوستن جي اولاد ۽ انهن پوٽن ڏوٽن جا نالا به ياد هوندا آهن جيڪي ڪڏهن سندن انهن کان به وسري ويندا آهن درخواستون خط لکڻ جهو بهڪافي فن مون کي ايندو آهي مان ماڻهن لاءِ لائسنس ٺهرائڻ کان وٺي گئس ڪنيڪشن تائين ۽ نوڪرين لاءِ به خود لکي ڏيندو هئس شوق سان ۽ ماڻهن کي خرچ ۽ وڏي تڪيلف کان بچائڻ لاءِ آفيسن تائين پاڻ گڏجي ويندو هئس. مختلف قبرون ۽ مُقامن تي گهڻو وڃي ڪري پراڻيون پنهنجو قبرون مونکي ياد هونديون ۽ رهنديون آهن جو مالڪن کي به ياد ڪو نه رهنديون آهن پوءِ تختي وغيره لڪرائڻ يا ٻارهين مهيني ڪو ختمو ڏيارڻو هجين ته مون کي ٻڌائڻو پوندو اٿن ته ادا توهان جي فلاڻي عزيز جي فلاڻي قبر آهي.

مرڻو ته بعير ٻڌائيڻ جي ئي ويندو آهيان پر پرڻو به ياد گيرو ناهي ته زندگيءَ ۾ ڪو گُسايو هُجيم. شامگيرين، دعوتن جي اهتمام ۽ انتظام سدائين نيڪ نيتي سان اڳ پرو رهندو آهيان ڍور کي تڪبير کان ديڳيون ڪٺائڻ تائين توڙ ڪبو نڪاح مفت ۾ پڙهائڻ ۽ شوق سان پڙهڻ جو رواج به مون وڌو. قبر کوٽڻ ۽ مردو وهنجارڻ به خدمت ۽ ثواب سمجهي. زمين جي ماپ مٽي جي ماپ پلاٽن جي ماپ به گهڻ ماڻهن کي ايندي آهي پر پڙهيل لکيل ماڻهن کي به نه ايندي آهي جيڪي آئون تمام گهڻي عرصي کان سڄي علائقي ۾ اهو ڪم ڪندو رهان ٿو. ايتري گوناگون ۽ هڻ وٺ جي زندگي ۾ ڪڏهن به ٿڪ ڪونه ٿيو بلڪ مزو پيو ايندو سُڪون ۽ راحت پئي ايندي خدمتون ڪندي ڪندي ماڻهو مخدوم ٿيو وڃ ۽ اُن جو سلو وٺني پاڻ مخدوم ٿيو وڃن ۽ پاڻ کي پير گادين تي به براجمان ڪري چڙين مونهر دم پنهنجي من اند ۾ ان شي کي پئي نينديو آهي برو سمجهيو آهي ته ماڻهن سان ماڻهن جهڙو ۽ برادريءَ وارو ورتاءُ رکڻ گهرجي نماز، وري يا شرعي احڪامن جي پابندي يا ماڻهن جي حال سارو ڪم اچن تي ڪو تڪبر غرور نه وٺي وڃي ۽ ان جو سلوئي پنهنجي نيڪي ئي وڃائي ڇڏجي پوءِ ماڻهو جو سُڪون ۽ راحت ۾مزو هليو ويندو اهي مون هت پنهنجي ڪار گذاري جدوجهن ۽ هڻ وٺ کي توڙي جو ڪو جو نالو ڪو نه ڏنو پر ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون عملي طور تي مونکي ڪنهن کان گهٽ به نصيب نه ٿيون هونديون. منهنجو ڪم گهڻو ٽڻو آٽت ڏي ۽ دلداري ۽ پنهنجائپ وارو تاثر ڏيڻ ئي رهيو اهي ۽ برپٽ ۽ ريگستان ۾ ڪجيءَ جو وڻ لڳائڻجي ڪوشش ڪئي اٿم ته جيئن ايندڙ ويندڙ راهگيرن ۽ مسافرن کي ڦر به ڏي ۽ منزل مقصود تي پهچائڻ لاءِ ڪار رهنمائي ۽ نشاندهي ڪندو رهي ۽ مان ٻڌندڙ ماڻهن کي ٻيڙيون ۽ لانچون ته وٺي ڏئي ڪو نه سگهيو آهيان ۽ نه ئي مان اهڙي ڪا سگهه رکي پئي سگهيس پر مون صرف ان کي ترڻ سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هيءُ دنيا سَڀُ درياهه، ڪوڪوتارو تنهن ۾

مون کي ادي خادم حسين ابڙو جي خيالن سان توڙي جو اختلاف آهي پر هن ۾ ڪوڙا خوبيون، ايمانداري خود داري، محنت ڪشي ۽ پنهنجائپ تمام وٽندي آهي ۽ ان جو هي بيت جيڪو مون کي ان جي ڪتاب " جالڻ جهانگين سان تان مليو ڏاڍو پسند آيو ۽ جڻ منهنجا پيچرا ڪنيو پئي آيو.

## هـــيءُ حـــياتي جـرتي ڦوٽو

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

هي جـواني واءُ جـو جهوٽو
پڻ ڏينهن لاءِ چوٽئين ڪوٽو
ڏوڪڙ ڪارڻ ٻڄي لوٽو

■

## منهنجا دوست/ مائٽ

## جن سان روبرو روز جا يارانا هوندا آهن.

- ادو بخشل خان ابڙو، ڳوٺ ابڙو وايا نصير آباد گاجي کهاوڙ روڊ
- ادو ارباب علي ابڙو، ڳوٺ و تعلقو واره ضلعو لاڙڪاڻو
- سهراب خان ولد حاجي خان ابڙو ڳوٺ ڪنڊو تعلقو واره
- محمد قاسم پير زادو ڳوٺ پلهڙيجي تعلقو ڏوڪري
- ماستر غلام رسول ٻگهيو ڳوٺ ڪاراٽي تعلقو ڏوڪري
- حمز علي خان ٻگهيو ڳوٺ ڪاراٽي تعلقو ڏوڪري
- غلام اڪبر ٻگهيو تعلقو ڏوڪري ڳوٺ ڪاراٽي
- دين محمد پنهور ميهڙ
- غلام شبير پنگر ميهڙ
- 10 نظير احمد تيوٽو ميهڙ
- ايم اعظم سانگي ڳوٺ ساني منگواٽي لڳ
- نثار احمد بليدي سچل ٽائون لاڙڪاڻو
- ممتاز علي پرڙو گهتهڙ
- رئيس غلام حسين جهتيال ميهڙ
- رئيس غلام محمد گهتهڙ (قمبر)
- سوٽ عبدالخالق ابڙو، وارهه
- سوٽ نور الله ابڙو، وارهه
- عبدالغني ابڙو، وارهه
- محمد انور ڪانڌڙو، زرعي آفيسر، نصير آباد
- نور محمد وراٽي مارفاٽي چانديو وارهه
- نصرت حسين واره
- سوٽ بهارو خان راڏاٽي مارفاٽي چانديو ڳوٺ سون واهه تعلقہ وراه

## سدائين سفر ۾

- سوٽ حاجي علي حيدر سون واهه واره
- خان صاحب اميد علي سومرو ڳوٺ ٽيٻا ميهڙ.
- شبير احمد پتو. ڳوٺ ٽيٻا ميهڙ
- علي انور تنيو ڳوٺ تنيو لڳ واره
- ناظم ( امان الله ) منگي ٽراري محبت
- علي انور تينو ڳوٺ تنيو لڳ واره
- سئوٽ خادم حسين بلاٽي مارفاٽي چانڊيو
- منير احمد وڪو ڳوٺ ٽيٻا ميهڙ
- حاجي الاهي بخش کوهارو ڳوٺ چوڙ خيرپور ناٿن شاهه
- عبدالحق لاشاري ڳوٺ مد تعلقه واره
- عبدالهادي
- معشوق علي
- منير احمد
- مختيار احمد سنديلو پيڙو چانڊيو قمبر
- سانولو زنگيجو ڳوٺ زنگيجا تعلقه واره
- معشوق علي
- محمد خان پتي رانجهو جهتيال ميهڙ
- حاجي سڪندر علي ٻُٽ صاحب ميهڙ
- حاجي محب علي سولنگي صاحب ميهڙ
- حاجي شمس الدين آڳرو صاحب ميهڙ
- حاجي خان ڳوري ڳوٺ وليو ڪوسو
- سئوٽ خادم حسين بلاٽي چانڊيو لڳ تينه واره
- عبدالفتاح
- سڪندر علي حاجي الهداد پنهوارو
- روشن علي ٻگهيو ڳوٺ چارو
- سائين پير محمد راشد لڳ وڳڻ
- سائين اقبال احمد شاهه پير ڪوٽ لڳ وڳڻ
- سئوٽ روشن علي گاڏي واره
- پير سائين عصمت الله شاهه وڳڻ پير ڪوٽ

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

سدائين سفر ۾

- پير سائڻ نورالحق شاه وڳڻ
- محمد اسماعيل چنا A.D.A (منهنجي زرعت کاتي جو دوست سويو مگسي
- رجب علي چنا F.A سويو مگسي
- عزيز الله پڳهيو وارهه
- سوٽ عبدالعزيز پڳهيو وارهه
- رئيس مراد علي ڪلهوڙو وارهه

■

## باب ڇهون : ڪجهه علم، ادب ۽ فيض جون ڳالهيون

■

### قمر شهباز پڳهيو

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پڳهو

اصل نواب شاهه جا ڀگهيا آهن جيڪي تمام وڏا ليکڪ ۽ اديب آهن ۽ تمام پُر خلوص ماڻهو آهن جنهن مون جهڙي سادي ماڻهوءَ جي ڪتاب (لفظ لفظ خوشبو) تي ايڏو بهترين ۽ ڊگهو مهاڳ لکي منهنجي ڪتاب کي پر مغز معلوماتي ۽ڪارائتون بنائي ڇڏيو اڄ حال حيات نه آهن شل خدا کيس جواد رحمت ۾ جاءِ عطا ڪري.

■

## ”لفظ لفظ خوشبو“

”مهورت“ منهنجي ڪتاب ”لفظ لفظ خوشبو“ جا ٻه ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن ان ڪتاب تي پهرين ڇاپي ”مهورت“ سنرڊ جنهن جو سربراه رياض چانڊيو آهي. ان پليٽ فارم تان مهورتي تقريب تي هئي.هاءِ اسڪول ۾ تمام سٺو شانائتو پرگرام ٿيو هئو جنهن ۾ نشتر ناٿن شاهي صاحب جن کان مهورت ڪرائي وئي هئي. ڇاپو پهريون سال 2007 ع ۾ ڇاپو ٻيو 2010 ع ۾ مهورت ڪرائي وئي.

■

## عافاٹو ڪلام شاعر صديق ڀگهيو
## آهي عشق فقير، اهو ماڙين ۾ رهندوئي ناهي

ڪنگڻ کو لابا گودڙيون ۽ ڏاڳ، پنڌ پچن ۽ راتيون اوجاڳا آيا جا چڻ لاهي ۽ ڏن نه جاگير. ڪرت رانجهن ڪان کهڙي ڪرائي، جوڳين وارا ويس پارائي پاتائين جهالا ڪنن ۾ ڏئي جهير. صدق صديق تن جي ٻولي، جڳ ڏئي جهٽڪون، جهلن پيا جهولي ڀگهيا طالبن کان تي هي تعبير...

■

## اسلام ۽ اُن جي پيروي

جن ۾ خاص ۽ منهنجي سمجهه مطابق ان شين تي غور ۽ فڪر ڪجي ته ڪا گهٽي زندگيءَ گذارڻ ۾ ڪانه ٿيندي يا معاشري کي سڌارڻ ۾ ڪي سال کو نه لڳندا” تون منهنجو خير گهر ته مان تنهنجو خير گهران ” جو سادو سلوٹو منهنجو خيال آهي يعني ( جيئو ۽ جيئڻ ڏيو) اسانجي اسلام ۾ يا ته دنيا ۾ ڪوڙ سارا ڪوڙ سارن سان صلح ڪيا هوندا پر هي هڪ عاليشان معاهدو جنهن جي اڄ به دنيا تي ڇاپ آهي ۽ ان جهڙو نعم البدل ڪوٺاهه يا معاهدو مون کي گهٽ م گهٽ نظر نه تو اچي. انساني حقن جو چارٽر ٻه پهرين نبي ڪريم ﷺ ڏنو جيڪو ( صلح حديبيه ) جي نالي سان مشهور جنهن جا اهم نڪتا هيٺ ڏيان تو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ اسان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهن.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀگهو

■

## صلح حدبيہ تاريخي پڌرنامو
## اهو معاهدو 4ھ هجري 637ع عيسوي ۾ ٿيو.

1. مسلمان هن سال عمره ڪرڻ کان بغير واپس ويندا.
2. ايندڙ سال ايندا ۽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مڪ ۾ نہ رهندا
3. هٿيار سانباهي نہ ايندا صرف تلوارون سان آڻيندا جيڪي بہ مياڻ ۾ۓ ڪاٿين ۾ بندو هونديون.
4. مڪي ۾ جيڪي اڳ ۾ مسلمان رهائش پذير آهن انهنڪي مسلمان پاڻ سان گڏ نہ وٺي ويندا.
5. ڪافرن يا مسلمانن ۾ اگر ڪو مديني وڃي ( يعني پانھ وٽڻ چاهي تہ ) ان کي واپس ڪيو ويندو.
6. عرب قبيلي کي اهو اختيار حاصل هوندو تہ هو.) مان جنهن سان معاهدو ڪرڻ چاهي
7. معاهدو جي مدت 10 سال هوندي ۽ هِنَ عرصي ۾ هڪ ٻئي جي خلاف جنگ نہ ڪندا.

■

## منهنجا پسند جا مولود
## جيڪي مان ننڍي هوندي ڳائيندو هئس

ٺلهہ

(1) آيو عرس مهينو چائو محب مٺ
(2) مرسل محمد مصطفيؐ توتان وڃان قربان مان
(3) ملڪ مدينو پانيان ماکي کان بہ مٺو.
(4) مولا مدينو ڏيکار پوۓ پلي مار
(5) ڪري وٺ جلد ادا جيڪي ڪجھ ڪرڻو اٿئي
(6) منهنجو مالڪ تون تون هين تون
(7) اڄ سوچ تون پاڻ سنيال ادا

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

(8) ٽيهہ اکري، الف اندر جي آس محمد، پل پل تنهنجي پياس محمد
(9) لئيو مصطفيٰ جي روضي اندار پائي تہ ڏس تو

اسان کي پهرين درجي ۾ گرامر ۽ اٺ لفظ سيکاريا ۽ ان وقت ۾ پيا استاد هئا جيڪي آيو وسريا ناهن. اعزاز عيل ابڙو سائين، محمد اسماعيل چانڊيو غلام رسول کهاوڙ جيڪو پوءِ وڪيل بہ ٿيو.

ڪجهہ منهنجا پسند جا مولد جيڪي مان اڪثر سُز ۾ ڳائيندو بہ آهيان.

■

## مولود شريف

### ٿلهہ

آيو عرص مهينو چائو محب متو
مومن لک مبارڪ سبپ چئو خير مبارڪ
واڌايون ڏيو وٺو، ادا چائو محب متو

.1
سهٽي وطن ۾ اچ سهٽو اچي ويو. منهنجو محمد من مهٺو اچي ويون،
آئــي ميــر محمــد اهــڙو مــينــهن اُنــو ، چــائومُحــب مــتو

.2
هڪ دم ۾ حورن جون ٽولين اچي ويون، هرجاءِ پڌڻ ۾ هي پوليون اچي ويو،
ويــڙا ڏينهــن ڏکــن جــا، وريــو وقت ســتو چــائو مُحــب مـــتو

.3
رب آمنا کي آهي رنگڙو لاتو، سپ ڪنهن سندس پوءِ هيو راُتبو سُجاتو،
جــهڙي مــهل مڪي تــي بــادل برســي اُنو. چــائو مُحــب مــتو

.4
ٽرڙا ٽڏا ٽيا. ٽيون برن ۾ بهاريون. ويران ماڙيون منهنجي عربيءَ اُجاريون،
راضــي راچ تــيــا پــراپــو جهــل رُتــو، چــائو مُحــب مــتو

.5
مولا مهر وسائي ساوا سلاٽيا. گل قل ڦولاريا وڻ پرجي پلا ٽيا،
آئــي ميــر محمــد اهڙو مينــهن اُنو چــائـو مــحــبت

.6
ڪي منهن ڏسڻ سان ئي مستانا ٿي ويا. حضرت محمد تي حيران ٿي ويا،
ڪــن کي بغــض ڪــرايو، ڪــن کي قرب ڪٺو، چائو محب متو

.7

اڄ گهر اگڻ تي ٿيا راز هوندا. نعره رسالت جا آواز هوندا،
اُتي سئو ميل منافق ڏاهڙ آهي ٿئو، ڇائو محب مٺو
.8
ساري خدائي جو سينگار آيو، غلام نمبر نبي جڏ غمخوار آيو،
ڪـــافر نو شيروان جو، ڪنبي ڪوٽ ڊٺو، ڇائو محب مٺو

**مولاد شريف**

**ٿلهه:**

.1
مرسل محمد مصطفيٰ توتان وڃان قربان مان،
تـــون آن نبـــي الله جو توتي آندو ايمان مان
.2
توکي چوان مان ڪيئن خدا، ناهين مگر تنهن ڪئون جدا،
ثانـــي نہ تنهـــنجو ســـيدا، مرسل ڪيان انسان مان
.3
تنهنجيءَ محبت ۾ مران، ڏينهن رات ڳٽين ۾ ڳران،
ويٺـــو شمع جيان پيو ڳران تنجو آهيان پروان مان
.4
توريءَ آڇها عربي اوهان، هيءَ درد دل جو ڪنهن کي چـــوان،
ويٺـــو شرم ڪئـــون رت روئان، پنهـــنجا ڏسـي عصيان مان
.5
مـــحراب پـــور ۾ سيـــدا، تپڪئو آهينا جاني جدا،
ڪيئن جتوئين سان سدا، مُرسل ڪيان گُذارن مان

**مولود شريف**

**ٿلهه:**

ملـــڪ مديـــنو پانيان ماڪي ڪان بہ مٺو،
ڪيئين وسري تو تن ڪان ڄـَنين ڏوري آڏٺو

.1
سِـــڪ جَنيـــن کي ســـينـــي عـــربي اوهـــان جـــي آهـــي،

ڪين آهي دم دير ڪندا قرب جني کي ڪٿو. ملڪ مدينو پانيان
.2
راهـ انهـــي کي رسيــا جا جيــئڙاچــي هـــلــي،
آهي پلو ٽيو تن جو، سرهو سات سٿو، ملڪ مدينو پانيان
.3
محــل مـــڪي جـــون ماڙيون گهــتــيون روز گهـــمڻ،
اچن وجن عرفات تي جتي نور الاهي اُٿو ملڪ مديندو پانيان
.4
مـــاچي مـــلڻ لــئہ مانـــدو، عاجز ڪـــري تي آنهـــون،
غلام حيدر گولي کي گهوٽ گهرائي وٺو ملڪ مدينو پانيان

**مولود شريف**

**ٿلهہ**

مــولا مـــدينو ڏيــکار پوءِ پـــلــي مارِ لهن اوجا ڳا اڪڙيـن جا
.1
تڪڙي سيـــر سمند جي، الا عربي جام اُڪـــارِ پوءِ پلـــي مـــار
.2
روضو پاڪ رسول جو، الا ذاتر مـــونکي ڏيکارِ پوءِ پلـــي مار
.3
پـــاٽي ٺ عـــرب شريف وِ الا پرور مون کي پئيارِ پوءِ پلي مار
.4
پـــيـــرو پـــاڪ رسول جو، الا وجي چـــمان بار بار پوءِ پلي مار
.5
اديون شاهہ عبداللطيف چوي، الا عربي مُنهڙو ڏيکارِ پوءِ پلي مار

**مولود شريف**

رشد عصم شاهہ

**ٿلهہ**

ڪري وٺ جلد ادا جيڪي ڪجهہ ڪرڻو اٿئي،

رهندين ڪيس سدا، آخر مرڻو اٿئي

.1
سـَــــهڻا ويس وڳا، جنهن سان ڏڪين تو ريدا ،
تنهن ڪي نصيب الائي ٿيندئي ياد ڪـــنهن،
اهـــو ســـيـــم بدن ٿيـنـــدئي نيـــٽ دفــن،
آخـــر ڌوڙ انـــدر هـــي ســـِر ڌرڻـــو اٿـــئي
.2
ڪـــرتون حـــرص هـــوَس ڪان پنهـــنجو پاڻ پي،
خالي طمع منجــاهن ڪـــجهه ڪـــين ورڻو اٿي،
جيـــڪي ڪـــري ســـو ڪري، پر ور پاڻ ڪري،
گهر تون ڏٺيءَ پنهنجي جيڪي ڪجهه گهرڻو اٿئي
.3
ويـــڙا پيـــر پيغمـــبر، هتــان لوءِ لـــڏي،
ڪنهن کي ڪين نيائون، پَر ساڻ گڏي،
توکي ڪيئن تو ور هـــتي اجـــل چـــڏي،
نيـــندئي نيـــٽ سڏي ڪين ٽرڻو اٿـئي
.4
راشدي عصمه شاه ادا، چڏ تون دودو دغا،
سينو ڪيني ڪان، ڪر تون صاف صفا،
ڏي تون پرور ســـان. پنهـــنجو واعـــدو وفا،
بنـــدا ٻـــاريءَ وٽ، حـــق نيٽ ڏرڻو اٿئي

**مولود شريف**

شاهه لطيف ڀٽائي

ٺلهه

منهنجو مالڪ تون، تون هي تون، ٻيو وَرُ ڪندس ڪي نه ڪـــي ،
الا منهنجو مالڪ تون، تون هي تون ٻيو وَرُ ڪندس ڪي نه ڪي
.1
اُٺڙا هـــونـــگاري هلـــيا، هـــونگـــر منـــجهه ڪــــن مـــون،
تون هي تون، ٻيو ور ڪندس ڪي نه ڪي منهنجو مالڪ تون

.2
اُنـــــن جــــي تہ اوڳـــري بَر ۾ آيـــم بـــــونءِ،
تون پيو ور ڪندي ڪي نہ ڪي منهنجو مالڪ تون
.3
جيــرا جـــوش جــلـي ويا، منـــهن جـــي بڪين آندي بون،
تون هي تون پيو ورڪندس ڪي نہ ڪي منهنجو مالڪ تو
.4
اديـــون شـــاهہ عبـــداللطيف چــوي، عيب ڊڪيندين مون،
تون هي تون پيو ور ڪندس ڪي نہ ڪي منهنجو مالڪ تو

**مولود شريف**

حاجي سڪندر علي ٻُٽ

ٿلهہ

ڪڏهن پرين قرب ڪري، منهنڙو ڏيکاريو منور
دوست دلاسي آهيان عربي اوهان جي آڌار

.1
ســـال گهڻا ٿيا سڪنديءِ، جيءَ جسي ۾ ناهي،
عشـــق عجيبا تنهنجي من اندار ڪيو محشر،
ڪڏهن پرين قرب ڪري منهنڙو ڏيکاريو منور
.2
سڪ اوهان ريءَ سهڻا سڪُ نہ ڪوئي سنبران،
درد فراقان دلـڙي. دانهـــان ڪـــري پـــئي درد،
ڪڏهن پرين قرب ڪري منهنڙو ڏيکاريو منور
.3
نـــاز نهـــوڙي آهيـــان پـــل نہ پري ٿئي پرين،
تنهنجي اچڻ جون راهون هـــوت نـــهاريان هر هر،
ڪڏهن پرين قرب ڪري منهنڙو ڏيکاريو منور
.4
عشـــق اوهـــان جـــي آري تاب تکيـــرو پانيان،
جو شان جلي تو جندڙي دوتهـــان دکن تـــا درد،
ڪڏهن قرب ڪري منهنڙو ڏيکاريو منهنڙو

.5

ساهه سڪندر جا سائين حال اچو جي هيڪر،
محب متايون مصريون گهٽو ورهايان گهر گهر،
ڪڏهن پرين قرب ڪري منهنڙو ڏيکاريو منور،
دوســت دلاســي آهيــان عربي اوهان جي آڌار

■

## ميهڙ جا وٽندڙ فنڪار

علي مراد جتوئي، احمد بخش ڪوسو، استاد غلام قادر چانڊيو، ساجد سنڌي، ممتاز لاشاري ڪي ته مان تڏهن ڪان سُڃاڻان جڏهن ننڍڙُ هئو ۽ شروعات ڪئي اٿس ته ٻڌندو اچان ڏاڍي سجيده شاعري ڳائيندو آهي ۽ مون کي وٽندو آهي خاص ڪري جڏهن دادن فقير، حمل فقير کي ڳائيندو آهي، جيڪو منهنجو ڳوٺائي آهي مائي عابده ۽ منظور سخيراڻي به پسند اٿم فقير ته سڀ وٽندا آهن. شفيع فقير، سوڍو فقير، علڻ فقير، مانجهي فقير، ته منهنجي ننيڙي آخري پُٽ عبدالصمد جي شادي وهانءُ آخري پٽ  هُجڻ جي ناتي مون دل کولو خرچ ڪيو ۽ تمام وڏو پٽ هئو جيڪو ويجهڙ ۾ اسان جي برادري ۾ اهڙو وهانءُ نه ٿيو هئو شرڪت به تاريخي هئي جنهن ۾ نواب محمد خان چانڊيو ڪان وٺي پنهنجا ٻگهيا سردار M.P.A فياض احمد پُٽ M.N.Aءِ وڪيل ۽ ججن صاحبن جي جهجهي شرڪت هئي.( مصري فقير ٻڌل فقير، امام بخش ڊکڻ جي شاعري به وٽندي اٿم )

**حمل فقير:**

هن فقير جي تمام سٺي شاعري آهي پر هڪڙُ شعر واه جو اٿس دلچسپ ۾ معنيٰ خيز وٽندڙ خيال

ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، تا ڪاٽون ڪيون ڪن جون
نہ تہ ڪير ڪان ڪيرسين، ڪير هوند ڪيڍي ڪنهن جي ڪاڻ
اسين پاڻ اُتان  مرا ڪيون نہ ڪنهن جي ڪاڻ
پر حمل ساجن سُرهي ڪاڻ، تا ڪاٽون ڪيون ڪن جو

**روحل فقير:**

هڪ هندو پيو مسلم، ٽيون وچ وڏائون ويرج
انڏن اونده نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير
روحل راءِ پ رين جي گهمي ڏٺي سين گهير
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو تنهن ۾ ند نہ ڦير
ساڪاڏي ڪندي پير جا سمجهي ڪعبت الله وچم

منهنجي پسند شاعري جون سٽون

واحد وسائينس، آهون عالم جون سُٺي
موڪل ٿئي مينهن کي تِرمَ ترسائينس
صاحب ساري سنڌ تي بادل برسائينس
مصر ملائينس ڪنڍ وانگر ڪير ۾

**جانڻ چن:**

حق اثبات: جانڻ چن جو ذڪر اڳ ۾ به ڪري چڪو آهيان هن ان جي شاعري جي مجموعي جو نالو آهي جنن ۾ تمام عشقيه ۽ سهڻي شاعري به ملي وجي ٿي.

هر جاءِ جلوا مون ڪيا، غائب به ٿي حاصر به ٿي
اول به ٿي آخر به ٿي، باطن به ٿئي ظاهر به ٿي
خود جو مان دانه بينه، خود جو شناس آهيان
خود جي تلاش ورتم خود جي مان پاس آهيان
بسمان تنهنجي صورت قربان حسن وار
الله ياد ڏيارئي احسان حسن وارا
پاٿان وجي پرانهون، الله کي ووڙڻ
ڪل جهڙي ڳالهه آ، چوڪر ڪلهي ۽ ڳولهڻ

مولوي بلبل سنڌ: جيڪو هئو ته واغظي پر جڏهن هي بيت پڙهندو هو ته روئاري وجهندو هئو.

دوست ڪهائي دادلا،تو محبت مارائي
خاص ملين کي سختيون سهائي
الله بي صمد، بي نياز ساڪري جا چاهي
انهيءَ منجهه آهي ڪا اونهيءَ ڳالهه اسرار جي

(شاهه )

## قرآن سرچشم هدايت جون ڪجهه آيتون

وَيسئلونَڪَ مَاذَايَنفِقُون قُلِ العفوُ ( سورت البقره 219 )

اي پيغمبر تو کان پُڇن ٿا ته ڇا خرچ ڪريون ڪين وراڻ ته پنهنجي بنيادي ضرورتن کان واڌارو سڀ ڏئي ڇڏيو:

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ڀگهو

(هود آيت 6 )

۽ زمين تي جيڪو بہ ساھہ وارو آھي انھيءَ جو رزق الله پاڪ جي ذمي آھي
( سورت النسا آيت 34)

الله تعاليٰ ڪن ڪن کي ٻين تي ڀلارو ڪيو اھي انهن موجب مڙد زالن تي حاڪم آھن مردن تي بہ عورتن جا اھڙا حق معروف طريقي مطابق آھن جھڙي طرح مردن جا عورتن تن آھن.
(الملڪ 21 (سوره يونس 156

هوئي جيئاري تو هوئي ماري تو ۽ سينن کي ان ڏي موٽڻو آھي.
( سوره الشوري 12 )

هوئي جنھن کي گھري تو شاهوڪار ڪري تو هوئي، جنھن کي گھري غريب ڪري تو.
( سوره ڪهف 17 )

۽ جنھن کي الله سنئين رستي تي هلائي سو سيئين رستي تي هلندڙ آھي جنھن کي هو گهمراه ڪري ان لاءِ تون ڪو بہ ولي مرشد نہ لھندي
( سوره لقمان 18 )

الله ڪا آڪڙ باز ۽ هٺ کي پسند نہ تو ڪري
( سوره 42)

حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ توهان ڄاڻي واڻي حق کي لڪايو ٿا
( سوره طاق 13.14)

هي هڪ فيصلو ڪندڙ آھي ۽ڪو چر چو ناهي.
خيرُالنَاسُ مِنِيَنفعَ النَاسِ
افضل عبادت خدمت الناس آھي.

مٿين آيتن ۽ حديثن ۽ جي ترجمي ۽ مفهوم ۾ اهو ظاهر تو ٿئي تہ انسان ڪيڏو نہ بي وس لاچار آھي ۽ واقعي آھي بہ ) پوءِ گھٽيون ئي هتوراڙيون هٽجن ٿيون ۽ منصوبا جوڙجن ٿا پر جوڙي اهو تو جيڪو جوڙ خود ڏٽي جوڙي تو.

توڙي هلين تڪڙو، تڪڙو توڙي هلين وک
لڪئي منجهان لک، لهندئي ڪين لطيف چئي
ورند جو ڪلام
هت ماڳ ڪنهن جو ناهي هر ڪو مسافر آ
هردم رهڻ جو جيڪو، سو پيو ڏسياور آ

غزل
ڪـانـــگل ادا ڪـــٽي وڃ خـطرو خـدا جي نالي
هــڪ پهـــــر ۾ ڪــري وڃ پــنڌڙو خدا جي نالي
وڃ تہ ڪا شي نہ ويهہ جانءِ. هڪڙِ گهڙي نہ تڪجانءِ
ورنــدي ونـــي پوءِ ورجــائين، تــڪڙو خــدا جي نالي
ورنــد چــوي ويـــچارو، واٽيـــو، فريــد آبــاد وارو
مـــنـــهنجــو هـــيءَ جيــارو جـــڏڙو خــدا جي نالي

## حجتہ الوداع جو آخري خطبو

هيءَ بہ هڪ تاريخي ورثو ۽ شاندار ۽ جاندار شيءَ آهي جنهن ۾ هڪ لک چوويهہ هزار ماڻهن شرڪت ڪئي، جيڪا ان دور حالتن ۾ آدم شماريءَ جي حساب سان تمام وڏي ۽ شاندار شرڪت هئي. جنهن ۾ ايڏو خوبصورت خطبو فرمايو ويو جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي جنهن جو مختصر ترين تت هن ريت آهي.

عربيءَ کي عجـمي تي فوقيـــت ناهي
اچـــي کي ڪــاري تي فوقيت ناهـــي
ســـب جو سـڳيـ پاڻ ۾ يــائر آهــــيو
يلو اهو آهي جنهن جا اعمال يلا آهن

## انساني حقن جو پڌر نامو

**هن** پڌرنامي جا ڪجهہ چگيڙا ( اسلام تان ڪاپي ڪيل تقطا ) ڏيان ٿو. بيا ان خوف کان نہ تو ڏيان متان ڇُڙواڳي جو سبب بڻجس 16(2) شادي فقط آزاد ۽ جوڙي جي مرضي سان عمل ۾ ايندي

(20) ڪنهن کي بہ ڪنهن تنظيم سان گڏ هلڻ لاءِ مجبو نہ تو ڪري سگهجي (1.23) ۾ مرضيءَ وارو هر هڪ کي حق حاصل هوندو تہ آزاد نموني ڪم ۾ ملازمت ڪري

2) هر هڪ کي بغير تفريق جي ساڳي ڪم لاءِ هڪ جيتري پگهار

25) هر هڪ پار کي ساڳيو خاص رتبو هوندو چاهي اهو شاديءَ شده يا غير شادي شُده جوڙمان جنم وٺي ٽوٽل 30 ڪن نقطعا جي جنرل اسيمبلي (Uno) منظور ڪيا جيڪي حق هئا سماجي شعبي معاشي، ثقافتي ۾ انفرادي آزاديءَ جا، هاٽي ڏسٽو اهو اهي تہ هيتريون ساريون صديون گذرڻ کان پوءِ پوري دنيا جي دانشورن انسان جي ڀلائي جنهن کي " " نالو ڏنو ويو ان ۾ ڪهڙي پڌيڪ موتي پويا ويا آهن.

## سڪندر اعظم

سڪندر اعظم کان پوءِ 711 قبل مسيح تائين فارسين جي قبضي ۾ رهي سڪندر اعظم وقت سنڌ جي آبادي 5 لک کان 10 لک هئي، جنهن ۾ 805 سنڌ جي آبادي 5 لک کان 10 لک هئي.

جنهن ۾ 805 بعد وارو عرصو اموي عباسي خليفن جي حڪمراني هئي آبادي ويهہ لک ۾ پوءِ ٽيہ لک آباد 14 لک

## ٽيهہ اکري

(هيءَ بہ هڪ سنڌ ۾ مروج شاعريءَ جي صنف آهي )

ا. الف اندا جي آس محمد پل پل تنهنجي پياس محمد

ب. بدن جا بار محمد لاهہ سگهو سردار محمد مُلڪن جا مختيار محمد

ت. تن ۾ تانگهہ تنوار محمد، لنءُ لڳل لعار محمد محبت آبيشمار محمد

ث. ثابت سڪ سوز محمد، ذوق ذڪر شب روز محمد

ج. جياپو جان محمد درهوڏي تون دان محمد قائم ايمان محمد

ح. هينئون هيٺو حال محمد، سٽج سپاجها سوال محمد، ڪريلايون پال محمد

د. دکن کي ڪٽ محمد، بخت سندودر پٽ محمد گهٽناهي تو در محمد

ذ.ذڪر سڻ مير در محمد، مشفق ماهہ منير محمد پيار ڪلي ڪنڍ ڪير محمد

ر. رکين لڳ الله محمد، ونءُ وسيل اوهہ محمد، اسان تي ڪرنگاهہ محمد

ز زاري پڌ عرض محمد

س. سٽج هي سوال محمد

ش. شين شڪر دل بند محمد، ڏي سڏي فرزند محمد صہ فهم فضيلت هنر محمد

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

2. صئاد صبر آرام محمدﷺ ڀرو ڏيم انعام محمد مطلب ڪر تمام محمد
ض. زمان ايمان محمدﷺ شرف ڏي مون شان محمدﷺ اُجارج ايمان محمد
ط طلب هي خيال محمد واحد لڳ وصال محمد پاڪ پساءِ جمال محمد
ظ ظاهر آلات محمدﷺ ڪذڪر ڪلمات محمدﷺ پورو ڪندي حاجات محمد
ع.عنايت ڪر محمدﷺ پير پري اچ گهر محمد قائق فضل ڪر محمد
غ غريبيئون سڃاڻ محمدﷺ ڏوري ڏي ڪوڏاڻ محمد ويران وساءِ وٽاڻ محمد
ف. في الحال رسيج محمدﷺهيڻ هٿ تون ڏيج محمدﷺ دُرسن دلاسو ڏيج محمد
ق.قريشي آئون محمدﷺ رهبر راءُ نماءِ محمدﷺ لهه ڪُل سُڌ سماع محمد
ڪ ڪرم ڪر ذوڌ محمدﷺ ڪوٺي خوش ڪرنُود محمد توسر تي لک درود محمد
م. مداهي مدام محمدﷺپهتو هي پيغام محمد عبدالله آ غلام محمد
ن نماٽا نيڻ محدمﷺ روئن سندا نيرو محدﷺ ڏيکارج جلد حريمن محمد
و. وڏائج دين محمدﷺ ويو اٿيم يقين محمدﷺ پنهنجو ڪر تلقين محمد
ه. هر حال هميشه محمدﷺ ڪرت ڪجا ڪم پيش محمدﷺ سام اچي پوي مير محمد
۽ الف غلام محمدﷺ پڙهيو صلوات محمد مٿي مير چام محمد
ي يڪ هي منهنجي جات محمد سولي ڪندين سڪرات محمد ڪلمو هوندي وائي وات محمد

## ڊائري ورق / روشن علي جو

منهنجو خيال آهي تہ توهان کي هڪ ڏوڏئورو ڪرائجي جنهنجي ۾ اوهان پنهنجي مرضي مطابق هڪ هفتو ياد ڏهہ ڏينهن کي جو Schedule ٺاهي ڏيو تہ توهان ڪٿي ڪٿي وڃڻ گهمڻ چاهيو ٿا يا ڪنهن شادي/ غميءُ جي سلسلي ۾ نيون توڙي پراڻيو يا ائين ئي پراڻن تعلقاتن / واسطن يا دل گهريئي دوستن / مائٽن سان ملاقاتون ڪرڻ چاهيون ٿا. يا ڪن ضروري ڪمن ڪارن جي سلسلي ۾ وڃڻ چاهيون ٿا. پنهنجي مرضي مطابق هڪ شيڊول ترتيب ڏئي باقي گاڏي/ ڊرائيور. تيل پاڻي ۽ٻيو گهربل بندوبست بہ آءُ ڪندس. توهان ڪو دوست/ مائٽ ان سفر ۾ گڏ ڪٺو تہ بہ توهان جي مرضي هوندي.

اوهان جو پٽ روشن
30-1-2012 شڪارپور

## ڪجهہ اهم هدايات ۽ منهنجون دلچسپ ڳالهيون
## (هيئن ڪڏهن بہ نہ ڪجو )

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پگهو

- ان خيال ۾ مست رهڻ ته: هميشه تندرست، خوبصورت ۽شاهوڪار رهندس.
- ان نيت سان گناهه ڪرڻ صرف ٻه چار دفعا گناهه ڪري ۽ پوءِ گناهه ڪرڻ ڇڏي ڏيندس ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڪيل گناهه بخشر ائيندس
- پنهنجو ران ٻئي کي ٻڌائڻ ۽ ان کي لڪائڻ جو چوڻ
- هر انسان جي ظاهري ڏسي ۽ راءِ قائم ڪرڻ
- ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي ۽ ٻئي وقت تي ڪرڻ جي اميد ڪرڻ
- پنهنجي آمدنيءَ مان زياده خرچ ڪري ۽ پوءِ ڪنهن خدائي امداد جي اميد رکڻ
- پنهنجي جي ماءُ پيءُ جي خدمت نه ڪرڻ ۽ پنهنجي اولاد مان اها توقع رکڻ
- جيڪو ڪم پاڻ کان نه ٿي سگهي ته ان کي سيني لاءِ نا ممڪن سمجهڻ
- ماڻهن جي تڪليف ۾ حصو نه وٺڻ ۽ وري انهن کان همدرديءَ جي اميد رکڻ
- ٻين کي تڪيلف ڏيئي ۽ پاڻ آرام سڪون سان ويهڻ
- واند ڪائيءَ ۾ مستقبل لاءِ خيالي پلاءِ پچائڻ ۽ خوش ٿيڻ
- سيني ماڻهن کي پنهنجو هم خيال بنائڻ
- پاڻ کي عقلمند ۽ لائق ماڻهو سمجڻ
- آزمايل ماڻهوءَ کي وري ٻيهر آزمائڻ
- هر مٺي زبان واري کي پنهنجو سمجهڻ
- بروڪم ڪريڻ وقت بروڳالهائڻ
- هر وقت هر ديواريءَ کي ڪن ۽ اک نه سمجڻ
- ادائگي قرض جي متعلق دلفريب آمدنيءَ جا ذريا ڳڻيڻ
- غير ضروري خرچن لاءِ ٻي ڌڙڪ قرض کڻڻ

ســـي پـوچارا پُر ٿيا سمنڊ سيويـو جَن
آندائون عـــميق مـــان جوتي جواهـرن
لڌائون لــطيف چئـــي لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، مُلهه مهانگو ان جو
شاهه

اڻ ڳڻيا احسان ان خالق ڪائنات جا جنهن ڪُن سين سارا عالم تخليق (فرمايو ) تنهن جون ڪهڙيون صفتون لکي لکي جنهن عالم تي عظيم احسان فرمائي سهڻن جو سردار اڙين جو آڌار غريبن جو غمخوار يتيمن

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پڳهو

جو يار حضرت حبيب ڪريم رئوف الرحيم صلي الله عليہ وسلم جن جي بي مثل بي مثال ذات عطا فرمائي ۽ ومارسلناڪ الارحمت اللعالمين چئي، هر ناقص بيڪس کي ازلي ابدي سهارو عطا فرمايائين جنهن پرينءَ صلي الله عليهہ وسلم جي عشق ۾ منهنجي ربَ العالمين هن ڪائنات ۾ جيڪو حقيقي عشق جو سوز و گداز پئدا فرمايو تنهن جي حاصل ڪندڙ منهنجي محبوب ڪريم رئوف رحيم صلي الله عليہ وسلم جن جي غلامن جو بہ شان بيان ڪان عقل قاصر آهي.

سيوا ڪر سمونڊ جي جتي جر وهي تو جال،
ســهسين وهــن ســير ۾ ماڻڪ موتي لعـل
جي ماســو ملــئي مــال، تہ پو چارا پُر ٿئين،
(شاهہ)

## سياڻن سچ چيو آهي

- آغاز اهو اهي جنهن ۾ بسم الله هجي.
- اک اها آهي جنهن ۾ شرم هجي.
- عالم اهوآهو جنهن ۾ عمل هجي
- عورت اها آهي جيڪا پنهنجي عزت محفوظ رکي
- عدالت اهو آهي جنهن ۾ انصاف هجي
- گهر اهي آهي جنهن ۾ يار هجن.
- سواري اها آهي جنهن ۾ سڪون هجي.
- ڪاڏو اهو اهي جنهن ۾ حلال هجي.
- زندگي اها آهي جنهن ۾ پيار هجي.
- معاشرو اهو آهي جنهن ۾ اصول هجي.

**انسان جا ڏهہ دُشمن**

- شاهہ لطيف جي چواڻي
- پهرين ويري پان سان نفس وڏو نادان
- ٻيو وييري تن من سان شامل چَوَن شيطان
- ٽيون ويري ويتر صبحت زال زبان.
- چوٿون ويري ٽا چون ٻيٽو بي فرمان
- پنجن ويري پيٽ آ جو نت نت گهري نان
- ڇهون ويري اج آ جو ٻاڻيءَ لئہ ڪري پريشان

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

## سدائين سفر ۾

- ستون ويري اڳرو آ تڪبر تولاه
- اٺون ويري شهوت آهي جنهن هزارين ڪيا حيران
- نائون ويري ننڊ آ جنهن جو غفلت ۾ گذارن
- ڏهون ويري ڏمر آ جو جلد ڪري جو جولان
- انهن ڏنهن ويرين وچ ۾ جو ڪٽي جنگ جوان
- تنهن تان ڪيان پاڻ قربان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي.

**قدر بابت**

- زبان جو قدر بي زبان کان پڇو.
- والدين جو قدر ڪنهن يتيم کان پڇو
- باغ جو قدر مالهيءَ کان پڇو.
- ڪاميابيءَ جو قدر ناڪام کا پڇو
- وطن جو قدر مجاهد کان پڇو
- اولاد جو قدر بي اولاد ئي کا پڇو.
- مانيءَ جو قدر ڪنهن بکئي کان پڇو
- پاڻيءَ جو قدر ڪنهن عاشق کان پڇو
- محبت جو قدر ڪنهن عاشق کان پڇو
- چنڊ جو قدر ڪنهن چڪور کان پڇو
- صحت جو قدر ڪنهن بيمار کان پڇو
- اکين جو قدر ڪنهن نابينن کان پڇو
- وطن جو قدر ڪنهن پرديسيءَ کان پڇو
- آزاديءَ جو قدر ڪنهن قيدي کان پڇو
- پئسي جو قدر ڪنهن غريب کان پڇو
- علم جو قدر ڪنهن جاهل کان پڇو
- ماءُ جو قدر ڪنهن يتيم کان پڇو
- عربت جو قدر ڪنهن سائل کان پڇو
- لڙڪن جو قدر ڪنهن نيڻن کان پڇو
- قرآن پاڪ جو قدر ڪنهن حافظ کان پڇو
- وطن جو قدرڪنهن جلا وطن کان پڇو.

**نيڪ ڳالهيون**

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

- ❖ ڪم به ڪم شروع ڪريو ته چئو بسم الله
- ❖ خداءِ تعاليٰ جي نالي ڏيو ته چئو في سبيل الله
- ❖ ڪاسٽي خبر پڌو ته چئو سبحان الله
- ❖ مدم جي ضرورت هجيو ته چئو يا الله مدد
- ❖ جڏهن خوش گذاريو ته چئو ته فتبارڪ الله
- ❖ غلط ڪم تي افسوس ڏيو ته چئو في امان الله
- ❖ اوياسي اچيو ته چئو لاحول ولافوت اِلا بالله العلي اعظيم
- ❖ ڪائي پي ڊءُ ڪيو يا نچ اچيوَ ته چئو شڪر الحمد الله

**سڀ ڪان مٺا قول**

- ❖ سڀ ڪا افضل نالو الله جَلَ جَلالَہ جو آهي .
- ❖ سڀ ڪان عظيم هستي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم آهي
- ❖ سڀ ڪان عظيم ڪتاب قرآن مجيد آهي.
- ❖ سڀ ڪان عظيم دعوت آذان آهي .
- ❖ سڀ ڪا عظيم ٻولي عربي ٻولي آهي .
- ❖ سڀ ڪان عظيم مذهب اسلام آهي.
- ❖ سڀ ڪان عظيم ڪم نماز آهي.
- ❖ سڀ ڪان وڏو اجتماءَ حج مبارڪ آهي.
- ❖ سڀ ڪان سٺي جڳهه مسجد شريف آهي
- ❖ سڀ ڪان مٺو ميوو اولاد آهي.
- ❖ سڀ ڪان ڳري مصيبت قرض آهي.
- ❖ سڀ ڪان قيمتي گُل مٺا لفظ آهن
- ❖ سڀ ڪان وڏي ديوانگي خود پرستي آهي.
- ❖ سڀ ڪان وڏي دولت علم آهن.
- ❖ سڀ ڪان وڏو رشتو انسانيت آهي.

**والدبابت**

- ❖ بابو گُگهہَ اونداهيءَ ۾ روشنيءَ جو مينار آهي.
- ❖ بابا جي عزت ڪيو تان ته ان ڪان فيض حاصل ٿي سگهي.
- ❖ بابا جو احترام ڪيون ٿا ته توهان جي اولاد به توهان جو احترام ڪري.
- ❖ بابا جون ڳالهيون غور سان ٻڌو ٿا ته ٻين جون ڳالهيون توهان کي ٻڌٽيون نه پون.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم پڳهو

- بابا جي سامهون ڏاڍيان نہ ڳالهايو ورنہ الله تبارڪ وتعاليٰ توهان يڪ هيٺ ڪري ڇڏيينديو.
- ابا جي مشورن تي عمل ڪريو تہ تمام آفتن کان محفوظ رهندئو.
- والد جي احسان جو حق هن دنياوي خدمت سان ادا نہ تو تي سگهي.
- والد جي سامهون نظرون جهڪائي رکو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ توهان کي دنيا ۾ بلند ڪري
- والد هڪ خدائي رحمت آهي جيڪا سدائين سِر تي چادر وانگر رکيل هوندي آهي.
- والد هڪ مقدس محافظ آ جو ساري زندگي خاندان جي نگراني ڪندو رهي ٿو.
- والد سان حُسن سلوڪ ڪرڻ جهاد في سبيل الله کان بہ وڌيڪ بهتر آهي.
- والدا ولد جو لاءِ هڪ ڍال آهي جو ڪڏهن بہ اولاد کا غافل نہ رهندو آهي.
- والد جو حڪم مڃيندا ڪريون تہ جيئڻ خوشحال ٿي سگهو.
- والد جي سختي برداشت ڪريو تہ جئين با ڪمل ٿي سگهو.
- والد هڪ ذميدار ڊرائيور آهي جو گهر جي گاڏيءَ کي پنهنجي رت سان هلائي ٿو.
- والد جا ڪوڙهاتو هان جي ڏک سان نہ ڪرڻ ورنہ الله تبارڪ و تعاليٰ توهان کي جنت کان ڪرائيندو.
- والد الله پاڪ جلا شان هو جي صفت ربوبيت جو مظهر آهي.
- والد الله پاڪ جَلَ جَلالَہٗ جي رحمت جو ڪڪر آهي.
- والد وڻ برابر آهي جيڪو پاڻ سڙي ويندو آهي ۽ ٻين تي ڇانَو ڪندو آهي.
- والد جي سامهون شفقت ۽ انڪساري سان جهڪندا رهو.
- جيڪو عزت جي بلنديءَ تي پهچائي ڇڏيندو آهي.
- والد هڪ ڪتاب آهي، جنهن ۾ تجربا لکيل هوندا آهن تہ ان کي پاڻ کان پري نہ رکو.

**امڙ بابت**

- ماءُ جي دعا انسان جي ڪاميابيءَ جو راز آهي.
- ماءُ جو پيو نالو جنت آهي.
- بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.
- ماءُ کان سواءِ گهر ويران آهي.
- ماءُ جي نافرماني ڪندڙ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.
- ماءُ هڪ اهڙو مقدس لفظ آهي. جنهن جي ادا ڪرڻ سان ٻئي چَپَ هڪ ٻئي کي چمي وٺندا آهن.
- بد نصيب آهي اهو شخص جنهن ماءُ جي خدمت نہ ڪئي.
- پر خلوص محبت ماءُ جي آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي تي سگهي.

- ❖ ماءُ جو قدر ان کان پڇو جنهن جي ماءُ هتان لاڏاڻو ڪري وئي آهي.
- ❖ ماءُ هڪ اهڙي نعمت آهي جنهن کان سواءِ زندگي اڻپوري آهي
- ❖ ماءُ جي دعا انسان جي ڪاميابي جو راز آهي
- ❖ جنهن گهر ۾ تعليم يافته ۽ نيڪ ماءُ آ هي اهو گهر ادب جي يونيورسٽي آهي.
- ❖ ماءُ هڪ اهڙي نعمت آهي جنهن کا سواءِ زندگي اڻپوري آهي.
- ❖ ماءُ جي دل ايتري وسيع آهي جو ان ۾ سڄي ڪائنات سمائجي سگهي ٿي.
- ❖ ماءُ قدرت جو سڀ کان وڏو تحفو آجي.
- ❖ دنيا جي سڀني رشتن ما ڪوبہ رشتو ماءُ کان وڌيڪ گهرو پيارو ۽ خوبصورت نہ آهي.
- ❖ جنهن ماءُ کي رنجايو تنهن ڄڻ خدا تعاليٰ کي رنجايو.
- ❖ خداءِ تعاليٰ جي خوشنودي ماءُ جي خوشنوديءَ ۾ آهي.

## خاص ڪري اولاد لاءِ بہ لفظ
## ( وصيت نامون )

خداءِ تعاليٰ جي ڪيل حڪمن تي پابنديءَ سان عمل ڪندا رهجو جنهن ۾ خاص ڪم نماز روزو ۽ ٻيا چڱائيءَ جا ڪم پاڻ ۾ ٻڌي ۽ اتحاد سان رهجو. هڪ ٻئي جو خير گهرندا ڪجي. نہ رڳو پاڻ ۾ هر انسان ذات جو خير گهرجو. ڇو تہ توهان انسان ذات ۽ٻي مخلوق جو خير گهرندئو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ توهان تي رحم ڪرڻ فرمائيندو. درگذر ڪرڻ جو وڏ ۾ وڏ خيال ڪندا رهجو. آخر ۾ اوهان لاءِ دعا جا لفظ چڏيو ٿو وجان تہ محبت جا چار وچائيندا رهجو. ۽ ٻين کي اهڙا سبق سيکاريندا رهجو.

هونءَ تہ ميهر مئو تہ وچن جي کهري پارت پر پوءِ بہ سنڌ اجان گدڙن نہ کاڌي آهي مون کي " اجان رُج مان رڙاڇي پئي اڇي پئي) متان سمجهين مئا موار سار " اجان اهڙا متير مڙس. منهنجي اولاد ۾ بہ " آهن جيڪي هن سفر کي اڳتي وڌائيندا ۽ جاري وساري رکيو ايندا. ماڻهن جي لاءِ اهنجن ايذائن جو سبب نہ پر گهٽائڻ ۾ مدد گار ثابت ٿيندا. هونءَ بہ مون تي وڏا ڪرم آهن ڏٺي سگوري جا, جو دنياوِي سڀ ڏنڏا ڪم " جيڪي منهنجي وس ۾ نہ هئا" پر تنهن هوندي بہ سڀ ظاهري خفا لٿل نظر ٿا اچن, مال ملڪيت اولاد رشتا شاديون سڀ مڪمل ڪيو اٿم, ان ۾ منهنجو ڪمال ناهي.

" يہ سب تمارا کرم هي آقا, کہ بات اب تڪ بني هوئي هي"

ڇو تہ منهنجون زندگيءَ ۾ ڪي ذاتي خواهشون ڪونہ رهيون آهن ۽ نہ وري انهن خواهشن جي غلامي ۾ ڪي غلط ڪاريون سرزد ٿيون هجن ڇو تہ مون هِن زندگيءَ کي هميشہ بي بقا ۽ فاني ئي سمجهو آهي. آخر ۾ پنهنجي اولاد, عزيزن قريبن ۽ دوستن لاءِ خاص عرض آهي تہ: دنيا ۾ محبت سان هڪ ٻئي سان پيش ايندا ڪريو.

ليکڪ: حاجي عبدالڪريم ٻگهو

نفرت کان پاسو ڪندا ڪريو. محبت ۽ نفرت ٻئي هڪ دل ۾ گڏ نہ ٿا رهي سگهن. نفرتن جو خاتمو محبت ساڻ ڪبو آحي. جيڪو مقام محبت سان ماڻي سگهبو تہ اهو نفرت سان ڪو نہ ماڻهي سگهبو پيو تہ هڪ ٻئي سان ڏس سک ۾ هلي وجي تعاون ڪجو. ٻين جي تڪليف پنهنجي ڪي سمجهندا ڪجو. هلي وجي اصلاح ڪرائيندا ڪجو. جيتري قدر ٿي سگهيو تہ ڪنهن جي ڪم ايندا ڪريو. هر ساهہ واري تہ احساس ڪجو. جيئن اوهان جي هٿان ڪنهن کي نقصان نہ پهچي جنهن ڪنهن ساهہ واري تي رحم ڪري راضي ڪيو تہ تنهن چڻ پنهنجي رب پاڪ کي راضي ڪيو.

## استدعا

يا الله جڳ جهان جو خير
ڪل ڪائنات، اشرف المخلوقات جو خير
فقير فقراءِ درويشن اوليائن جو خير
ساڌو سنتن، سوامين، تيرت ياترين جو خير
والدين، اولاد، مٽن مائٽن جو خير
سنگت ساٿي، دوست، دشمن جو خير
چرندڙ پرندڙ هر جيت جيوت جو خير
هندو مسلم، سک، عيسائي هر ذات پات جو خير
عالم اسلام،، هر مزهب دين وَنيا جو خير

امين ثم آمين
ساٿي سات سلامت

سين جو سڄڻ اوهانجو دعاگو خادم الانس
حاجي عبدالڪريم ڀگهيو ولد مرحوم و مغفور غلام حيدر خان ڀگهيو گل ڪالوني محلہ دائود مهيسر
شهر ميهڙ ضلع دادو سنڌ
تاريخ 20 جنوري 2012ع بمطابق 25 صفر 1433هہ ڏينهن جمعو بوقت 11 بجي ڏينهن ڪتاب پورو ڪيم

■.